ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 Years 1958 - 2025
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) خميس 12 فيبروري 2026ع 23 شعبان المعظم 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (181)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

بچاءَ واري وزير خواجا آصف اپوزيشن ليڊر محمود اڇڪزئي جي فوج بابت ڏنل بيان کي غير ذميواراڻو قرار ڏئي ڇڏيو

اسان جي فوجي جوانن جا ڏڙ سسيءَ کان ڏار ڪيا ٿا وڃن، پنجابين جا سڃاڻپ ڪارڊ ڏسي بلوچستان ۾ گوليون هنيون وڃن ٿيون: وزير دفاع

پاڪستاني فوج چئن ضلعن جي فوج آهي، اهڙي غير ذميواراڻي بيان جي اپوزيشن ليڊر مان اميد نه هئي، اپوزيشن ليڊر پاڪ فوج تي الزام لڳائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي: خواجه محمد آصف

گذريل 5 سالن ۾ 3141 فوجين شهادتون ماڻيون، 2021 کان فيبروري 2026 تائين 170 آفيسر شهيد ٿيا، جي سي اوز 212، 2759 جوان شهيد ٿيا، آزاد جمون ۽ ڪشمير مان سڀ کان وڌيڪ 2034 شهادتون ٿيون

هر باشعور انسان چاهي ٿو ته پاڪستان جي فوج سڄي ملڪ جي فوج آهي، بلوچستان ۾ 103، گلگت بلتستان ۾ 161، خيبرپختونخوا ۾ ڪُل 534، پنجاب ۾ 1657 ۽ سنڌ ۾ 452 فوجي شهيد ٿيا

ڪو بڻائي ته چار پاڪ فوج چئن ضلعن جي فوج آهي، ليڊر آف اپوزيشن جو عهدو قومي عهدو آهي، ڪنهن ضلعي جو عهدو ناهي، ان عهدي تي ويهي غير ذميواراڻا بيان ڏيڻ عهدي جي توهين آهي

پنجابين کي گوليون هڻڻ تي بلوچستان مان ڪو به آواز نه ٿو اٿي، هي وطن ۽ قوم جي جنگ آهي، ڪنهن ضلعي جي جنگ ناهي، محمود خان اڇڪزئي پنهنجي نظرين جي پاسداري ڪري پر حملو نه ڪري

پاڪ فوج ڪنهن صوبي يا ضلعي جي فوج ناهي، دهشتگردي جي هن جنگ ۾ اسان روزانو نقصان ڪئي رهيا آهيون، بلوچستان ۾ به سڀ کان وڌيڪ دهشتگرد ماريا ويا، اسلام ۾ رت وهائڻ جي ڪائي اجازت ناهي

پاڪ فوج پنهنجي رت سان پنهنجي حلف جي ترڄماني ڪري رهي آهي، اسان سياستدان گري ايريا ۾ رهندا آهيون، پارٽيون تبديل ڪندا آهيون پر شهيدن پارٽيون تبديل ناهن ڪيون، شهيد اسان جي ريڊ لائن آهن

شهيد اول ۽ آخر پاڪستاني هوندو آهي، ان جو تعلق ڪنهن ضلعي سان ناهي هوندو: قومي اسيمبلي ۾ فوج سان ايڪي ۽ شهيدن کي پيٽا پيش ڪرڻ لاءِ ٺهراءَ اتفاق راءِ سان منظور ڪيو ويو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) بچاءَ واري وزير خواجا آصف اپوزيشن ليڊر محمود اڇڪزئي جي فوج بابت ڏنل بيان کي غير ذميواراڻو قرار ڏئي ڇڏيو، قومي اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي خواجا آصف چيو ته ڪالهه اپوزيشن ليڊر چيو ته پاڪستاني فوج چئن ضلعن جي فوج آهي اهڙي غير ذميواراڻي بيان جي اپوزيشن ليڊر مان اميد نه هئي، اپوزيشن ليڊر پاڪ فوج تي الزام لڳائڻ جي
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اختر مينگل جي قومي اسيمبلي جي رڪنيت تان ڏنل استعيفيٰ منظور

اسپيڪر جي سربراهي ۾ بي اين پي اختر مينگل جي استعيفيٰ منظور ڪئي وئي

سردار اختر مينگل جنوري 2026 تائين ميمبر طور سرورين مراعتون به استعمال ڪندو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) بلوچستان نيشنل پارٽي جي سردار اختر مينگل جي قومي اسيمبليءَ جي رڪنيت تان استعيفيٰ
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

دهشت گردن کي واپس آڻيندڙ آزاد جو گهمي رهيا آهن: ايمل ولي

ملڪ ۾ دهشتگردن جي سهولتڪارن خلاف به ڪارروائي ڪئي وڃي

سيني عقيدن، سياستدانن، مذهبن ۽ فرقن جي ماڻهن کي گڏجي ويهڻ گهرجي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) عوامي نيشنل پارٽي (اي اين پي) جي سربراهه سينيٽر ايمل ولي خان چيو آهي ته هو هزار
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

سنڌ ايڊز ڪنٽرول پروگرام ايچ آءِ وي جي پکيڙ روڪڻ ۾ ناڪام رهيو آهي: رپورٽ

صحت کاتي جو ماتحت ادارو اربين رپيا خرچ ڪرڻ باوجود منصوبن پنهنجا مقصد حاصل نه ڪري سگهيو

سورين مريضن جو فالو اپ نه ڪيو ويو، جنهن سبب مريضن جي تعداد ۾ واڌ ٿي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آڊيٽر جنرل آف پاڪستان پاران جاري ڪيل رپورٽ ۾ سنڌ ايڊز ڪنٽرول پروگرام بابت حيران ڪندڙ انڪشاف ڪيو ويو آهي جنهن موجب ادارو ايچ آءِ وي ايڊز جي پکيڙ کي روڪڻ ۾
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪردستان، آزاد بلوچستان ۽ پشتونستان جا نقشا تيار ٿي رهيا آهن: محمود اڇڪزئي

ڪردستان، آزاد بلوچستان، آزاد پشتونستان، ڪمزور پاڪستان، مذهبي ۽ لساني بنيادن تي رياست ڪئي پٺي وڃي

دهشتگرد ڪرپاڳل ناهن، ماڻهو تڏهن هٿيار کڻن ٿا جڏهن انهن سان انتها جي ناانصافي ٿئي، ناانصافي نفرت پيدا ڪري ٿي

اسان دهشتگردي جهڙي انتهائي خطرناڪ مسئلي تي بحث ڪرڻ وڃي رهيا آهيون، اهو هاڻ عالمي مسئلو آهي

دهشتگردي ڪيئن شروع ٿي؟ ڪڏهن ٿي؟ ان کي سمجهڻ لاءِ ماضي ڏانهن وڃڻو پوندو، طاقت جو سرچشمو هي پارليامينٽ هجڻ گهرجي

پشاور جي ايئر بيس تان آمريڪي جاسوس جهاز روس جي جاسوسي ڪري رهيو هو، جنهن کي روسين ماريو

پاڪستان کي عالمي بدمعاشن جي تجربي گاهه بڻايو ويو، ڪلاشنڪوف ڪلچر، منشيات، راڪيٽ لانچر ۽ تشدد داخل ٿيو

هٿي هٿيار سستا ٿيا، ماڻهو ماريا ويا، شهر تباهه ٿيا ۽ خاص طور ڪراچي سميت سمورو ملڪ رت ۾ وهنجندو رهيو

سنڌ، بلوچستان، خيبر پختونخوا ۽ پنجاب جي وسيلن تي پهريون حق انهن جي ماڻهن جو هجڻ گهرجي: قومي اسيمبلي ۾ مخالف ڌر اڳواڻ محمود اڇڪزئي جو خطاب

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) قومي اسيمبلي ۾ مخالف ڌر اڳواڻ محمود اڇڪزئي چيو آهي ته اسان دهشتگردي جهڙي انتهائي خطرناڪ مسئلي تي بحث ڪرڻ وڃي رهيا آهيون دهشتگردي هاڻي
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پاڪستان ۽ ڪمبوڊيا وچ ۾ جوائنٽ ٽريڊ ڪميٽي جوڙڻ بابت ڏاهه تي صحيحون ڪيون پيون وڃن

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ "ورڪرز ويلفيئر بورڊ سنڌ" جي گورننگ باڊي بابت حڪومتي نوٽيفڪيشن چيلنج

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ "ورڪرز ويلفيئر بورڊ سنڌ" جي گورننگ
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت هارين جي بهتري لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي: اسماعيل راهو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي يونيورسٽين ۽ تعليمي بورڊن جي صوبائي
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي اجلاس: اسپيڪر ڪورم جي نشاندهي نظرانداز ڪري ڇڏي، ڪيئي بل منظور

"ڪٽي لڪيل آهي ته بار بار ڪورم جي نشاندهي ڪئي ويندي." اسپيڪر اياز صادق جو اجلاس ۾ پڇاڙو

پاڪستاني شهريت (ترميمي) بل 2025 ۽ پنگ جي انتظام ۽ ريگيوليٽري اٿارٽي (ترميمي) بل 2026 به اڪثريت راءِ سان منظور

بل ۾ عاليه ڪامران جي ترميم اڪثريت راءِ سان رد ڪئي وئي، ان ڪانپوءِ قومي اسيمبلي جو اجلاس سوائي صبح 11 وڳي تائين ملتوي ڪيو ويو

اسلام آباد (ويب ڊيسڪ) قومي اسيمبلي جي نشاندهي کي نظرانداز ڪري قانون سازي جاري رکي، ڪورم جي نشاندهي تي اسپيڪر اياز صادق اجلاس دوران ڪورم اسپيڪر چيو ته "ڪٽي لڪيل آهي ته بار
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

زرعي شعبي کي مضبوط بڻائڻ کان سواءِ قومي معيشت جو استحڪام ممڪن ناهي: ناصر شاهه

منهنجو تعلق پڻ هاري خاندان سان آهي، جنهن ڀهراڙي جي معيشت ۽ هارين جي مسئلن کي سمجهان ٿو

سنڌ حڪومت هارين، آبادگارن ۽ جي فلاح ۽ بهبود لاءِ مضبوط ۽ ڊگهي مدي وارا قدم کڻي پئي

صوبي هاري ڪارڊ جاري ڪري سبسڊي ۽ مالي مدد کي شفاف ۽ سڌي طرح ممڪن بڻايو آهي: آبادگار فورم کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته زرعي شعبي کي مضبوط بڻائڻ کان سواءِ قومي معيشت جو استحڪام ممڪن ناهي ۽ سنڌ حڪومت هارين، آبادگارن ۽ جي فلاح ۽ بهبود لاءِ مضبوط ۽ ڊگهي مدي وارا قدم کڻي رهي آهي. صوبائي وزير ڪراچي يونيورسٽي ۾ منعقد ٿيل سنڌ
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ڪڇهه ماڻهو اجا تائين منفي سياست ۽ انتشار پکيڙڻ کان باز نٿا اچن: نثار کهڙو

ماضي ۾ چيو ويو ته پاڪستان کي اڪيلو ڪري ڇڏينداسين پر اڄ اهي ئي عنصر نريندر مودي کي ياد ڪن پيا

وفاقي وزير ڪراچي کي وفاق حوالي ڪرڻ جون ڳالهيون ڪن پيا ته پوءِ ان جو جواب وزيراعظم کي ڏيڻ گهرجي

8 فيبروري آئي ۽ گذري وئي ڪڇهه مظاهرا به ٿيا، پر مجموعي طور حالتون بهتر رهيون ۽ ڪيترائي ماڻهو بي نقاب ٿيا

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) پ پ سنڌ جي صدر پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جي چيئرمين نثار کهڙو چيو آهي ته جيڪڏهن وفاقي وزير ڪراچي کي وفاق حوالي ڪرڻ جون ڳالهيون ڪري رهيا آهن
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: پ پ سنڌ جو صدر نثار کهڙو عاجز ڌامراهه جي رهائشگاهه تي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪراچي ۾ غير قانوني ڪرنسي ايڪسچينج ۾ ملوث عورت سميت ٻن جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي ڪمرشل
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ گهر اندران 24 سالن جي عورت جو لاش هٿ آيو، اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ اتحاد ٽائون ٿاڻي جي حد بلديا جي علائقي اتحاد
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڊجيٽل پراپرٽي رجسٽريشن پرڏيهه ۾ ترسيل پاڪستانين لاءِ انقلابي ۽ تاريخي قدم آهي: شرجيل ميمڻ

سنڌ رجسٽريشن ايڪٽ ۾ ترميم ڪانپوءِ ڪين رجسٽريشن آفيسن ۾ ذاتي حاضري کان ڇوٽ حاصل هوندي

لاڙڪاڻي ۾ جديد فروٽ اينڊ ويجيٽيبل مارڪيٽ جو قيام زرعي معيشت کي مضبوط ڪندو

ڪنزيومر ڪورٽس کي ٽريفڪ ڪورٽس ۾ تبديل ڪرڻ جو فيصلو شهرين کي فوري انصاف جي فراهمي لاءِ ڪيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ڊجيٽل پراپرٽي رجسٽريشن جو شروع ٿيڻ ملڪ کان ٻاهر ترسيل پاڪستانين جي
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

عورتن کي رسمي ۽ غير رسمي شعبن ۾ ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو: ام ليلا اظهر

سرڪاري نوڪري، خانگي ملازمت دوران امتياز، هراساني ۽ مزدورن جي حقن بابت قانون موجود آهن

ڪم وارين جڳهين تي عورتن لاءِ برابر پاليسيون، برابر پگهار، هراساني کان تحفظ ضروري آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) قومي ڪميشن براءِ وقار نسوان اقوام متحده جي ترقياتي پروگرام ۽ ورمين (اين سي ڊي ڊبليو)
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

سيوهڻ ۾ گهرو تڪرار تان جوابدار پنهنجي ڀيڻ کي گولي هڻي فرار ٿي ويو

شاهي بازار پاڙي ۾ جوابدار رحمان مغل پنهنجي ڀيڻ فاطمه ڌيءُ عبدالله مغل

زخمي ناري کي عبد الله شاهه انسٽيٽيوٽ منتقل ڪري طبي امداد ڏني وئي، جاچ شروع

سيوهڻ(ن ع) سيوهڻ جي شاهي بازار پاڙي ۾ پاءِ پستل سان فائر ڪري پنهنجي 22 سالن جي نوجوان ڀيڻ کي سرٽيفڪيٽ ڪري
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: سنڌو ڪناري هڪ نينگر گهوڙي تي وڃي رهيو آهي

ٽنڊوڄام پوليس شاگرد سميت چئن ڄڻن کي تشدد بعد لاڪپ ڪري ڇڏيو، ڌرڻو، روڊ بلاڪ

مظاهرين ٿاڻي اڳيان احتجاجي ڌرڻو هڻي ٽائرن کي باهيون ڏئي روڊ بند ڪري ڇڏيو، ٽريفڪ معطل

ڪورٽ مان ضمانت ڪرائڻ بعد پوليس بيان وٺڻ بهاني 14 سالن جي عبدالباسط چانڊيو ۽ ڀين کي تشدد ڪيو

اسان جي سامهون تشدد ڪري لاڪپ ڪيو ويو، انصاف نه مليو ته پنهنجو پاڻ کي باهه ڏئي ساڙينداسين: مظاهرين

ٽنڊوڄام (ت ر) ٽنڊوڄام پوليس اٿين ڪلاس جي شاگرد سميت چئن ڄڻن کي تشدد بعد لاڪپ ڪري ڇڏيو ڳوٺ بهادر چانڊيو واسين جو عورتن سميت پوليس خلاف ڌرڻو روڊ بلاڪ خبر موجب ٽنڊوڄام
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ملتان: فيصل آباد ۽ سرگودا ڊويزن جي ٽيمن وچ ۾ باسڪيٽ بال جو مقابلو ٿي رهيو آهي

سنڌ جي ثقافت ۽ سياحت کاتي بابت سوشل ميڊيا تي پرتين جا آرڊر جعلي آهن: ترجمان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ترجمان کاتي ثقافت
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

هٿايل ايس ايڇ او مٽان عورت جي اغوا معاملي ۾ گرفتار جوابدارن کي رشوت وٺي آزاد ڪرڻ جا الزام

ڄامشورو: ڄامشورو اي سيڪشن ٿاڻي جي
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ننگرپارڪر ۾ پسند جي شادي نه ٿيڻ تان جوڙي هڪ ئي وڻ ۾ ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي

ڳوٺ آڏيگام ۾ 14 سالن جي ڏيارام ۽ 14 ورهين جي ونو ڪولهي وڻ ۾ رسو ٻڌي زندگي جو انت آندو

اطلاع تي ننگرپارڪر پوليس واقعي هنڌ پهچي لاش ڪٽائي اسپتال منتقل ڪيا، ڪارروائي بعد وارثن حوالي

ٻنهي گهر کان ڪجهه مفاصلي تي ببيل وڻ ۾ رسو ٻڌي خودڪشي ڪري ڇڏي آهي، وڌيڪ جاچ ڪيون پيا: پوليس

ننگرپارڪر (ن ع) ننگرپارڪر جي ڳوٺ آڏيگام ۾ پسند جو پرڻو نه ٿيڻ تان جوڙي 14 سالن جي ڏيارام پٽ تيجو ڪولهي ۽ 14 سالن جي ونو ڌي انچلو ڪولهي وڻ ۾ رسو ٻڌي خودڪشي ڪري ڇڏي اطلاع ملڻ تي ننگرپارڪر پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ننگرپارڪر اسپتال پهچايا، جتي لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪري ڇڏيا ننگرپارڪر پوليس صحافين کي ٻڌايو ته ٻنهي گڏجي اربع واري رات جو رسو کڻي گهرن کان ڪجهه مفاصلي تي
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ننگرپارڪر: وڻ ۾ پاڻ ٽنگي آپگهات ڪندڙ جوڙي جا لاش ٽنگيل آهن

ڪيرو لڳ نوجوان ناري پاڻ کي ڦاهو ڏئي انت آڻي ڇڏيو، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ مورهڏي ۾ 16 ورهين جي پوني ڌي ارجن ڪولهي انتهائي قدم کنيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٽائي ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

ڪيرو (ن ع) ڪيرو لڳ ڳوٺ مورهڏي ۾ 16 ورهين جي نينگري پوني ڌي ارجن ڪولهي گهر اندر ڦاهو کائي انت آڻي ڇڏيو واقعي جي اطلاع تي ڪيرو پوليس پهچي لاش ڪٽائي ڪيرو جي تعلقي اسپتال آندو جتي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد وارثن حوالي ڪيو ويو ڪيرو پوليس موجب نينگري جي وارثن ٻڌايو ته نينگري جو دماغي توازن صحيح نه هو ۽ ڪجهه وقت اڳ پڻ آپگهات جي ڪوشش ڪئي هئي

وزيراعظم جو نيپرا طرفان سولر بابت نوان ريگيوليشنز جاري ڪرڻ جو نوٽيس، لاڳاپيل اختيارين کي هدايتون

وزيراعظم جي صدارت هيٺ نيپرا جي نئين ريگيوليشنز بابت اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو، سولر واهپيدارن بابت نون ريگيوليشن تي پڇاڙو

نيپرا کي سولر واهپيدارن جي ڪانٽريڪٽ جي تحفظ بابت نظرثاني اپيل داخل ڪرڻ ۽ موجودا ڪانٽريڪٽس جو هر ممڪن تحفظ يقيني بڻائڻ جي هدايت

نون صارفين لاءِ نيشنل گرڊ کي وڪرو ڪيل بجلي جي في يونٽ ريٽ ۾ 17 رپيا 19 پئسا وڌي گهٽتائي ڪئي وئي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف نيپرا طرفان سولر بابت نوان ريگيوليشنز جاري ڪرڻ جو نوٽيس وٺي ڇڏيو وزيراعظم جي صدارت هيٺ نيپرا جي نئين ريگيوليشنز بابت اعليٰ سطحي
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

نيپرا 300 يونٽ ماهوار تائين گهريلو واهپيدارن تي به فڪسڊ چارجز لڳائي ڇڏيا

فڪسڊ چارجز پروٽيڪٽڊ ۽ نان پروٽيڪٽڊ واهپيدارن تي لڳايا ويا، اڳ 300 يونٽ کان وڌيڪ استعمال وارن نان پروٽيڪٽڊ واهپيدارن تي فڪسڊ چارجز لاڳو هئا

ماهوار 200 يونٽ بجلي استعمال ڪندڙ پروٽيڪٽڊ گهريلو واهپيدارن تي 300 رپيا ماهوار فڪسڊ چارجز لڳايا ويا آهن

نيپرا جي فيصلي موجب ماهوار 301 کان 400 يونٽ تائين وارن نان پروٽيڪٽڊ واهپيدارن تي فڪسڊ چارجز 200 رپيا واڌ سان 400 رپيا ڪيا ويا

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (نيپرا) 300 يونٽ ماهوار تائين جي گهريلو واهپيدارن تي به فڪسڊ چارجز لاڳو ڪري ڇڏيا، نيپرا فڪسڊ چارجز جي حوالي سان پاور ڊويزن جي درخواست تي فيصلو جاري ڪري ڇڏيو فڪسڊ چارجز پروٽيڪٽڊ ۽
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

اڳوڻو آرمي چيف قمر جاويد باجوا حادثي جو شڪار، اسپتال ۾ داخل

جنرل (ر) قمر جاويد باجوا کي ڪرڻ سبب جسم جي مختلف حصن تي ڌڪ لڳا

جنرل رٽائرڊ باجوا جي مٿي تي زخم آيا آهن ۽ هو آءِ سي يو ۾ علاج هيٺ آهي: خانداني ذريعا

اسلام آباد(م ڊ) اڳوڻو آرمي چيف جنرل رٽائرڊ قمر جاويد باجوا پنهنجي گهر ۾ ڪري پيو ڏريعن موجب، جنرل رٽائرڊ قمر
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: قزاقستان جو سفير يرزهان قستافين وفاقي وزير مصدق ملڪ سان ملاقات ڪري رهيو آهي

احتجاج هر شهري جو آئيني حق آهي، پر عوامي زندگي مفلوج ڪرڻ کي برداشت نه ڪيو ويندو: وڏو وزير

مراد علي شاهه ڪراچي ۾ مختلف هنڌن تي جاري ڌرڻن سبب پيدا ٿيل خراب صورتحال تي ڪاوڙ جو اظهار

ٽريفڪ جي فوري بحالي لاءِ قدم کنيا وڃن ۽ شهرين لاءِ متبادل رستن جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي

ڊي آءِ خان جو واقعو بزدلانه ڪارروائي آهي ۽ معصوم جانين جو زيان ناقابل برداشت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه ڪراچي ۾ مختلف هنڌن تي جاري ڌرڻن سبب پيدا ٿيل ٽريفڪ جي خراب صورتحال تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو آهي، هن چيو ته شهرين کي ڪلاڪن تائين ٽريفڪ ۾ ڦاسائي رکڻ ڪنهن به صورت ۾ قابل قبول ناهي، وزيراعليٰ چيو
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

گهوٽڪي: گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار ۽ آءِ جي جاويد عالم اوڍو ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

هاڻي به موقعو آهي جيڪي قانون آڏو سرينڊر ٿيڻ چاهين ٿا اهي فوراً پاڻ پوليس حوالي ڪن: گهرو وزير

ڌاڙيلن کي جلد ئي وڏو سرپرائز ڏينداسين، اسان جديد هٿيار، ايڊوانس ڊرون ۽ ٻيا آلات آرڊر ڪري ڇڏيا آهن

ڪچي علائقي ۾ رياستي رٽ جي قيام ٿيڻ تائين ميگا آپريشن "نجات مهراڻ" پوري قوت سان جاري رهندو

شاباش آهي پوليس ۽ رينجرز کي جن ڪچي ۾ اڳين مورچن ڏانهن اڳڀرائي شروع ڪري وڏي قدم کنيو آهي

گهوٽڪي (رپورٽ فرمان سومرو) سنڌ جي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار گهوٽڪي جي علائقي روڻتي ۾ قائم بند جو دورو ڪيو ۽ سيڪيورٽي انتظامن سميت ضلعي ۾ امن امان جي مجموعي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو دوري دوران آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو پڻ گهرو وزير سان گڏ موجود هئا
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ وڏو مسئلو اسٽريٽ ڪرائم آهي، منظر ڏوهه پوليس جي سرپرستي کانسواءِ ممڪن ناهي: پوليس چيف

گهٽ سزا جي شرح ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته پوليس، پراسيڪيوشن ۽ عدالتي نظام جي وچ ۾ فرق آهي

اهلڪارن کي بهتر ڪم ڪندڙ حالتون، عزت ۽ حوصلا افزائي ڏني وڃي ته بهتر نتيجا حاصل ڪري سگهجن ٿا

ايس ايڇ اوز جي مقرري جي معيار ۾ تبديليون ڪنداسين، هڪ سال تائين شهر ۾ رهائش ضروري هوندي

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) ڪراچي جي ٿاڻن ۾ ايس ايڇ اوز جي مقرري سميت ڪاتي سان لاڳاپيل سيني پهلوئن تي ڪراچي پوليس جي چيف تفصيل سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ڪراچي پوليس چيف آزاد خان صحافين سان غير رسمي ۽ ڪليل انداز ۾ ڳالهائيندي چيو ته سوشل ميڊيا جي هن تيز رفتار دور ۾ پوليس کي به آهستي
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پارڪنگ پلازه ويجهو ٽريفڪ جام نظر اچي رهيو آهي

ڄامشورو ۾ حيسڪو جو آپريشن، 45 ڊفالٽرن ۽ 30 غيرقانوني ڪنيڪشن ڪاٽيا

ڄامشورو ۾ حيسڪو جو آپريشن، 45 ڊفالٽرن ۽ 30 غيرقانوني ڪنيڪشن ڪاٽا

سنڌ يونيورسٽي ڪالوني ۾ بجلي چورن ۽ ڊفالٽرن خلاف پوليس ۽ رينجرس سان گڏجي آپريشن ڪيو ويو

ڪنهن تي بلاجواز ڊ ڊڪيشن لڳل آهي ته ان جي جائز شڪايت پڌي رليف ڏنو ويندو: ايس ڊي او

ڄامشورو (ڊ ر) سنڌ يونيورسٽي ڪالوني ۾ حيسڪو واپڊا پوليس رينجرس جي مدد سان بجلي چورن ۽ رهڻن خلاف ڪريڪ
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

مهراڻ يونيورسٽي ۾ نادرا پاران جديد ڊجيٽل سڃاڻپ نظام بابت آگاهي سيمينار

سيمينار دوران ڊي جي نادرا پاران شهر ۾ نادرا ميگا سينٽر کولڻ جو اعلان پڻ ڪيو ويو

شاگرد ملڪ جو قيمتي اثاثو آهن ۽ جديد ٽيڪنالاجي مان فائدو وٺي سگهن ٿا: خطاب

ڄامشورو (ڊ ر) مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ پاڪ آءِ ڊي موبائل ايپ بابت آگاهي ڪانفرنس منعقد ٿي جنهن ۾ ڊپٽي
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

پ پ کي ڪير به شڪست نٿو ڏئي سگهي: منور ٽالپر

پ پ عوامي پارٽي آهي، جيڪا عوام جي خدمت تي يقين رکي ٿي

مراد علي شاهه ۽ سنڌ جي ڪابينا عوام جي مسئلن جي حل لاءِ ڏينهن رات ڪوشان آهيون

سنڌي ۽ مهاجرن جو ڪو جهيڙو ناهي، سنڌ ۾ رهندڙ سڀ پاڻ ۽ پاڪستاني آهي: عبرت

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) صدر آصف علي زرداري جي ڀيڻوئي ۽ فريال ٽالپر جي مڙس قومي اسيمبلي جي ميمبر
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: عبرت جو بيورو چيف مجيد عباسي ايم اين اي مير منور ٽالپر سان ملي رهيو آهي

دادو ۾ سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس جو پرو وائيس چانسلر فوري طور معطل

صوبائي وزير سوشل ميڊيا تي وائرل وڊيوز ۽ نامناسب ورتاءُ واري معاملي جو نوٽيس ورتو

پرو وائيس چانسلر پروفيسر اظهر شاهه کي معطل ڪري جاچ جا حڪم جاري ڪيا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) يونيورسٽين ۽ تعليمي بورڊن جي وزير محمد اسماعيل راهو جي نوٽيس وٺڻ بعد سيڪريٽري
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

خانداني دوست ورڪ پاليسي پاليمينٽري انساني وسيلن جي بهتري لاءِ اهم آهن: اسٽيڪ هولڊرز

سنڌ جي ڀهراڙين ۾ عورتن لاءِ ٻارن جي سار سنڀال جي سهولتن جي ضرورت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) حڪومت، پارليامينٽ، گڏيل قومن ۽ نجي شعبي سان تعلق رکندڙ مختلف اسٽيڪ هولڊرز ان
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

گل پلازه سانحي بابت جوڊيشل عدالتي ڪميشن پاران عوام کان شاهديون طلب ڪرڻ جو اعلان

واقعي جي جي جاچ لاءِ جوڊيشل ڪميشن جو پهريون اجلاس جسٽس آغا فيصل جي سربراهي ۾ ٿيو

اجلاس ۾ پبلڪ نوٽس جاري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو، ڪميشن جا ٽي او آر شامل هوندا

سانحي سان لاڳاپيل ڪنهن به اهم معلومات رکندڙ ماڻهو اي ميل ذريعي رابطو ڪري سگهن ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ سانحو گل پلازه جي جاچ لاءِ جوڊيشل ڪميشن جو پهريون اجلاس جسٽس آغا فيصل جي سربراهي ۾ ٿيو جنهن ۾ ڪميشنر ڪراچي، سيڪريٽري قانون ۽ داخله پڻ
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير ڄام ڪمال ڪمبوڊيا جي وزير ڄم نمل کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۾ 3 ڄڻا فوت ٿي ويا

سعدي ٽائون ويجهو روڊ حادثي ۾ عبدالله ولد زاهد چشتي فوت ٿي ويو

پرانيور چورڪ رٽ حادثي ۾ محمود حسين شاهه ۽ عمارت تان ڪرڻ سبب اڻڄاتل شخ فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۾ 3 ڄڻا فوت ٿي ويا. سعدي ٽائون اسڪيم 33 چيڪ پوسٽ نمبر 5 جي ويجهو روڊ حادثي ۾ عبدالله ولد زاهد چشتي فوت ٿي ويو جوهر
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڊي آءِ خان: دهشتگردن جو پوليس تي حملو، ايس ايڇ او سميت 4 اهلڪار شهيد

واڻدا ۾ دهشتگردن پوليس آپريشن پارٽي تي فائرنگ ڪئي، ايس ايڇ او ظهير ممتاز سميت 4 اهلڪار شهيد ٿيا

واقعي ڪانپوءِ پوليس جي وڌيڪ ٽيمون پهچي ويون ۽ شهيدن جا لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، سرچ آپريشن

ڊي آءِ خان (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڊيرا اسماعيل خان جي علائقي واڻدا بڍ ۾ دهشتگردن جي فائرنگ ۾ ايس ايڇ او
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير واقعي جو سختي سان نوٽيس ورتو، گهرو وزير ضياءَ لنجار کان رپورٽ طلب

ڄامشورو ۾ پورهيت عورت جي قتل جو معامرو ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي واقعي واري هنڌ پهتا

پوليس قتل ڪيس ۾ نامزد ڇاڻايل جوابدارن جي گهرن ۽ سامان کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو

واقعي جي گهڻ رخي جاچ جاري آهي، جوابدارن جا ڪجهه سهولتڪار گرفتار ڪيا آهن: طارق رزاق ڌاريجو

شروعاتي جاچ موجب عورت کي زيادتي بعد قتل ڪيو ويو آهي، جوابدارن کي معاف نه ڪيو ويندو

ڄامشورو (رپورٽ عرفان برڦت) ڄامشورو ۾ پورهيت عورت صبرين پٺاڻ کي قتل ڪرڻ واري واقعي جو وڏي وزير سيد مراد علي شاهه نوٽيس ورتو آهي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه گهرو وزير ضياءَ لنجار کان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي جڏهن ته آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جي هدايت تي ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق ڌاريجو ۽ ايس ايس پي ڄامشورو ظفر صديق ڇانگا جي اڳواڻي ۾ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ملڻ واري هنڌ جو معائنو ڪيو ان
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڄامشورو ۽ حيدرآباد جي ايس ايس پيز مقتول عورتن جي وارثن وٽ پهچي تعزيت ڪئي

ڄامشورو: ايس ايس پي حيدرآباد عديل احمد چانڊيو ۽ ايس ايس پي ڄامشورو ظفر صديق ڇانگا قتل ٿيل عورت صبرين پٺاڻ
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

عورت جي اغوا بعد ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ وارثن کان پيسا گهرندڙ ايس ايڇ او

ڊي آءِ جي حيدرآباد ناري صبرين پٺاڻ جي وارثن کان پئسا گهرڻ واري معاملي جو نوٽيس ورتو

اي سيڪشن ٿاڻي جي ايس ايڇ او سڄاد جمالي کي رورٽ ڪندي معطل ڪري

ڄامشورو: ڪي پي کي واسع عورت صبرين پٺاڻ جي اغوا دوران واقعي جو ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ وارثن کان پيسا گهرڻ جي الزام هيٺ ايس ايڇ او سڄاد جمالي کي رپورٽ ڪري معطل ڪيو ويو آهي ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق ڌاريجو سوشل ميڊيا تي هلندڙ پوليس پاران صبرين پٺاڻ معاملي تي
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

Daily Ibrat Hyderabad Thursday 12 February 2026
سال (18) خميس 12 فيبروري 2026ع 23 شعبان المعظم 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (144)

ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN

هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار

THE DAILY IBRAT Hyderabad

روزاني عبرت حيدرآباد

68 Years 1958 - 2025

Regd: NO-2430-B

Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277

Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8

سال (94) خميس 12 فيبروري 2026ع 23 شعبان المعظم 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (181)

website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

اختر مينگل جي قومي اسيمبلي جي رڪنيت تان ڏنل استعيفيٰ منظور

اسپيڪر جي سربراهي ۾ بي اين پي اختر مينگل جي استعيفيٰ منظور ڪئي وئي

سردار اختر مينگل جنوري 2026 تائين ميمبر طور سموريون مراعتون به استعمال ڪندو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) بلوچستان نيشنل پارٽي جي سردار اختر مينگل جي قومي اسيمبليءَ جي رڪنيت تان استعيفيٰ بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

دهشت گردن کي واپس آڻيندڙ آزاد جو گهمي رهيا آهن: ايمل ولي

ملڪ ۾ دهشتگردن جي سهولتڪارن خلاف به ڪارروائي ڪئي وڃي

سڀني عقيدن، سياستدانن، مذهبن ۽ فرقن جي ماڻهن کي گڏجي ويهڻ گهرجي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) عوامي نيشنل پارٽي (اي اين پي) جي سربراهه سينيٽر ايمل ولي خان چيو آهي ته هو هزار بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

سنڌ ايڊز ڪنٽرول پروگرام ايڇ آءِ وي جي پکيڙ روڪڻ ۾ ناڪام رهيو آهي: رپورٽ

صحت کاتي جو ماتحت ادارو اربين رپيا خرچ ڪرڻ باوجود منصوبن پنهنجا مقصد حاصل نه ڪري سگهيو

سوين مريضن جو فالو اپ نه ڪيو ويو، جنهن سبب مريضن جي تعداد ۾ واڌ ٿي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آڊيٽر جنرل آف پاڪستان پاران جاري ڪيل رپورٽ ۾ سنڌ ايڊز ڪنٽرول پروگرام بابت حيران ڪندڙ انڪشاف ڪيو ويو آهي جنهن موجب ادارو ايڇ آءِ وي ايڊز جي پکيڙ کي روڪڻ ۾ بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪردستان، آزاد بلوچستان ۽ پشتونستان جا نقشا تيار ٿي رهيا آهن: محمود اڇڪزئي

ڪردستان، آزاد بلوچستان، آزاد پشتونستان، ڪمزور پاڪستان، مذهبي ۽ لساني بنيادن تي ورهاست ڪئي پئي وڃي

دهشتگرد ڪو پاڳل ناهن. ماڻهو ته هٿيار کڻن ٿا جڏهن انهن سان انتها جي ناانصافي ٿئي. ناانصافي نفرت پيدا ڪري ٿي

اسان دهشتگردي جهڙي انتهائي خطرناڪ مسئلي تي بحث ڪرڻ وڃي رهيا آهيون. اهو هاڻ عالمي مسئلو آهي

دهشتگردي ڪيئن شروع ٿي؟ ڪڏهن ٿي؟ ان کي سمجهڻ لاءِ ماضي ڏانهن وڃڻو پوندو. طاقت جو سرچشمو هي پارليامينٽ هجڻ گهرجي

پشاور جي ايئر بيس تان آمريڪي جاسوس جهاز روس جي جاسوسي ڪري رهيو هو. جنهن کي روسين ماريو

پاڪستان کي عالمي بدمعاشن جي تجربي گاهه بڻايو ويو. ڪلاشنڪوف ڪلچر، منشيات، راڪيٽ لانچر ۽ تشدد داخل ٿيو

هٿي هٿيار سستا ٿيا. ماڻهو ماريا ويا. شهر تباهه ٿيا ۽ خاص طور ڪراچي سميت سمورو ملڪ رت ۾ وهنجندڙ رهيو

سنڌ، بلوچستان، خيبر پختونخوا ۽ پنجاب جي وسيلن تي پهريون حق انهن جي ماڻهن جو هجڻ گهرجي: قومي اسيمبلي ۾ مخالف ڌر اڳواڻ محمود اڇڪزئي جو خطاب

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) قومي اسيمبلي ۾ مخالف ڌر اڳواڻ محمود اڇڪزئي چيو آهي ته اسان دهشتگردي جهڙي انتهائي خطرناڪ مسئلي تي بحث ڪرڻ وڃي رهيا آهيون دهشتگردي هاڻي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: پاڪستان ۽ ڪمبوڊيا وچ ۾ جوائنٽ ٽريڊ ڪميٽي جوڙڻ بابت ناهه تي صحيحون ڪيون پيون وڃن

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ "ورڪرز ويلفيئر بورڊ سنڌ" جي گورننگ باڊي بابت حڪومتي نوٽيفڪيشن چيلنج

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ "ورڪرز ويلفيئر بورڊ سنڌ" جي گورننگ بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت هارين جي بهتري لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي: اسماعيل راهو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي يونيورسٽين ۽ تعليمي بورڊن جي صوبائي بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي اجلاس: اسپيڪر ڪورم جي نشاندهي نظرانداز ڪري ڇڏي، ڪيئي بل منظور

"ڪٽي لڪيل آهي ته بار بار ڪورم جي نشاندهي ڪئي ويندي." اسپيڪر اياز صادق جو اجلاس ۾ پڇاڙو

پاڪستاني شهريت (ترميمي) بل 2025 ۽ ڀنگ جي انتظام ۽ ريگوليٽري اٿارٽي (ترميمي) بل 2026 به اڪثريت راءِ سان منظور

بل ۾ عاليه ڪامران جي ترميم اڪثريت راءِ سان رد ڪئي وئي، ان ڪانپوءِ قومي اسيمبلي جو اجلاس سوائي صبح 11 وڳي تائين ملتوي ڪيو ويو

اسلام آباد (ويب ڊيسڪ) قومي اسيمبلي اسپيڪر اياز صادق اجلاس دوران ڪورم جي نشاندهي کي نظرانداز ڪري قانون سازي جاري رکي. ڪورم جي نشاندهي تي اسپيڪر چيو ته "ڪٽي لڪيل آهي ته بار بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

زرعي شعبي کي مضبوط بڻائڻ کان سواءِ قومي معيشت جو استحڪام ممڪن ناهي: ناصر شاهه

منهنجو تعلق پڻ هاري خاندان سان آهي، جنهن ڀهراڙي جي معيشت ۽ هارين جي مسئلن کي سمجهڻ ٿو

سنڌ حڪومت هارين، آبادگارن ۽ جي فلاح ۽ بهبود لاءِ مضبوط ۽ ڏگهي مدي وارا قدم کڻي پئي

صوبي هاري ڪارڊ جاري ڪري سبسڊي ۽ مالي مدد کي شفاف ۽ سڌي طرح ممڪن بڻايو آهي: آبادگار فورم کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته زرعي شعبي کي مضبوط بڻائڻ کان سواءِ قومي معيشت جو استحڪام ممڪن ناهي ۽ سنڌ حڪومت هارين، آبادگارن ۽ جي فلاح ۽ بهبود لاءِ مضبوط ۽ ڏگهي مدي وارا قدم کڻي رهي آهي. صوبائي وزير ڪراچي يونيورسٽي ۾ منعقد ٿيل سنڌ بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ڪجهه ماڻهو اڃا تائين منفي سياست ۽ انتشار پکيڙڻ کان باز نٿا اچن: نثار کهڙو

ماضي ۾ چيو ويو ته پاڪستان کي اڪيلو ڪري ڇڏينداسين پر اڄ اهي ئي عنصر نريندر مودي کي ياد ڪن پيا

وفاقي وزير ڪراچي کي وفاق حوالي ڪرڻ جون ڳالهيون ڪن پيا ته پوءِ ان جو جواب وزيراعظم کي ڏيڻ گهرجي

8 فيبروري آئي ۽ گذري وئي ڪجهه مظاهرا به ٿيا، پر مجموعي طور حالتون بهتر رهيون ۽ ڪيترائي ماڻهو بي نقاب ٿيا

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) پ پ سنڌ جي صدر پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جي چيئرمين نثار کهڙو چيو آهي ته جيڪڏهن وفاقي وزير ڪراچي کي وفاق حوالي ڪرڻ جون ڳالهيون ڪري رهيا آهن بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: پ پ سنڌ جو صدر نثار کهڙو عاجز ڌامراهه جي رهائشگاهه تي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪراچي ۾ غير قانوني ڪرنسي ايڪسچينج ۾ ملوث عورت سميت ٻن جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي ڪمرشل بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ گهر اندران 24 سالن جي عورت جو لاش هٿ آيو، اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ اتحاد ٽائون ٿاڻي جي حد بلديا جي علائقي اتحاد بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڊجيٽل پراپرٽي رجسٽريشن پرڏيهه ۾ ترسيل پاڪستانين لاءِ انقلابي ۽ تاريخي قدم آهي: شرجيل ميمڻ

سنڌ رجسٽريشن ايڪٽ ۾ ترميم ڪانپوءِ ڪين رجسٽريشن آفيسن ۾ ذاتي حاضري کان ڇوٽ حاصل هوندي

لاڙڪاڻي ۾ جديد فروٽ اينڊ ويجيٽيبل مارڪيٽ جو قيام زرعي معيشت کي مضبوط ڪندو

ڪنزيومر ڪورٽس کي ٽريفڪ ڪورٽس ۾ تبديل ڪرڻ جو فيصلو شهرين کي فوري انصاف جي فراهمي لاءِ ڪيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ڊجيٽل پراپرٽي رجسٽريشن جو شروع ٿيڻ ملڪ کان ٻاهر ترسيل پاڪستانين جي بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

عورتن کي رسمي ۽ غير رسمي شعبن ۾ ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو: ام ليلا اظهر

سرڪاري نوڪري کانگي ملازمت دوران امتياز، هراساني ۽ مزدورن جي حقن بابت قانون موجود آهن

ڪم وارين جڳهين تي عورتن لاءِ برابر پاليسيون، برابر پگهار، هراساني کان تحفظ ضروري آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) قومي ڪميشن برائ وقار نسوان اقوام متحده جي ترقياتي پروگرام ۽ ورمين (اين سي ڊي ڊبليو) بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

سيوهڻ ۾ گهرو تڪرار تان جوابدار پنهنجي ڀيڻ کي گولي هڻي فرار ٿي ويو

شاهي بازار پاڙي ۾ جوابدار رحمان مغل پنهنجي ڀيڻ فاطمه ڌيءُ عبدالله مغل

زخمي ناري کي عبد الله شاهه انسٽيٽيوٽ منتقل ڪري طبي امداد ڏني وئي، جاچ شروع

سيوهڻ (ن ع) سيوهڻ جي شاهي بازار پاڙي ۾ رهاءِ پستل سان فائر ڪري پنهنجي 22 سالن جي نوجوان ڀيڻ کي سرڪينگ ڪري بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2


حيدرآباد: سنڌو ڪناري هڪ نينگر گهوڙي تي وڃي رهيو آهي

ٽنڊوڄام پوليس شاگرد سميت ڇهن ڄڻن کي تشدد بعد لاڪپ ڪري ڇڏيو، ڌرڻو، روڊ بلاڪ

مظاهرين ٿاڻي اڳيان احتجاجي ڌرڻو هڻي ٿاڻي کي ٻاهيون ڏئي روڊ بند ڪري ڇڏيو، ٽريفڪ معطل

ڪورٽ مان ضمانت ڪرائڻ بعد پوليس بيان وٺڻ بهاني 14 سالن جي عبدالباسط چانڊيو ۽ ٻين کي تشدد ڪيو

اسان جي سامهون تشدد ڪري لاڪپ ڪيو ويو. انصاف نه مليو ته پنهنجو پاڻ کي باهه ڏئي ساڙينداسين: مظاهرين

ٽنڊوڄام (ت ر) ٽنڊوڄام پوليس اٺين ڪلاس جي شاگرد سميت ڇهن ڄڻن کي تشدد بعد لاڪپ ڪري ڇڏيو، ڳوٺ بهادر چانڊيو واسين جو عورتن سميت پوليس خلاف ڌرڻو روڊ بلاڪ. خبر موجب ٽنڊوڄام بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ملتان: فيصل آباد ۽ سرگوڌا ڊويزن جي ٽيمن وچ ۾ باسڪيٽ بال جو مقابلو ٿي رهيو آهي

سنڌ جي ثقافت ۽ سياحت کاتي بابت سوشل ميڊيا تي پرتين جا آرڊر جعلي آهن: ترجمان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ترجمان کاتي ثقافت بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

هٽايل ايس ايڇ او مٽان عورت جي اغوا معاملي ۾ گرفتار جوابدارن کي رشوت وٺي آزاد ڪرڻ جا الزام

ڄامشورو: ڄامشورو اي سيڪشن ٿاڻي جي بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ٽنگيارڪر ۾ پسند جي شادي نه ٿيڻ تان جوڙي هڪ ئي وڻ ۾ ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي

ڳوٺ آڏيگام ۾ 14 سالن جي ڏيارام ۽ 14 ورهين جي ونو ڪولهي وڻ ۾ رسو ٻڌي زندگي جو انت آندو

اطلاع تي ٽنگيارڪر پوليس واقعي هنڌ پهچي لاش ڪٽائي اسپتال منتقل ڪيا. ڪارروائي بعد وارثن حوالي

ٻنهي گهر کان ڪجهه مفاصلي تي ٻيهل وڻ ۾ رسو ٻڌي خودڪشي ڪري ڇڏي آهي، وڌيڪ جاچ ڪيون پيا: پوليس

ٽنگيارڪر (ن ع) ٽنگيارڪر جي ڳوٺ آڏيگام ۾ پسند جو پرڻو نه ٿيڻ تان جوڙي 14 سالن جي ڏيارام پٽ تيجو ڪولهي ۽ 14 سالن جي ونو ڌيءُ انچلو ڪولهي وڻ ۾ رسو ٻڌي خودڪشي ڪري ڇڏي اطلاع ملڻ تي ٽنگيارڪر پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ٽنگيارڪر اسپتال پهچايا، جتي لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪري ڇڏيا. ٽنگيارڪر پوليس صحافين کي ٻڌايو ته ٻنهي گڏجي اربع واري رات جو رسو ڪٽي گهرن کان ڪجهه مفاصلي تي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ٽنگيارڪر: وڻ ۾ پاڻ ٽنگي آپگهات ڪندڙ جوڙي جا لاش ٽنگيل آهن

ڪيرو لڳ نوجوان ناري پاڻ کي ڦاهو ڏئي انت آڻي ڇڏيو، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ مورهڏي ۾ 16 ورهين جي پوني ڌيءُ ارجن ڪولهي انتهائي قدم کنيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٽائي ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

ڪيرو (ن ع) ڪيرو لڳ ڳوٺ مورهڏي ۾ 16 ورهين جي نينگري پوني ڌيءُ ارجن ڪولهي گهر اندر ڦاهو کائي انت آڻي ڇڏيو واقعي جي اطلاع تي ڪيرو پوليس پهچي لاش ڪٽائي ڪيرو جي تعلقي اسپتال آندو جتي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد وارثن حوالي ڪيو ويو ڪيرو پوليس موجب نينگري جي وارثن ٻڌايو ته نينگري جو دماغي توازن صحيح نه هو ۽ ڪجهه وقت اڳ پڻ آپگهات جي ڪوشش ڪئي هئي

بچاءَ واري وزير خواجا آصف اپوزيشن ليڊر محمود اڇڪزئي جي فوج بابت ڏنل بيان کي غير ذميوارانو قرار ڏئي ڇڏيو

اسان جي فوجي جوانن جا ڏڌ سسيءَ کان ڌار ڪيا ٿا وڃن، پنجابين جا سڃاڻپ ڪارڊ ڏسي بلوچستان ۾ گوليون هنيون وڃن ٿيون: وزير دفاع

پاڪستاني فوج ڇئن ضلعن جي فوج آهي، اهڙي غير ذميوارانو بيان جي اپوزيشن ليڊر مان اميد نه هئي. اپوزيشن ليڊر پاڪ فوج تي الزام لڳائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي: خواجه محمد آصف

گذريل 5 سالن ۾ 3141 فوجين شهادتون ماڻيون، 2021 کان فيبروري 2026 تائين 170 آفيسر شهيد ٿيا، جي سي اوز 212، 2759 جوان شهيد ٿيا. آزاد ڄمون ۽ ڪشمير مان سڀ کان وڌيڪ 2034 شهادتون ٿيون

هر باشعور انسان چاهي ٿو ته پاڪستان جي فوج سڄي ملڪ جي فوج آهي، بلوچستان ۾ 103، گلگت بلتستان ۾ 161، خيبرپختونخوا ۾ ڪُل 534، پنجاب ۾ 1657 ۽ سنڌ ۾ 452 فوجي شهيد ٿيا

ڪو ٻڌائي ته ڇا پاڪ فوج ڇئن ضلعن جي فوج آهي؟ ليڊر آف اپوزيشن جو عهدو قومي عهدو آهي. ڪنهن ضلعي جو عهدو نه آهي. ان عهدي تي ويهي غير ذميوارانو بيان ڏيڻ عهدي جي توهين آهي

پنجابين کي گولي هڻڻ تي بلوچستان مان ڪو به آواز نه ٿو اٿي. هي وطن ۽ قوم جي جنگ آهي. ڪنهن ضلعي جي جنگ ناهي. محمود خان اڇڪزئي پنهنجي نظرين جي پاسداري ڪري پر حملو نه ڪري

پاڪ فوج ڪنهن صوبي يا ضلعي جي فوج ناهي. دهشتگردي جي هن جنگ ۾ اسان روزانو نقصان کڻي رهيا آهيون. بلوچستان ۾ ٻه سئو کان وڌيڪ دهشتگرد ماريا ويا. اسلام ۾ رتوڇاڻ جي ڪائي اجازت ناهي

پاڪ فوج پنهنجي رت سان پنهنجي حلف جي توثيق ڪري رهي آهي. اسان سياستدان گري ايريا ۾ رهندا آهيون. پارٽيون تبديل ڪندا آهيون پر شهيدن پارٽيون تبديل ناهن ڪيون. شهيد اسان جي ريڊ لائين آهن

شهيد اول ۽ آخر پاڪستاني هوندو آهي. ان جو تعلق ڪنهن ضلعي سان ناهي هوندو: قومي اسيمبلي ۾ فوج سان ايڪي ۽ شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ ٺهراءُ اتفاق راءِ سان منظور ڪيو ويو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) بچاءَ واري وزير خواجا آصف اپوزيشن ليڊر محمود اڇڪزئي جي فوج بابت ڏنل بيان کي غير ذميوارانو قرار ڏئي ڇڏيو قومي اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي خواجا آصف چيو ته ڪالهه اپوزيشن ليڊر چيو ته پاڪستاني فوج ڇئن ضلعن جي فوج آهي اهڙي غير ذميوارانو بيان جي اپوزيشن ليڊر مان اميد نه هئي، اپوزيشن ليڊر پاڪ فوج تي الزام لڳائڻ جي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

اڳوڻو آرمي چيف قمر جاويد باجوا حادثي جو شڪار، اسپتال ۾ داخل

جنرل (ر) قمر جاويد باجوا ڪري ڪرڻ سبب جسم جي مختلف حصن تي ڌڪ لڳا

جنرل رٽائرڊ باجوا جي مڱي تي زخم آيا آهن ۽ هو آءِ سي يو ۾ علاج هيٺ آهي: خانداني ذريعا

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻو آرمي چيف جنرل رٽائرڊ قمر جاويد باجوا پنهنجي گهر ۾ ڪري پيو ذريعن موجب، جنرل رٽائرڊ قمر بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

احتجاج هر شهري جو آئيني حق آهي، پر عوامي زندگي مفلوج ڪرڻ کي برداشت نه ڪيو ويندو: وڏو وزير

مراد علي شاهه ڪراچي ۾ مختلف هنڌن تي جاري ڌرڻن سبب پيدا ٿيل خراب صورتحال تي ڪاوڙ جو اظهار

ٽريفڪ جي فوري بحالي لاءِ قدم کنيا وڃن ۽ شهرين لاءِ متبادل رستن جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي

ڊي آءِ خان جو واقعو بزدلانه ڪارروائي آهي ۽ معصوم جانين جو زيان ناقابل برداشت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه ڪراچي ۾ مختلف هنڌن تي جاري ڌرڻن سبب پيدا ٿيل ٽريفڪ جي خراب صورتحال تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو آهي. هن چيو ته شهرين کي ڪلاڪن تائين ٽريفڪ ۾ ڦاسائي رکڻ ڪنهن به صورت ۾ قابل قبول ناهي. وزيراعليٰ چيو بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

گهوٽڪي: گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار ۽ آءِ جي جاويد عالم اوڍو ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

ڪراچي ۾ وڏو مسئلو اسٽريٽ ڪرائم آهي، منظم ڏوهه پوليس جي سرپرستي کانسواءِ ممڪن ناهي: پوليس چيف

گهٽ سزا جي شرح ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته پوليس، پراسيڪيوشن ۽ عدالتي نظام جي وچ ۾ فرق آهي

اهلڪارن کي بهتر ڪم ڪندڙ حالتون، عزت ۽ حوصلا افزائي ڏني وڃي ته بهتر نتيجا حاصل ڪري سگهجن ٿا

ايس ايڇ اوز جي مقرري جي معيار ۾ تبديليون ڪنداسين. هڪ سال تائين شهر ۾ رهائش ضروري هوندي

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) ڪراچي جي ٿاڻن ۾ ايس ايڇ اوز جي مقرري سميت کاتي سان لاڳاپيل سڀني پهلوئن تي ڪراچي پوليس جي چيف تفصيل سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ڪراچي پوليس چيف آزاد خان صحافين سان غير رسمي ۽ کليل انداز ۾ ڳالهائيندي چيو ته سوشل ميڊيا جي هن تيز رفتار دور ۾ پوليس کي به آهستي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڄامشورو ۾ حيسڪو جو آپريشن، 45 ڊفالٽرن ۽ 30 غيرقانوني

ڄامشورو ۾ حيسڪو جو آپريشن، 45 ڊفالٽرن ۽ 30 غيرقانوني ڪنيڪشن ڪاٽا

سنڌ يونيورسٽي ڪالوني ۾ بجلي چورن ۽ ڊفالٽرن خلاف پوليس ۽ رينجرس سان گڏجي آپريشن ڪيو ويو

ڪنهن تي بلاجواز ڊ ڊڪيشن لڳل آهي ته ان جي جائز شڪايت ٻڌي رليف ڏنو ويندو: ايس ڊي او

ڄامشورو (ڊ ر) سنڌ يونيورسٽي ڪالوني ۾ حيسڪو واپڊا پوليس رينجرس جي مدد سان بجلي چورن ۽ رهڻن خلاف ڪريڪ بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

مهراڻ يونيورسٽي ۾ نادرا پاران جديد ڊجيٽل سڃاڻپ نظام بابت آگاهي سيمينار

سيمينار دوران ڊي جي نادرا پاران شهر ۾ نادرا ميگا سينٽر کولڻ جو اعلان پڻ ڪيو ويو

شاگرد ملڪ جو قيمتي اثاثو آهن ۽ جديد ٽيڪنالاجي مان فائدو وٺي سگهن ٿا: خطاب

ڄامشورو (ڊ ر) مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ پاڪ آءِ ڊي موبائل ايپ بابت آگاهي ڪانفرنس منعقد ٿي جنهن ۾ ڊپٽي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

پ پ کي ڪير به شڪست نٿو ڏئي سگهي: منور ٽالپر

پ پ عوامي پارٽي آهي، جيڪا عوام جي خدمت تي يقين رکي ٿي

مراد علي شاهه ۽ سنڌ جي ڪابينا عوام جي مسئلن جي حل لاءِ ڏينهن رات ڪوشان آهيون

سنڌي ۽ مهاجرن جو ڪو جهيڙو ناهي، سنڌ ۾ رهندڙ سڀ پاڻ ۽ پاڪستاني آهن: عبرت

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) صدر آصف علي زرداري جي ڀيڻوئي ۽ فريال ٽالپر جي مڙس قومي اسيمبلي جي ميمبر بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: عبرت جو بيورو چيف مجيد عباسي ايم اين اي مير منور ٽالپر سان ملي رهيو آهي

دادو ۾ سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس جو پرو وائيس چانسلر فوري طور معطل

صوبائي وزير سوشل ميڊيا تي وائرل وڊيوز ۽ نامناسب ورتاءَ واري معاملي جو نوٽيس ورتو

پرو وائيس چانسلر پروفيسر اظهر شاهه کي معطل ڪري جاچ جا حڪم جاري ڪيا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) يونيورسٽين ۽ تعليمي بورڊن جي وزير محمد اسماعيل راهو جي نوٽيس وٺڻ بعد سيڪريٽري بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

خانداني دوست ورڪ پليس پاليسيون انساني وسيلن جي بهتري لاءِ اهم آهن: اسٽيڪ هولڊرز

سنڌ جي ڀهراڙين ۾ عورتن لاءِ ٻارن جي سار سنڀال جي سهولتن جي ضرورت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) حڪومت، پارليامينٽ، گڏيل قومن ۽ نجي شعبي سان تعلق رکندڙ مختلف اسٽيڪ هولڊرز ان بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم جو نيپرا طرفان سولر بابت نوان ريگيوليشنز جاري ڪرڻ جو نوٽيس، لاڳاپيل اختيارين کي هدايتون

وزيراعظم جي صدارت هيٺ نيپرا جي نئين ريگيوليشنز بابت اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو. سولر واهپيدارن بابت نون ريگيوليشن تي پڇاڙو

نيپرا کي سولر واهپيدارن جي ڪانٽريڪٽ جي تحفظ بابت نظرثاني اپيل داخل ڪرڻ ۽ موجودا ڪانٽريڪٽس جو هر ممڪن تحفظ يقيني بڻائڻ جي هدايت

نون صارفين لاءِ نيشنل گرڊ کي وڪرو ڪيل بجلي جي في يونٽ ريٽ ۾ 17 رپيا 19 پئسا وڌي گهٽتائي ڪئي وئي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف نيپرا طرفان سولر بابت نوان ريگيوليشنز جاري ڪرڻ جو نوٽيس وٺي ڇڏيو وزيراعظم جي صدارت هيٺ نيپرا جي نئين ريگيوليشنز بابت اعليٰ سطحي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

نيپرا 300 يونٽ ماهوار تائين گهريلو واهپيدارن تي به فڪسڊ چارجز لڳائي ڇڏيا

فڪسڊ چارجز پروٽيڪٽڊ ۽ نان پروٽيڪٽڊ واهپيدارن تي لڳايا ويا. اڳ 300 يونٽ کان وڌيڪ استعمال وارن نان پروٽيڪٽڊ واهپيدارن تي فڪسڊ چارجز لاڳو هئا

ماهوار 200 يونٽ بجلي استعمال ڪندڙ پروٽيڪٽڊ گهريلو واهپيدارن تي 300 رپيا ماهوار فڪسڊ چارجز لڳايا ويا آهن

نيپرا جي فيصلي موجب ماهوار 301 کان 400 يونٽ تائين وارن نان پروٽيڪٽڊ واهپيدارن تي فڪسڊ چارجز 200 رپيا واڌ سان 400 رپيا ڪيا ويا

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگوليٽري اٿارٽي (نيپرا) 300 يونٽ ماهوار تائين جي گهريلو واهپيدارن تي به فڪسڊ چارجز لاڳو ڪري ڇڏيا. نيپرا فڪسڊ چارجز جي حوالي سان پاور ڊويزن جي درخواست تي فيصلو جاري ڪري ڇڏيو فڪسڊ چارجز پروٽيڪٽڊ ۽ بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: قزاقستان جو سفير يرژهان قستافين وفاقي وزير مصدق ملڪ سان ملاقات ڪري رهيو آهي

هاڻي به موقعو آهي جيڪي قانون آڏو سرينڊر ٿيڻ چاهين ٿا اهي فورا پاڻ پوليس حوالي ڪن: گهرو وزير

ڌاڙيلن کي جلد ئي وڏو سرپرائز ڏينداسين، اسان جديد هٿيار، ايڊوانس ڊرون ۽ ٻيا آلات آرڊر ڪري ڇڏيا آهن

ڪچي علائقي ۾ رياستي رٽ جي قيام ٿيڻ تائين ميگا آپريشن "نجات مهراڻ" پوري قوت سان جاري رهندو

شاباش آهي پوليس ۽ رينجرز کي جن ڪچي ۾ اڳين مورچن ڏانهن اڳيرائي شروع ڪري وڏي قدم کنيو آهي

گهوٽڪي (رپورٽ فرمان سومرو) سنڌ جي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار گهوٽڪي جي علائقي روڻتي ۾ قائم بند جو دورو ڪيو ۽ سيڪيورٽي انتظامن سميت ضلعي ۾ امن امان جي مجموعي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو. دوري دوران آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو پڻ گهرو وزير سان گڏ موجود هئا بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پارڪنگ پلازه ويجهو ٽريفڪ جام نظر اچي رهيو آهي

گل پلازه سانحي بابت جوڙيل عدالتي ڪميشن پاران عوام کان شاهديون طلب ڪرڻ جو اعلان

واقعي جي جاچ لاءِ جوڊيشل ڪميشن جو پهريون اجلاس جسٽس آغا فيصل جي سربراهي ۾ ٿيو

اجلاس ۾ پبلڪ نوٽس جاري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو، ڪميشن جا ٽي او آر شامل هوندا

سانحي سان لاڳاپيل ڪنهن به اهم معلومات رکندڙ ماڻهو اي ميل ذريعي رابطو ڪري سگهن ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ سانحو گل پلازه جي جاچ لاءِ جوڊيشل ڪميشن جو پهريون اجلاس جسٽس آغا فيصل جي سربراهي ۾ ٿيو جنهن ۾ ڪميشنر ڪراچي، سيڪريٽري قانون ۽ داخله پڻ بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير جام ڪمال ڪمبوڊيا جي وزير چم نمل کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۾ 3 ڄڻا فوت ٿي ويا

سعدي ٽائون ويجهو روڊ حادثي ۾ عبدالله ولد زاهد چشتي فوت ٿي ويو

پرانيويور چورڪ وٽ حادثي ۾ محمود حسين شاهه ۽ عمارت تان ڪرڻ سبب اڻڄاتل شخص فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۾ 3 ڄڻا فوت ٿي ويا. سعدي ٽائون اسڪيم 33 چيڪ پوسٽ نمبر 5 جي ويجهو روڊ حادثي ۾ عبدالله ولد زاهد چشتي فوت ٿي ويو جوهر بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڊي آءِ خان: دهشتگردن جو پوليس تي حملو، ايس ايڇ او سميت 4 اهلڪار شهيد

واندا بيد ۾ دهشتگردن پوليس آپريشن پارٽي تي فائرنگ ڪئي، ايس ايڇ او ظهير ممتاز سميت 4 اهلڪار شهيد ٿيا

واقعي ڪانپوءِ پوليس جي وڌيڪ نفري پهچي وئي ۽ شهيدن جا لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، سرچ آپريشن

ڊي آءِ خان (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڏيرا اسماعيل خان جي علائقي واندا بيد ۾ دهشتگردن جي فائرنگ ۾ ايس ايڇ او بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير واقعي جو سختي سان نوٽيس ورتو، گهرو وزير ضياءَ لنجار کان رپورٽ طلب

ڄامشورو ۾ پورهيت عورت جي قتل جو معاملو، ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي واقعي واري هنڌ پهتا

پوليس قتل ڪيس ۾ نامزد ڄاڻايل جوابدارن جي گهرن ۽ سامان کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو

واقعي جي گهڻ رخي جاچ جاري آهي، جوابدارن جا ڪجهه سهولتڪار گرفتار ڪيا آهن: طارق رزاق ڌاريجو

شروعاتي جاچ موجب عورت کي زيادتي بعد قتل ڪيو ويو آهي، جوابدارن کي معاف نه ڪيو ويندو

ڄامشورو (رپورٽ عرفان برڦت) ڄامشورو ۾ پورهيت عورت صبرين پٺاڻ کي قتل ڪرڻ واري واقعي جو وڏي وزير سيد مراد علي شاهه نوٽيس ورتو آهي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه گهرو وزير ضياءَ لنجار کان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي جڏهن ته آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جي هدايت تي ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق ڌاريجو ۽ ايس ايس پي ڄامشورو ظفر صديق ڇانگا جي اڳواڻي ۾ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ملڻ واري هنڌ جو معائنو ڪيو ان بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

عورت جي اغوا بعد ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ وارثن کان پيسا گهرندڙ ايس ايڇ او

ڊي آءِ جي حيدرآباد ناري صبرين پٺاڻ جي وارثن کان پئسا گهرڻ واري معاملي جو نوٽيس ورتو

اي سيڪشن ٿاڻي جي ايس ايڇ او سڄاد جمالي کي رپورٽ ڪندي معطل ڪري

ڄامشورو: ڪي پي ڪي واسڻ عورت صبرين پٺاڻ جي اغوا دوران واقعي جو ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ وارثن کان پيسا گهرڻ جي الزام هيٺ ايس ايڇ او سڄاد جمالي کي رپورٽ ڪري معطل ڪيو ويو آهي ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق ڌاريجو سوشل ميڊيا تي هلندڙ پوليس پاران صبرين پٺاڻ معاملي تي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڄامشورو ۽ حيدرآباد جي ايس ايس پيز مقتول عورتن جي وارثن وٽ پهچي تعزيت ڪئي

ڄامشورو: ايس ايس پي حيدرآباد عديل احمد چانڊيو ۽ ايس ايس پي ڄامشورو ظفر صديق ڇانگا قتل ٿيل عورت صبرين پٺاڻ بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 استعيفيٰ منظور

اڄڪلهه 17 مهينن ڪانپوءِ منظور ڪئي وئي آهي ذريعن جو چوڻ آهي ته قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق جي سربراهي ۾ بي اين پي اختر مينگل جو استعيفيٰ منظور ڪئي وئي آهي ذريعن موجب، قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اختر مينگل جي استعيفيٰ گذريل رات منظور ڪئي ۽ سنڌس استعيفيٰ ان تاريخ کان منظور ٿي جنهن تاريخ تي هن ڏني هئي ذريعن جو اهو به چوڻ آهي ته سردار اختر مينگل جنوري 2026 تائين قومي اسيمبلي جي ميمبر طور سموريون مراعتون به استعمال ڪندو رهيو ياد رهي ته اختر مينگل قومي اسيمبلي جي رڪنيت تان 3 ڊسمبر 2024ع تي استعيفيٰ ڏني هئي، سنڌس استعيفيٰ اڄڪلهه 17 مهينن ڪانپوءِ منظور ڪئي وئي آهي. سردار اختر مينگل اين اي 256 خضدار ون تان فيبروري 2024 ۾ اليڪشن ۾ چونڊيو ويو هو ۽ سنڌس استعيفيٰ منظور ٿيڻ ڪانپوءِ اها سيٽ خالي ٿي وئي آهي جنهن تي ايندڙ ڪن مهينن اندر ضمني چونڊ ٿي سگهي ٿي.

بقايا 2 ايمل ولي

شخص تي اگر ڪنهن جيڪو دهشتگردي جو حامي رهيو آهي سينيٽ اجلاس کي خطاب ڪندي ايمل ولي خان چيو ته دهشتگردن جي موجودگي هڪ ڏوهه آهي، تنهن ڪري دهشتگردن کي واپس آڻيندڙ هر ڪنهن کي بڌايو وڃي ته ڇا اهي سزا جا مستحق آهن؟ هن چيو ته اهي سڀ ڪيئن آزاد گهمي رهيا آهن؟ دهشتگردن جي سهولتڪارن خلاف به ڪارروائي ڪئي وڃي اي اين پي سربراهه وڌيڪ چيو ته ڪڇهه شهيدن جا ماڻٽ پاراچنار کان آيا هئا، معاملو هاڻي اسلام آباد تائين پهچي چڪو آهي 40 هزار دهشتگردن کي واپس آندو ويو ۽ جيل مان آزاد ڪيو ويو هن چيو ته سيني عقيدن سياستدانن مذهبن ۽ فرقن جي ماڻهن کي ويهڻ گهرجي ۽ ڳالهائڻ گهرجي آئين جو تقاضا آهي ته سيڪيورٽي فورسز قوم کي 24 ڪلاڪ پرامن ماحول فراهم ڪن

بقايا 3 وزير دفاع

ڪوشش ڪئي آهي، هر باشعور انسان ڄاڻي ٿو ته پاڪستان جي فوج سڄي ملڪ جي فوج آهي خواجا آصف چيو ته گذريل 5 سالن ۾ 3141 فوجين شهادتون ماڻيون ، 2021 کان فيبروري 2026 تائين 170 آفيسر شهيد ٿيا، جي سي اوز 212، جڏهن ته 2759 جوان شهيد ٿيا آزاد ڄمون ۽ ڪشمير مان سڀ کان وڌيڪ 2034 شهادتون ٿيون بلوچستان ۾ 103 ، گلگت بلتستان ۾ 161، خيبرپختونخوا ۾ ڪل 534، پنجاب ۾ 1657 ۽ سنڌ ۾ 452 فوجي شهيد ٿيا بچاءَ واري وزير چيو ته انهن انگن اکرن کان پوءِ ڪو به ٻڌائي ته ڇا پاڪ فوج چئن ضلعن جي فوج آهي؟ پنجابين جو سڃاڻپ ڪارڊ ڏسي بلوچستان ۾ گولي هڻي وڃي ٿي، پنجابين کي گولي هڻڻ تي بلوچستان مان ڪو به آواز نه ٿو اٿي ڇا هي چئن ضلعن جي فوج آهي يا پاڪستان جي فوج آهي؟ ليڊر آف اپوزيشن جو عهدو قومي عهدو آهي، ڪنهن ضلعي جو عهدو ناهي ان عهدي تي ويهي غير ذميوارانا بيان ڏيڻ عهدي جي توهين آهي هي وطن ۽ قوم جي جنگ آهي ڪنهن ضلعي جي جنگ ناهي. هن چيو ته محمود اڇڪزئي پنهنجي نظرين جي پاسداري ڪري پر حملو نه ڪري، پاڪ فوج ڪنهن صوبي يا ضلعي جي فوج ناهي دهشتگردي جي هن جنگ ۾ اسان روزانو نقصان کڻي رهيا آهيون بلوچستان ۾ ٻه سئو کان وڌيڪ دهشتگرد ماريا ويا، اسلام ۾ رت وهائڻ جي ڪائي اجازت ناهي اسان فوجين جا ڌڙ سسيءَ کان ڌار ڪيا وڃن ٿا، پاڪ فوج پنهنجي رت سان پنهنجي حلف جي توثيق ڪري رهي آهي اسان سياستدان گري ايريا ۾ رهندا آهيون پارٽيون تبديل ڪندا آهيون ۽ شهيدن پارٽيون تبديل ناهن ڪيون شهيد اسان جي ريڊ لائن آهن شهيد اول ۽ آخر پاڪستاني هوندو آهي ان جو تعلق ڪنهن ضلعي سان ناهي هوندو ان ڪانپوءِ قومي اسيمبلي ۾ فوج سان ايڪي ۽ شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ ٺهراءُ اتفاق راءِ سان منظور ڪيو ويو ٺهراءُ بچاءَ واري وزير خواجا آصف پيش ڪيو

بقايا 4 هدايتون

اجلاس ٿيو جنهن ۾ نائب وزيراعظم اسحاق ڊار عطاءَ تارڙ اويس لغاري، پرويز ملڪ بلال ڪياڻي محمد علي ۽ احد چيمه سميت ٻين شرڪت ڪئي وزيراعظم نيپرا طرفان سولر سان لاڳاپيل نون ريگوليشنز جاري ٿيڻ جو فوري نوٽيس ورتو آهي شهباز شريف پاور ڊويزن کي نيپرا کي سولر واهپيدارن جي ڪانٽريڪٽ جي تحفظ بابت نظرثاني اپيل داخل ڪرڻ ۽ موجودا ڪانٽريڪٽس جو هر ممڪن تحفظ يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي آهي وزيراعظم چيو ته سولر وارن 4 لک 66 هزار صارفين جو بار 3 ڪروڙ 76 لک نيشنل گرڊ بجلي صارفين تي نه پوي، هن پاور ڊويزن کي ان سلسلي ۾ گڏيل حڪمت عملي عمل تيار ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي سولر واهپيدارن بابت نون ريگوليشنز ڇا آهن؟ نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگوليٽري اٿارٽي (نيپرا) نيشنل گرڊ کي بجلي وڪرو ڪرڻ جا ريٽ گهٽائي ڇڏيا آهن نون ريگوليشنز موجب، پراڻا سولر صارفين پنهنجي بجلي نيشنل گرڊ کي 25 رپيا 32 پئسا في يونٽ جي پراڻي ريٽ تي ئي وڪرو ڪندا، جڏهن ته نون صارفين لاءِ نيشنل گرڊ کي وڪرو ڪيل بجلي جي في يونٽ ريٽ ۾ 17 رپيا 19 پئسا وڌي گهٽتائي ڪئي وئي آهي، يعني نون صارفين کي 8 رپيا 13 پئسا ملندا.

بقايا 5 چارجز لڳائي ڇڏيا

پاور ڊويزن جي درخواست تي فيصلو جاري ڪري ڇڏيو فڪسڊ چارجز پروٽيڪٽڊ ۽ نان پروٽيڪٽڊ واهپيدارن تي لڳايا ويا آهن ان کان اڳ رڳو 300 يونٽ کان وڌيڪ استعمال وارن نان پروٽيڪٽڊ واهپيدارن تي فڪسڊ چارجز لاڳو هئا نيپرا جي فيصلي موجب ماهوار 100 يونٽ استعمال ڪندڙ پروٽيڪٽڊ واهپيدارن تي 200 رپيا فڪسڊ چارجز لڳايا ويا آهن ماهوار 200 يونٽ بجلي استعمال ڪندڙ پروٽيڪٽڊ گهريلو واهپيدارن تي 300 رپيا ماهوار فڪسڊ چارجز لڳايا ويا آهن 100 يونٽ تائين وارن نان پروٽيڪٽڊ واهپيدارن تي 275 رپيا ماهوار فڪسڊ چارجز لڳايا ويا آهن ماهوار 200 يونٽ تائين وارن نان پروٽيڪٽڊ واهپيدارن تي 300 رپيا فڪسڊ چارجز لڳايا ويا آهن ماهوار 300 يونٽ تائين استعمال وارن نان پروٽيڪٽڊ واهپيدارن تي 350 رپيا فڪسڊ چارجز لڳايا ويا آهن نيپرا جي فيصلي موجب ماهوار 301 کان 400 يونٽ تائين وارن نان پروٽيڪٽڊ واهپيدارن تي فڪسڊ چارجز 200 رپيا واڌ سان 400 رپيا ڪيا ويا آهن ماهوار 401 کان 500 يونٽ استعمال وارن نان پروٽيڪٽڊ واهپيدارن تي 100 رپيا واڌ سان فڪسڊ چارجز 500 رپيا مقرر ڪيا ويا آهن ماهوار 600 يونٽ استعمال تي فڪسڊ چارجز 75 رپيا واڌ سان 675 رپيا ڪيا ويا آهن

بقايا 6 گهرو وزير

جاٽڙو وڙٿو دوري دوران آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو پڻ گهرو وزير سان گڏ موجود هئا. جيڪو سرينڊر نه ڪندو، اهو ماريو ويندو هاڻي به موقعو ڏئي رهيو آهيان جيڪي قانون آڏو سرينڊر ٿيڻ چاهين ٿا، اهي فوراً سرينڊر ڪن، ٻي صورت ۾ ڌاڙيلن کي جلد ئي وڏو سرپرائز ڏينداسين اسان جديد هٿيار ايڊوانس ڊرون ۽ ٻيا آلات آرڊر ڪري ڇڏيا آهن، ڪچي علائقي ۾ رياستي رٽ جي قيام تائين ميگا آپريشن "نجات مهراڻ" پوري قوت سان جاري رهندو جرائم پيشه عنصرن خلاف بنا فرق ڪارروائي جاري آهي عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ اولين ترجيح آهي، سنڌ پوليس جون قربانيون قابل تحسين آهن. حڪومت پوليس فورس کي هر ممڪن وسيلا فراهم ڪندي آپريشن ۾ پوليس ۽ رينجرز سنڌ جو حوصلو بلند آهي انهن کي شاباس آهي پوليس ۽ رينجرز سنڌ ڪچي علائقن ۾ اڳين مورچن ڏانهن اڳڀرائي شروع ڪري وڏي قدم کنيو آهي صرف ٻن هنڌن کان سواءِ ڪچي علائقا لڳ ڀڳ ڪليئر آهن.ڪچي ۾ امن امان جو قيام صدر پاڪستان جو خواب آهي جيڪو جلد پورو ٿيندو وڏي وزير سنڌ جي هن ميگا آپريشن ۾ پوليس کي مڪمل حمايت حاصل آهي، ڊي آءِ جي ناصر آفتاب گهرو وزير سنڌ کي رينج ۽ ضلعن ۾ امن امان جي موجوده صورتحال بابت جامع بريفنگ ڏني ڊي آءِ جي موجب ڪچي علائقي ۾ جاري آپريشن جي تازي رپورٽ مطابق سکر ۽ لاڙڪاڻو رينج ۾ پوليس وڏيون ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن سکر ۽ لاڙڪاڻو ڪچي آپريشن جي شروعات کان هيستائين مجموعي طور 27 ڌاڙيل مارجي ويا ۽ 82 زخمي ٿيا آهن ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو چيو ته ٻنهي پوليس رينجن ۾ 78 ڌاڙيلن کي گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته 152 ڌاڙيلن پوليس آڏو سرينڊر ڪيو آهي ناصر آفتاب چيو مجموعي طور 17 مغوين کي بازياب ڪرائي 87 هٿيار قبضي ۾ ورتا ويا آهن ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو چيو ڪچي علائقي ۾ جاري ميگا آپريشن جي هدف، حڪمت عملي ۽ اڳڀرائي بابت تفصيلي آگاهي ڏني وئي بريفنگ ۾ ڪچي علائقن کي ڏوهن کان پاڪ بڻائڻ لاءِ ڪيل قدمن تي خاص ڌيان ڏنو ويو

بقايا 7 اعلان

موجود هئا. اجلاس دوران ڪميشن عام عوام کان شاهديون طلب ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ پبلڪ نوٽس جاري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو پبلڪ نوٽس ۾ ڪميشن جا ٽي او آر شامل آهن ۽ سانحو گل پلازه سان لاڳاپيل ڪنهن به اهم معلومات رکندڙ ماڻهو اي ميل ذريعي ڪميشن سان رابطو ڪري سگهن ٿا پبلڪ نوٽس مطابق، عوام سانحو سان لاڳاپيل حقيقتون ۽ واقعاتي معلومات فراهم ڪري سگهن ٿا، ۽ رجوع ڪرڻ جي آخري تاريخ 20 فيبروري رکيل آهي معلومات فراهم ڪرڻ لاءِ اي ميل ايڊريس gpi-coi@shc.gov.com آهي چيف جسٽس سنڌ هائيڪورٽ جسٽس ظفر احمد راجپوت ڪميشن لاءِ سيڪريٽريٽ فراهم ڪيو آهي جيڪو سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ قائم ڪيو ويو آهي جسٽس آغا فيصل ڪميشن پاران ڪمشنر ڪراچي کي هدايتون جاري ڪيون آهن ته اسٽاف کي نوٽيفائي ڪيو وڃي، جنهن ۾ رجسٽرار ڪميشن فوڪل پرسن ۽ ماهرن کي شامل ڪيو ويندو ڪميشن جو مقصد سانحو گل پلازه جي حقيقتن جي مڪمل جاچ ۽ عوامي شواهد گڏ ڪرڻ آهي ته جيئن صحيح رپورٽ تيار ڪئي وڃي

بقايا 8 روڊ بلاڪ

پوليس پاران ائين ڪلاس جي شاگرد عبدالباسط سميت چئن ڄڻن کي سخت تشدد بعد لاڪپ ڪرڻ خلاف ڳوٺ بهادر چانڊيو جي رهواسين عورتن سميت ٽنڊوڄام ٿاڻي آڏو ڌرڻو هڻي ۽ ٿاڻي کي ويندڙ روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو مظاهرين ٽنڊوڄام پوليس خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪندا رهيا. روڊ بلاڪ سبب روڊ جي ٻنهي پاسي سوين گاڏيون بيهجي ويون. انهي موقعي تي مسمات وزيران چانڊيو ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته ٽنڊوڄام پوليس بااثر زميندار آفتاب شاهه جي چوڻ تي اسان جي نوجوانن خلاف چوري جي ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪرائي آهي ڪورٽ مان ضمانت ڪرائڻ بعد پوليس بيان وٺڻ بهاني گهرائي ائين ڪلاس جي شاگرد 14 ورهين جي عبدالباسط چانڊيو نويد، سهيل ۽ مجاهد چانڊيو کي لاڪ اپ ڪري وحشياڻي تشدد جو نشانو بڻايو آهي. هنن چيو ته 14 ورهين جي معصوم کي اسان جي سامهون ٽنڊوڄام ٿاڻي تي وحشياڻي تشدد جو نشانو بڻايو ويو هنن چيو ته انصاف نه مليو ته روڊ تي پنهنجو پاڻ کي باهه ڏيئي ساڙينداسين. ٻئي پاسي آخري اطلاعن تائين روڊ بلاڪ هو جڏهن ته ٿاڻي تي مختلف ٿاڻن جي پوليس پهچي وئي آهي

بقايا 9 منور ٽالپر

سنڌ جي اڳوڻي وزير ۽ سردار منور علي ٽالپر چيو آهي ته پ پ جا سمورا وزير اسيمبلي ميمبر عوام جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ صدر آصف علي زرداري جي هدايتن تي ڪوششون ڪن. پ پ عوام جي پارٽي آهي، هو نه صرف عوام جي خدمت ڪري رهيا آهن پر ايندڙ چونڊن ۾ به پارٽي وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيندي، سنڌي ۽ مهاجرن جو ڪو جهيڙو ناهي سنڌ ۾ رهندڙ سڀ ڀائر ۽ پاڪستاني آهن عوام جي مسئلن جي حل لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهيان مراد علي شاهه ۽ سنڌ جي ڪابينا جا وزير عوام جي مسئلن جي حل لاءِ ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهيا آهن، پ پ عوام جي پارٽي آهي ميرٽ جي بنياد تي ان کي ڪير به شڪست نٿو ڏئي سگهي

بقايا 10 محمود اڇڪزئي

رڳو قومي نه پر بين الاقوامي مسئلو بڻجي چڪي آهي.قومي اسيمبلي ۾ تقرير ڪندي هن چيو ته دهشتگردي ڪيئن شروع ٿي؟ ڪڏهن ٿي؟ ان کي سمجهڻ لاءِ ماضي ڏانهن وڃڻو پوندو پشاور جي ايئر بيس تان آمريڪي جاسوس جهاز روس جي جاسوسي ڪري رهيو هو جنهن کي روسين ماريو ان واقعي ڪانپوءِ آمريڪا ۽ روس جي ڇڪتاڻ وڌي ۽ پوءِ افغانستان ۾ روسي فوج داخل ٿي.هن چيو ته افغانستان ۾ روس جي اچڻ سان سڄي دنيا، مذهبن ملڪن ۽ ايجنسين گڏجي جنگ شروع ڪئي ۽ پاڪستان کي عالمي بدمعاشن جي تجربي گاهه بڻايو ويو اسان جي ملڪ ۾ ڪلاشنڪوف ڪلچر منشيات، راڪيٽ لانچر ۽ تشدد داخل ٿيو هٿيار سستا ٿيا، ماڻهو ماريا ويا، شهر تباهه ٿيا، ۽ خاص طور ڪراچي سميت سمورو ملڪ رت ۾ رهنجندڙ رهيو.هن چيو ته لکين افغان پناهگير آيا، هزارين شهيد ٿيا، افغانستان مڪمل طور تباهه ٿي ويو پوءِ به اسان فخر سان چوندا رهياسين ته اسان سپر پاور کي شڪست ڏني پر حقيقت ۾ ان جا نتيجا اڄ تائين اسان ڀوڳي رهيا آهيون.هن چيو ته هي دنيا انتهائي ظالم آهي جڏهن انهن جي مفادن تي ڌڪ لڳو ته اسان کي ليڪچر ڏين ٿا، پر جڏهن مفاد هجن ته لکين انسان مارڻ ۾ دير نٿا ڪن جيئن عراق ۾ ڪيو ويو.هن چيو ته هاڻي هڪ نئون نقشو تيار ٿي رهيو آهي ڪردستان، آزاد بلوچستان آزاد پشتونستان ڪمزور پاڪستان،مذهبي ۽ لساني بنيادن تي ورهاست ڪئي پئي وڃي جيڪڏهن اهڙي ريت قومن کي ورهايو ويو ته ايران، ترڪي، شام، عراق ۽ پاڪستان سڀ باهه ۾ سڙي ويندا.هن چيو ته دهشتگرد ڪو پاڳل ناهن ماڻهو تڏهن هٿيار کڻن ٿا جڏهن انهن سان انتها جي ناانصافي ٿئي ٿي، ناانصافي نفرت پيدا ڪري ٿي، نفرت تشدد پيدا ڪري ٿي ۽ پوءِ گوليون هلن ٿيون.قرآن چوي ٿو ته انصاف ڪريو انصاف تقويٰ جي ويجهو آهي.هن چيو ته 75سال جيڪي غلطيون ڪيون آهن اچو ته هاڻي وساري انصاف تي ٻڌل رياست ٺاهيون ڪو به پاڪستان جي خلاف ناهي ڪو به نٿو چاهي ته ملڪ ٽٽي پر طاقت جو سرچشمو هي پارليامينٽ هجڻ گهرجي ايجنسيون يا بند ڪمرن جا فيصلا نه.هن چيو ته سينيٽ کي به قومي اسيمبلي برابر اختيار ڏنا وڃن سنڌ، بلوچستان، خيبر پختونخوا ۽ پنجاب جي وسيلن تي پهريون حق انهن جو آهي اتان جي ماڻهن جو هجڻ گهرجي.دهشتگردي جو حل بندوق نه پر انصاف، جمهوريت، شفاف اليڪشن ۽ قومي ڳالهه ٻولهه آهي.پاڙيسري ملڪن سان گڏ ويهي مسئلا حل ڪرڻا پوندا. اچو ته خدا کان به معافي وٺون عوام کان به ۽ گڏجي پاڪستان کي بچايون

بقايا 11 بل منظور

بار ڪورم جي نشاندهي ڪئي ويندي" ان ڪانپوءِ اياز صادق قانون سازي جاري رکندي ڪيترائي بل منظور ڪرايا. قومي اسيمبلي هيٺيان بل اڪثريت راءِ سان منظور ڪيا ويا پاڪستاني شهريت (ترميمي) بل 2025 کي اڪثريت راءِ سان منظور ڪيو ويو جڏهن ته پينگ جي انتظام ۽ ريگوليٽري اٿارٽي (ترميمي) بل 2026 به اڪثريت راءِ سان منظور ڪيو ويو ان ڪانسواءِ پاڪستان جي نالن ۽ نشانين جي غلط استعمال جي روڪٿام وارو (ترميمي) بل 2026 به اڪثريت راءِ سان منظور ڪيو ويو قومي اسيمبلي طرفان نيشنل آرڪائيوز (ترميمي) بل 2026 به اڪثريت راءِ سان منظور ڪيو ويو جڏهن ته نيو پاڪستان هائوسنگ اينڊ ڊولپمينٽ اٿارٽي (ترميمي) بل 2026 به منظور ڪيو ويو ايوان اسلام آباد جي بزرگ شهرين (ترميمي) بل 2025 پڻ اڪثريت راءِ سان منظور ڪيو جڏهن ته بل ۾ عاليه ڪامران جي ترميم اڪثريت راءِ سان رد ڪئي وئي ان ڪانپوءِ قومي اسيمبلي جو اجلاس سڀاڻي صبح 11 وڳي تائين ملتوي ڪيو ويو

بقايا 12 نثار کهڙو

ته پوءِ ان جو جواب وزيراعظم شهباز شريف کي ڏيڻ گهرجي جيڪو اڃا تائين قوم آڏو نٿو اچي. جيڪڏهن وزيراعظم پنهنجن وزيرن کي اهڙي ڍر ڏئي رهيو آهي ته پوءِ ان جو ذميوار به وزيراعظم پاڻ آهي. پيپلز پارٽي حيدرآباد ڊويزن جي سيڪريٽريٽ ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي نثار کهڙو چيو ته پاڪستان پنهنجي ترقي جي سفر ۾ اڳتي وڌي رهيو آهي پر ڪجهه ماڻهو اڃا تائين منفي سياست ۽ انتشار پکيڙڻ کان باز نٿا اچن. ماضي ۾ چيو ويو ته پاڪستان کي اڪيلو ڪري ڇڏينداسين پر اڄ اهي ئي عنصر نريندر مودي کي ياد ڪري رهيا آهن جڏهن ته پاڪستان سفارتي سطح تي دنيا سان پنهنجا لاڳاپا مضبوط بڻائي رهيو آهي.نثار کهڙو جو چوڻ هو ته حڪمرانن بصيرت سان ڪم ڪندي ملڪ کي مختلف بحرانن مان ڪڍي اڳتي وڌايو آهي. هن چيو ته 8 فيبروري آئي ۽ گذري وئي ڪجهه مظاهرا به ٿيا، پر مجموعي طور حالتون بهتر رهيون ۽ ڪيترائي ماڻهو بي نقاب ٿي ويا. هن وڌيڪ چيو ته ڪجهه سياسي اڳواڻ پنهنجن ساٿين تي به اعتماد نٿا ڪن جنهن سبب پارٽين اندر اختلاف ۽ انتشار سامهون اچي رهيو آهي.ڪينالن جي معاملي تي ڳالهائيندي نثار کهڙو چيو ته پاڻي جي استعمال بابت هڪ ٽيڪنيڪل ڪميٽي قائم ڪئي وئي هئي، جنهن جو مقصد پاڻي جي منصفاڻي ورهاست جو جائزو وٺڻ هو. هن واضح ڪيو ته سنڌو درياهه تي نون ڪينالن ٺاهڻ جو ڪو به فيصلو نه ڪيو ويو آهي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته وزيراعظم کي آگاهه ڪيو ويو آهي ته آبادگار طبقو مطمئن ناهي.هن اعلان ڪيو ته 10 لک ٽن ڪڻڪ خريد ڪئي ويندي ۽ ڪڻڪ جي قيمت 3500 رپيا في من مقرر ڪئي وئي آهي جڏهن ته ننڍن آبادگارن کي 57 ارب رپيا فراهم ڪيا ويا آهن.ان موقعي تي پيپلز پارٽي حيدرآباد ڊويزنل صدر عاجز ڌامراهه ايم اين اي پير آفتاب شاهه جيلاني علي محمد سهتو زاهد علي ڀرڳڙي، فياض علي شاهه صنم ڪاليس نورالنساء ابڙو دانيال ابڙو غلام مصطفيٰ شاهه ۽ انجنيئر سڪندر حيات سميت پارٽي جا ٻيا ڪارڪن به موجود هئا.

بقايا 13 شرجيل ميمڻ

لاءِ هڪ انقلابي ۽ تاريخي قدم آهي هن نئين نظام سان اوورسيز پاڪستانين کي جائيداد جي خريد ۽ فروخت ۾ درپيش مشڪلاتن جو خاتمو ايندو ۽ اهي ملڪ کان ٻاهر پاڪستاني سفارتخانن ۽ مشنز ۾ آن لائن سيل ڊيڊ جي تڪميل ڪري سگهندا. هڪ بيان ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ رجسٽريشن ايڪٽ ۾ ترميم ڪانپوءِ ڪين رجسٽريشن آفيسن ۾ ذاتي حاضري کان ڇوٽ حاصل هوندي جڏهن ته نادرا سان لاڳاپيل اي رجسٽريشن نظام ذريعي بايو ميٽرڪ ۽ چهري جي تصديق به ممڪن بڻائي وئي آهي. هن چيو ته سنڌ حڪومت جي انهن ڪاوشن سان نه رڳو سمنڊ پار پاڪستانين جو اعتماد بحال ٿيندو پر پراپرٽي فراڊ جي روڪ ٿام ۾ به مدد ملندي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اي اسٽيمپنگ نظام کي سنڌ جي پنهنجي آءِ ٽي اداري سنڌ انفرميشن ٽيڪنالاجي ڪمپني جي سپرد ڪرڻ صوبي جي ڊجيٽل خودمختياري ڏانهن اهم اڳڀرائي آهي پنجن سالن جي سروس معاهدو ست ملين روپيا ماهوار جڏهن ته سالياني ڏهه سيڪڙو واڌ سان ٿيندو سنڌس چوڻ هو ته اي اسٽيمپنگ سان روينيو ارڳاڻي جو نظام بهتر ٿيندو ۽ شهرين کي موبائل ايپ پيپر ليس اسٽيمپ ڊيوٽي ۽ ڪيو آر ڪوڊ تصديق جهڙيون جديد سهولتون فراهم ڪيون وينديون هن وڌيڪ چيو ته لاڙڪاڻي ۾ 4 ڍائي 8 ارب رپين جي لاڳت سان جديد فروٽ اينڊ ويجيٽيبل مارڪيٽ جو قيام زرعي معيشت کي مضبوط ڪندو هن منصوبي ۾ هارين ۽ واپارين کي بهترين سهولتن جي فراهمي جي لاءِ بائونڊري وال جديد ڊرينيج سسٽم انتظامي بلاڪ، طبي سهولتون بينڪنگ سروسز ۽ گرين بيلٽ شامل هوندا. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪنزيومر ڪورٽس کي ٽريفڪ ڪورٽس ۾ تبديل ڪرڻ جو فيصلو شهرين کي فوري انصاف جي فراهمي لاءِ ڪيو ويو آهي هن ٻڌايو ته 342 ارب رپيا 635 ڪيسن ۾ بينڪ گارنٽيز جي صورت ۾ ڦاٿل هئا جنهن جي ڪري ترقياتي سرگرميون متاثر ٿي رهيون هيون سنڌ ڪابينا سنڌ ڊولپمينٽ اينڊ مينٽيننس آف انفراسٽرڪچر سيس جي تڪرار جي جامع حل جي منظوري ڏني آهي ان تحت تسليم ٿيل رقمن جو 15 سيڪڙو ٻن مرحلن ۾ ادا ڪيو ويندو جڏهن ته باقي رقم 12 برابر ماهوار قسطن ۾ وصول ڪئي ويندي هن چيو ته ايڪسپورٽ فيسليٽيشن اسڪيم تحت ري ايڪسپورٽ تي مڪمل ڇوٽ ڏئي واپار کي هٿي ڏني پئي وڃي هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت جي فيصلي تحت انڊس ڊيلٽا ۾ محفوظ تمر جي وڻن لاءِ رقبي ۾ نمايان واڌ ڪئي پئي وڃي ۽ ضلعي سجاول جي 405002 ايڪڙ انٽر ٽائيڊل زمين کي تحفظ هيٺ آيل ٻيلو قرار ڏنو ويو آهي جيڪو سامونڊي طوفان ۽ وڏين لهرن خلاف قدرتي ڍال ثابت ٿيندي سنڌس چوڻ هو ته عالمي معيار موجب 25 سيڪڙو جنگلاتي رقبو هجڻ گهرجي جڏهن ته سنڌ ۾ هن وقت رڳو 10 سيڪڙو رقبو محفوظ يا ريزرو فاريسٽ آهي. هن فيصلي سان انڊس ڊيلٽا ۾ اڳواٽ محفوظ 266298 هيڪٽرز رقبي ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو

بقايا 14 خودڪشي

پاڻي جي ٽانڪي ۾ ٻيلل وڻ ۾ رسو ٻڌي خودڪشي ڪري ڇڏي پوليس موجب ته وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 15 رپورٽ

ناڪام رهيو آهي رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته صحت کاتي جي ماتحت ادارو صوبي ۾ ايچ آءِ وي ايڊز جي پکيڙ کي روڪڻ لاءِ اربين رپيا خرچ ڪري چڪو آهي پر منصوبو پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيو سنڌ ۾ ايچ آءِ وي مريضن جو تعداد لاڳيتو وڌندو رهيو ايڊز ڪنٽرول لاءِ اختيار ڪيل طريقيڪار غير موثر ثابت ٿيو مريضن جا ليبارٽري ٽيسٽ ڪرڻ بدران صرف دوائن جو استعمال ڪرايو ويو ۽ سوين مريضن جو فالو اپ نه ڪيو ويو جنهن سبب مريضن جي تعداد ۾ واڌ ٿي مريضن لاءِ ايمبولينسون خريد ڪيون ويون پر استعمال نه ڪيون ويون ادارو ملازمن جي کوٽ جو شڪار هو ۽ عوام ۾ ايچ آءِ وي پروگرام بابت جاڳرتا پيدا ڪرڻ ۾ به ناڪام رهيو رپورٽ سنڌ اسيمبلي جي ڪلهوڪي اجلاس ۾ منظور ڪئي وئي ۽ پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي کي جاچ لاءِ موڪلي وئي آڊيٽر جنرل جي رپورٽ سنڌ ايڊز ڪنٽرول پروگرام جي ڪارڪردگي ۽ عوام جي صحت لاءِ خطري بابت سنگين خدشن جو اظهار ڪري ٿي

بقايا 16 داخل

جاويد باجوا کي ڪرڻ سبب جسم جي مختلف حصن تي ڌڪ لڳا آهن ذريعن جو چوڻ آهي ته اڳوڻي آرمي چيف کي اسپتال داخل ڪرايو ويو آهي، جتي سنڌس علاج جاري آهي خانداني ذريعن موجب، اڳوڻي آرمي چيف اڱاري جي صبح ساڍي ڇهين وڳي پنهنجي گهر جي واش روم ۾ ڪري پيو هو خانداني ذريعن جو چوڻ آهي ته جنرل رٽائرڊ باجوا جي مڇي تي زخم آيا آهن ۽ هو آءِ سي يو ۾ علاج هيٺ آهي

بقايا 17 وڏو وزير

ته احتجاج هر شهري جو آئيني حق آهي، پر عوام جي روزمره زندگي مفلوج ڪرڻ ۽ شهر جي سرگرمين ۾ رنڊڪ وجهڻ برداشت نه ڪيو ويندو. هن آءِ جي سنڌ ۽ ڪمشنر ڪراچي کي هدايت ڪئي ته ٽريفڪ جي فوري بحالي لاءِ قدم کنيا وڃن ۽ شهرين لاءِ متبادل رستن جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي. مراد علي شاهه خبردار ڪيو ته قانون هٿ ۾ کڻندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ ڪراچي جي معمول جي سرگرمين کي متاثر ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. هن چيو ته حڪومت شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ هر ممڪن قدم کڻندي. ٻئي طرف وزيراعليٰ سنڌ ڊي آءِ خان ۾ دهشتگردي جي واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي. هن افسوسناڪ حملي ۾ ايس ايچ او فهيم ممتاز سميت پنج پوليس اهلڪارن جي شهادت تي گهري ڏک ۽ رنج جو اظهار ڪيو. وزيراعليٰ چيو ته ڊي آءِ خان جو واقعو بزدلاڻي ڪارروائي آهي ۽ معصوم جانين جو زيان ناقابل برداشت آهي. هن چيو ته پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جون قربانيون ڪڏهن به رائيگان نه وينديون ۽ شهيدن جي وارثن جي ڏک ۾ حڪومت برابر جي شريڪ آهي. مراد علي شاهه وڌيڪ چيو ته دهشتگردي خلاف جنگ پوري قوم جي گڏيل جنگ آهي ۽ ملڪ ۾ امن جي قيام لاءِ هر سطح تي قدم جاري رکيا ويندا.

بقايا 18 فوت ٿي ويا

جي علائقي پرفيوم چوڪ ويجهو روڊ حادثي ۾ محمود حسين شاهه پٽ فرزان حسين شاهه فوت ٿي ويو آهي ليارڻي پان منڊي ميمڻ ڪمپائونڊ جي ويجهو عمارت جي ڇت تان ڪرڻ جي نتيجي ۾ نامعلوم شخص فوت ٿي ويو

بقايا 19 اهلڪار شهيد

سميت 4 اهلڪار شهيد ٿي ويا. واقعا بعد ۾ دهشتگردن پوليس آپريشن پارٽي تي فائرنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ ايس ايچ او فهيم ممتاز ڪانسٽيبل توقير ڪانسٽيبل عرفان ۽ ڪانسٽيبل غلام رباني شهيد ٿي ويا. فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ ڊي ايس پي حافظ عدنان ۽ ڊرائيور طارق خان زخمي ٿي پيا. واقعي ڪانپوءِ پوليس جي وڏي نفري پهچي وئي ۽ شهيدن جا مڙهه ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو جڏهن ته علائقي ۾ سرچ آپريشن شروع ڪيو ويو

بقايا 20 ڀتا

دوران پوليس ڪيس ۾ نامزد ڄاڻايل جوابدارن جي گهرن ۽ سامان کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو ان موقعي تي ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق رزاق ڌاريجو جو چوڻ هو ته واقعي جي گهڻ رخي جاچ جاري آهي، جوابدارن جا ڪجهه سهولتڪار گرفتار ڪيا آهن. گهربل جوابدار به جلد گرفتار ڪيا ويندا. ڊي آءِ جي حيدرآباد جو وڌيڪ چوڻ هو ته شروعاتي جاچ دوران لڳي رهيو آهي ته عورت کي زيادتي بعد قتل ڪيو ويو آهي جوابدارن کي هرگز معاف نه ڪيو ويندو سمورن جوابدارن ۽ سنڌن سهولتڪارن کي گرفتار ڪري ڪين قانون موجب سزا ڏياري ويندي

بقايا 21 تعزيت ڪئي

جي ٽڏي تي پهچي سنڌس وارثن سان تعزيت ڪئي آهي حيدرآباد ٽول پلازه ويجهو قائم خانه بدوشن جي جهوپڙين ۾ ايس ايس پي حيدرآباد عديل چانڊيو ۽ ايس ايس پي ڄامشورو ظفر صديق ڇانگا پهچي مقتولا صبرين پلاڻ سان ڏک جو اظهار ڪندي ڪين يقين ڏياريو ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن ۽ سهولتڪارن جي گرفتاري تائين آپريشن جاري رکيو ويندو ايس ايس پي ڄامشورو ظفر صديق ڇانگا جو چوڻ هو ته انصاف جي فراهمي تائين ڪارروائي جاري رکي ويندي

بقايا 22 ايس ايچ او

سنڌس وارثن کان پئسا گهرڻ واري معاملي جو نوٽيس وٺندي ڄامشورو اي سيڪشن ٿاڻي جي ايس ايچ او سجاد جمالي کي روزٽ ڪندي معطل ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 23 اسٽيڪ هولڊرز

ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته خانداني دوست ورڪ پليس پاليسيون سنڌ صوبي ۾ جامع معاشي ترقي صنفي برابري ۽ انساني وسيلن جي بهتري لاءِ نهايت اهم آهن انهن خيالن جو اظهار يونيسيف سنڌ ۽ پاڪستان بزنس ڪائونسل جي سهڪار سان منعقد ڪيل "خانداني دوست ورڪ پليس پاليسيون" جي موضوع تي هڪ ايڊووڪيسي ورڪشاپ ۾ ڪيو ويو ان موقعي تي پريم بهادر چند (يونيسيف)، مس لاريسا برون (يونيسيف)، گولڊن موليلو (يو اين ايف پي اي)، مس نازش شيخ (سي آر بي — پي بي سي)، مس انعم افضل (ايچ بي ايل) ۽ ڊاڪٽر مظهر اقبال (يونيسيف) پڻ موجود هئا تقريب کي خطاب ڪندي سنڌ حڪومت جي هيومن رائٽس ڊپارٽمينٽ جي ڊائريڪٽر آغا فخر حسين چيو ته جيتوڻيڪ خانداني دوست پاليسين بابت آگاهي ۾ اضافو ٿيو آهي پر انهن تي عملدرآمد ۾ اڃا به وڏا خال موجود آهن هن موجوده قانونن جي اثرائتي نفاذ، ادارن جي وچ ۾ بهتر هڪجهڙائي ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي زور ڏنو سنڌ اسيمبلي جي ميمبر قاسم سراج سومرو ٻهراڙيءَ واري سنڌ ۾ خاص ڪري زرعي شعبي سان وابسته عورتن لاءِ ٻارن جي سار سنڀال (چائلڊ ڪيئر) جي سهولتن جي فوري ضرورت تي زور ڏنو هن چيو ته چائلڊ ڪيئر سهولتن جي اڻهوند سبب ٻهراڙيءَ جون پورهيت عورتون ۽ انهن جا ٻار سخت متاثر ٿي رهيا آهن ۽ ان حوالي سان فوري پاليسي اپاءَ وٺڻ لازمي آهن يونيسيف ۽ يو اين ايف پي اي جي نمائندن چيو ته ٻارن جي سار سنڀال ۾ مددگار ورڪ پليس ماحول ۾ سيڙپڪاري سان نه رڳو پيداواري صلاحيت وڌي ٿي پر عورتن جي افرادي قوت ۾ شموليت ۽ ٻارن جي نشونما جا بهتر نتيجا پڻ سامهون اچن ٿا نجي شعبي جي نمائندن جن ۾ پاڪستان بزنس ڪائونسل ۽ حبيب بئنڪ لميٽيڊ جا نمائندا به شامل هئا، چيو ته خانداني دوست پاليسيون ملازمن کي برقرار رکڻ ملازمت جي اطمينان ۽ اداري جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون شرڪت ڪندڙن ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ته حڪومت، ترقياتي ادارن ۽ نجي شعبي جي وچ ۾ گڏيل ڪوششون ئي عملي ۽ پائيدار حلن کي هٿي ڏئي سگهن ٿيون خاص ڪري ٻهراڙي وارن علائقن ۾ انهن قدمن کي وڌائڻ جي سخت ضرورت آهي

بقايا 24 معطل

يونيورسٽين پاران دادو سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس جي پرو وائيس چانسلر پروفيسر اظهر شاهه کي فوري طور معطل ڪيو ويو آهي صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو چيو آهي ته سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيندڙ وڊيوز ۽ مبينا نامناسب رويي واري معاملي جو سختي سان نوٽيس ورتو ويو آهي، جنهن ڪانپوءِ پروفيسر اظهر شاهه کي فوري طور معطل ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا. صوبائي وزير يونيورسٽين محمد اسماعيل راهو وڌيڪ ٻڌايو ته پروفيسر اظهر شاهه جي خلاف باقاعدي انڪوائري جا حڪم پڻ جاري ڪيا ويا آهن وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي کي هدايت ڪئي وئي آهي ته 15 ڏينهن اندر انڪوائري مڪمل ڪري رپورٽ پيش ڪئي وڃي يونيورسٽي ترجمان موجب، انڪوائري رپورٽ مڪمل ٿيڻ تائين پروفيسر اظهر شاهه معطل رهندو محمد اسماعيل راهو واضح ڪيو ته يونيورسٽي جي وقار ۽ امیج تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن الزام ثابت ٿيا ته وڌيڪ سخت ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي ياد رهي ته گذريل ڏينهن دادو سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس ۾ پرو وائيس چانسلر جي مبينا ورتاءَ خلاف استادن ۽ شاگردن پاران احتجاج ڪيو ويو هو جنهن جون وڊيوز سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيون هيون

بقايا 25 آگاهي سيمينار

ڊائريڪٽر مجاهد حسين سنڌ ڊائريڪٽر مقصود جهانداني رضوان ميمڻ فيصل چانڊيو عبدالحفيظ نظاماڻي سميت يونيورسٽي جي شاگردن شاگرديائڻين ۽ ٻين مهمانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. آگاهي سيمينار کي خطاب ڪندي نادرا جي ڊي جي عامر علي خان چيو ته حڪومت جي هدايتن تي عوام کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ نادرا جي جديد ايپس تي ڪن سالن تائين ڪم ڪيو ويو آهي، جڏهن سڃاڻپ جون سهولتون ماڻهن جي گهرن تائين پهچائي سگهجن هن ٻڌايو ته هاڻي ماڻهو گهر ويٺي شناختي ڪارڊ (سي اين آءِ سي، نائيڪوپ، پي او سي) جون خدمتون، وفات جو اندراج، دستاويزن جي عالمي ترسيل، پي اي سي ميمبرشپ ڪارڊ، چهري جي سڃاڻپ ذريعي بائيو ميٽرڪ تصديق، فيملي رڪارڊ تائين رسائي سڃاڻپ ڪارڊ جي تجديد ۽ ترميم بي فارم، ٻارن جا پيدائشي سرٽيفڪيٽ، ايف آر سي ۽ سڃاڻپ ڪارڊ جي منسوخي سميت مختلف سهولتون حاصل ڪري سگهن ٿا. هن چيو ته شاگرد ملڪ جو قيمتي اثاثو آهن ۽ جديد ٽيڪنالاجي مان فائدو وٺي سگهن ٿا. هن وڌيڪ ٻڌايو ته حيدرآباد ۽ ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ نادرا ميگا سينٽر اڳ ئي ڪم ڪري رهيا آهن، جڏهن ته عوامي سهولتن کي نظر ۾ رکندي ڄامشورو ۾ پڻ نادرا ميگا سينٽر کولڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي.

بقايا 26 غير قانوني

ڊائون 45 ڊفالٽرن جا ۽ 30 غيرقانوني ڪنڪشن ڪاٽا ڪيا ويا آهي ان حوالي سان آپريشن ڪندڙ ايس ڊي او شهباز ڪوڙري اويس رضا ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته اسان ايڪسئين ڪوٽڙي اختيار علي ميمڻ جي هدايتن تي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ڪالوني ۾ بجلي چورن ۽ ڊفالٽرن خلاف حد جي پوليس رينجرس عملدارن سان گڏجي ڪريڪ ڊائون ڪيو آهي صرف سنڌ يونيورسٽي ڪالوني اندر اسان ڪارروائي دوران 45 ڊفالٽرن ۽ 30 غيرقانوني بجلي چورن خلاف ڪارروائي ڪندي بجلي ڪاٽا ڪئي آهي هن چيو جيڪڏهن ڪو مسڪين ماڻهو آهي ڪا بلاجواز ڊڪيشن لڳو هجي ان جي جائز شڪايت ٻڌي ان کي رليف ڏنو ويندو باقي بجلي چورن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري رهندو ان موقعي تي لائين مين مشڪور علي جتوئي سپوا اڳواڻ ذوالفقار علي رستماڻي چيو ته سنڌ يونيورسٽي جي پورهيت ملازمن جي بجلي جي بهترين سهولت آهي هتي ايڪسپريس لائين هلندڙ آهي بجلي لوڊشيڊنگ ناهي باقي ملازمن کي گهرجي ته هو وقت سر بل ادا ڪن ۽ چوري کان پاسو ڪيو وڃي ڪجهه ڊڪشنن جو اشو آهي اهو به اسان جو انتظامي ۽ واپڊا جو فورم جوڙيل آهي ان فورم تي مسئلو حل ڪري سگهجي ٿو ان دوران ڪجهه ٻيا ملازم موجود هئا

بقايا 27 پوليس چيف

آهستي پر مستقل طور تي پاڻ کي جديد گهرجن سان هم آهنگ پيدا ڪرڻي پوندي. هن چيو ته ڪراچي سنڌس پنهنجو شهر آهي،جتي هن تعليم حاصل ڪئي ۽ پنهنجي عملي زندگي شروع ڪئي.هن شهر ڪيس گهڻو ڪجهه ڏنو هاڻي پوليس چيف جي حيثيت سان هو هن شهر ۽ ان جي شهرين کي ڪجهه واپس ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي هن اعتراف ڪيو ته ڪراچي کي درپيش سڀ کان وڏو مسئلو اسٽريٽ ڪرائم آهي جيتوڻيڪ ان حوالي سان منفي تاثر ڪڏهن ڪڏهن حقيقت کان وڌيڪ هوندو آهي، پر ڏوهن جي وجود کان انڪار نٿو ڪري سگهجي هن وڌيڪ چيو ته 2012 ۽ 2013 جي ڏکئي دور کان پوءِ امن امان جي صورتحال بهتر ٿي آهي، پر وڌيڪ ڪم جي ضرورت آهي.ڪراچي پوليس چيف جاچ جي نظام تي سخت تنقيد جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته گهٽ سزا جي شرح ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته پوليس،پراسيڪيوشن ۽ عدالتي نظام جي وچ ۾ فرق آهي. ڪراچي پوليس چيف چيو ته جاچ آفيسرن جي تربيت، صلاحيت ۽ پيشيوراڻه صلاحيتن کي بهتر بڻائڻ وقت جي ضرورت آهي هن پوليس اهلڪارن جي ڀلائي کي به ناگزير قرار ڏنو ۽ چيو ته جيڪڏهن اهلڪارن کي بهتر ڪم ڪندڙ حالتون، عزت ۽ حوصلا افزائي نه ڏني وڃي ته بهتر نتيجا حاصل ڪرڻ جي اميد نه ٿي سگهي منشيات ۽ منظم ڏوهن بابت ڳالهائيندي، ڪراچي پوليس چيف واضح ڪيو ته منظم ڏوهه پوليس جي سرپرستي ڪانسواءِ ممڪن ناهي هن چيو ته جتي به غير قانوني سرگرميون کليل طور تي ڪيون پيون وڃن اتي لاڳاپيل پوليس ٿاڻن ۽ آفيسرن جو احتساب ضروري آهي پوليس اندر احتساب کي يقيني بڻايو ويندو ۽ صحيح آفيسر کي صحيح جاءِ تي مقرر ڪيو ويندو هن شهر ۾ نظام جي موجودگي مافيا، سياسي دٻاءُ ۽ مالي مفادن کي هڪ وڏو چئلينج قرار ڏنو ۽ چيو ته ايمانداري ۽ انهن جي ساک انهن جو سڀ کان وڏو اثاثو آهي جنهن تي ڪنهن به حالت ۾ سمجهوتو نه ڪيو ويندو آخر ۾ ڪراچي پوليس چيف چيو ته سڌارا صحيح نيت، محنت ۽ صاف قيادت سان ممڪن آهن ۽ صحافين جي تعاون سان پوليسنگ نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي ٿو صحافين سان غير رسمي ڳالهه ٻولهه ۾ مقامي پوليس آفيسرن جي مقرري بابت سوال جي جواب ۾ ڪراچي پوليس چيف چيو ته ايس ايچ اوز جي مقرري جي معيار ۾ معمولي تبديليون ڪيون وينديون ايس ايچ اوز لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال تائين ڪراچي ۾ رهائش ضروري هوندي ڪراچي پوليس چيف چيو ته هو پنهنجو هڪ به ايس ايچ او مقرر نه ڪندو ايس ايچ اوز جي مقررين جو اختيار ضلعن جي ايس ايس پيز وٽ آهي ايس ايس پيز کان ايس ايچ اوز جي ڪارڪردگي بابت پڇيو ويندو،جيڪڏهن مان پنهنجو ايس ايچ او مقرر ڪريان ٿو ته پوءِ مان ايس ايس پيز کان انهن جي ڪارڪردگي بابت ڪيئن پڇي سگهان ٿو؟

بقايا 28 نوٽيفڪيشن چيلنج

ٻڌي بابت حڪومت سنڌ پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن کي چيلنج ڪيو ويو آهي. درخواستگذار جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته عدالتي نوٽيس جاري ٿيڻ ڪانپوءِ سنڌ سرڪار طرفان نئون نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ قانون جي ڀڃڪڙي آهي. ٻڌڻي جسٽس ذوالفقار سانگي جي سربراهي ۾ ٻه رڪني بينچ ڪئي، عدالت ڏکڙي ٻڌڻي واري درخواست منظور ڪندي ، سنڌ حڪومت، صوبائي وزير ليبر سيڪريٽري ليبر سيڪريٽري ورڪرز ويلفيئر بورڊ، ڊي جي ورڪرز ويلفيئر بورڊ سميت ٻين واسطيدار ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي ٻڌڻي 19 فيبروري تائين ملتوي ڪري ڇڏي. درخواستگذار جي وڪيل نشاد احمد وارثي عدالت کي آگاهه ڪيو ته ليبر کاتي جي فيڪٽري ايڪٽ 1934 ۽ لاڳو قانون موجب نامزد ڪيل ڪجهه ماڻهو ورڪرز جي نمائندگي لاءِ اهل ناهن. وڪيل چيو ته اين آءِ آر او 2014 تحت حبيب الدين جنيدي، سيد ذوالفقار شاهه ۽ ناصر عزيز منصور ورڪرز جي نمائندن ۾ شامل نٿا ٿين، تنهن هوندي به ڪين ورڪرز جو نمائندو مقرر ڪيو ويو آهي. وڪيل وڌيڪ چيو ته حبيب الدين جنيدي گذريل 14 سالن کان ميمبر طور شامل رهيو آهي ۽ هو پيپلزپارٽي سان تعلق رکي ٿو جڏهن ته مزدورن جي حقيقي نمائندگي نظرانداز ڪري سياسي بنيادن تي مقرريون ڪيون پيون وڃن. عدالت کان استدعا ڪئي وئي ته جاري ڪيل نوٽيفڪيشن رد ڪيو وڃي. ياد رهي ته حڪومت سنڌ جي ليبر اينڊ هيومن ريسورسز کاتي 4 فيبروري 2026ع تي نوٽيفڪيشن جاري ڪندي "ورڪرز ويلفيئر بورڊ سنڌ" کي ٻن سالن جي مدي لاءِ جوڙڻ جو اعلان ڪيو هو جنهن جي منظوري 27 جنوري 2026ع تي صوبائي ڪابينا جي اجلاس ۾ ڏني وئي هئي، نوٽيفڪيشن موجب صوبائي وزير ليبر چيئرمين هوندا، جڏهن ته سيڪريٽري ليبر صوبائي اسيمبلي جي اسٽينڊنگ ڪميٽي براءِ ليبر فنانس ڊپارٽمينٽ ۽ سنڌ روينيو بورڊ جا نمائندا به ميمبر طور شامل آهن. ايمپلائرز جي نمائندن ۾ عبدالجبار همايون نذير محمد آصف ميمڻ ۽ مسعود نقي شامل آهن، جڏهن ته ورڪرز جي نمائندن ۾ حبيب الدين جنيدي، سيد ذوالفقار شاهه، سيد رحمت شاهه ۽ ناصر عزيز منصور کي ميمبر مقرر ڪيو ويو آهي.

بقايا 29 محمد اسماعيل

وزير محمد اسماعيل راهو يونيورسٽي ڪراچي ۾ منعقد ٿيل ايگرو فوڊ پيس ڪانفرنس ۾ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي ان موقعي تي يونيورسٽي ڪراچي جو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خالد عراقي استاد، محقق ۽ شاگردن جو وڏو انگ پڻ موجود هو پنهنجي خطاب ۾ اسماعيل راهو چيو ته پاڪستان انٽرنيشنل مارڪيٽ ۾ نمايان مقام رکي ٿو هن چيو ته اسان جا گارمينٽس سڀ کان وڌيڪ ايڪسپورٽ ٿين ٿا، جڏهن ته چانورن جي برآمدات پڻ نمايان آهي هن ٻڌايو ته سنڌ حڪومت پاران هاري ڪارڊ اسڪيم ڪاميابيءَ سان جاري آهي جيڪا آبادگارن جي ڀلائي لاءِ متعارف ڪرائي وئي آهي هن وڌيڪ چيو ته اسان کي ملي ڪري پاڻي جي وسيلن کي محفوظ بڻائڻو آهي ڇو ته ماحولياتي تبديلين اسان جي فصلن کي سخت نقصان پهچايو آهي پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ حڪومت هارين سان گڏ بيٺل آهي ۽ سنڌ حڪومت هارين جي بهتري لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي اسان جون عورتون بااختيار آهن ۽ زراعت جي شعبي ۾ پڻ ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيون آهن اسان جا هاري اسان جو فخر آهن صوبائي وزير وائيس چانسلر خالد عراقي ۽ ٻين مهمانن کي سلام پيش ڪندي چيو ته هن ڪانفرنس ۾ شرڪت سنڌس لاءِ خوشيءَ جو باعث آهي هن چيو ته جامعات ۽ ريسرچ انسٽيٽيوٽس لاءِ اهڙين ڪانفرنسن جو منعقد ڪرڻ نهايت ضروري آهي ۽ عالمي ڪانفرنسون هائر ايجوڪيشن ڪميشن جي تقاضن کي به پورو ڪن ٿيون اسماعيل راهو چيو ته تحقيق ۽ ريسرچ ذريعي ئي تعليمي ادارن کي اڳتي وٺي وڃي سگهجي ٿو ماحولياتي تبديلين سميت مختلف چئلينجن جو ذڪر ڪندي هن چيو ته صوبائي ۽ وفاقي جامعات جي وچ ۾ رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي ضرورت آهي هن شاگردن کي مخاطب ٿيندي چيو ته توهان سڀ اسان جي ملڪ جو مستقبل آهيو سسٽينبل فيوچر (پائيدار مستقبل) لاءِ محنت ڪريو ۽ عالمي تبديلين سان منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪريو" هن چيو ته نوجوانن کي ايندڙ وقت جي چئلينجن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ پاڻ کي تيار ڪرڻو پوندو

بقايا 30 ناصر شاهه

آبادگار فورم کي خطاب ڪري رهيو هو جنهن ۾ سنڌ سميت پنجاب، خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان سان تعلق رکندڙ زميندارن هارين زرعي ماهرن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. فورم دوران زرعي پيداوار ۾ واڌ، وڌندڙ خرچ، پاڻي جي دستيابي، جديد ٽيڪنالاجي جي فروغ، مارڪيٽن تائين رسائي ۽ پاليسي سڌارن سميت مختلف معاملن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. صوبائي وزير چيو ته سنڌس تعلق پاڻ هڪ هاري خاندان سان آهي جنهن ڪري هو ٻهراڙي جي معيشت ۽ هارين جي مسئلن کي ذاتي طور تي محسوس ڪري ٿو. هن چيو ته هاري ڏينهن رات محنت ڪري ملڪ جي خوراڪ جي ضرورتن کي پورو ڪن ٿا، تنهن ڪري سنڌن معاشي بهتري حڪومت جي اولين ترجيح آهي. هن ٻڌايو ته صوبائي حڪومت هاري ڪارڊ جاري ڪري سبسڊي ۽ مالي مدد کي شفاف ۽ سڌي طرح ممڪن بڻايو آهي، ته جئن ننڍن ۽ وچولي درجي جي هارين کي حقيقي رليف ملي سگهي. هن چيو ته ڪڻڪ جي امدادي اگهه ۾ واڌ هارين دوست پاليسي جو حصو آهي جنهن سان هارين کي سنڌن محنت جو بهتر معاوضو مليو ۽ ڏيهي معيشت ۾ بهتري آئي. سيد ناصر حسين شاهه وڌيڪ چيو ته معياري ٻج، ڀاڻ ۽ زرعي دوائن تي نمايان رعايت ڏني پئي وڃي، جڏهن ته بائيو گيس ۽ متبادل توانائي جي منصوبن تي به اڳڀرائي جاري آهي، ته جئن زرعي خرچ گهٽايا وڃن ۽ ماحول دوست توانائي جي استعمال کي هٿي ملي. هن چيو ته آبپاشي نظام جي بهتري، واهن جي پاڻي جي منصفاڻي ورڇ ۽ زرعي تحقيق جي فروغ لاءِ لاڳاپيل ادارن کي متحرڪ ڪيو ويو آهي ته جئن في ايڪڙ پيداوار ۾ واڌ آڻي سگهجي ۽ هاري عالمي مقابلي جي قابل بڻجن. صوبائي وزير زور ڏنو ته جديد زرعي ٽيڪنالاجي ۽ مڪينائيزيشن وقت جي اهم ضرورت آهي ۽ نوجوانن کي زرعي شعبي ڏانهن راغب ڪرڻ لاءِ تربيتي پروگرام ۽ آگاهي مهمون جاري آهن. هن يقين ڏياريو ته هاري تنظيمن سان صلاح مشوري ذريعي پاليسي سازي کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو ويندو ۽ آبادگارن کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ فوري قدم کنيا ويندا. فورم جي پڇاڙي تي شرڪت ڪندڙن ڏيهي معيشت جي بحالي ۽ زرعي شعبي جي ترقي لاءِ حڪومتي قدمن کي ساراهيندي چيو ته جديد پوک جي طريقن ۽ گڏيل ڪوششن سان صوبي جي زرعي پيداوار ۾ نمايان اضافو آڻي سگهجي ٿو.

بقايا 31 گرفتار

بئنڪنگ سرڪل ڪراچي غير قانوني ڪرنسي ايڪسچينج ۾ ملوث عورت سميت ٻن ملزمن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. گرفتار ملزمن ۾ علمدار حسين ۽ ارم اصغر شامل آهن جن کي ڪراچي جي علائقي ڪلفٽن مان گرفتار ڪيو ويو. ترجمان ايف آءِ اي موجب ملزم غير قانوني طور ڪرنسي ايڪسچينج جو ڪاروبار ڪري رهيا هئا. ملزمن وٽان 45,300 ڪينيڊين ڊالر ۽ 28,400 آمريڪي ڊالر برآمد ڪيا ويا، جڏهن ته برآمد ٿيل پرڏيهي ڪرنسي جي ماليت هڪ ڪروڙ 75 لک رپين کان وڌيڪ ٻڌائي وڃي ٿي. ملزمن وٽان موبائل فون ۽ غير قانوني ڪرنسي ايڪسچينج سان لاڳاپيل اهم ثبوت پڻ هٿ ڪيا ويا آهن. ايف آءِ اي موجب ملزم بغير لائسنس ڪرنسي ايڪسچينج جو ڪاروبار هلائي رهيا هئا. ملزمن کي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪئي وئي آهي، جڏهن ته سنڌن ٻين ساٿين جي گرفتاري لاءِ به ڇاپا هنيا پيا وڃن. ترجمان ايف آءِ اي مطابق غير قانوني مالي سرگرمين خلاف ڪارروائيون جاري رهنديون

بقايا 32 اسپتال منتقل

ڪاڻون ۾ سمندر خان ڪباڙي آفريدي چوڪ جي ويجهو گهر مان 24 سالن جي عورت آمنا بي بي زال اساما جو لاش مليو اطلاع ملندي واقعي واري هنڌ تي پوليس پهچي عورت جو لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ سول اسپتال جي ٽراما سينٽر منتقل ڪيو پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي بابت پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ بعد موت جو سبب معلوم ٿيندو پوليس وڏي واقعي واري جاءِ تان شاهديون گڏ ڪري جاچ شروع ڪري ڏني آهي

بقايا 33 امر ليلا اظهر

پاڪستان جي حقن جي IIمنصوبي جي تحت ڪراچي ۾ خانگي شعبي ۾ صنفي برابري تي ٻهرين صوبائي مشاورتي اجلاس جو انعقاد ڪيو جيڪو گڏيل قومن جي ترقياتي پروگرام ۽ يورپي يونين جي تعاون سان ڪيو ويو اجلاس جي صدارت ۽ خطاب اين سي ڊي ڊبليو جي چيئرپرسن محترمه امر ليلا اظهر ڪيو هن زور ڏنو ته عورتن لاءِ مهذب، محفوظ ۽ برابر ڪم جا موقعا ۽ اثرائتي معاوضي جي طريقيڪار کي يقيني بڻائڻ ضروري آهي صرف علامتي قدمن جي بدران چيئرپرسن چيو ته ڪراچي ملڪ جو معاشي مرڪز ۽ خانگي روزگار جو هڪ وڏو مرڪز هن ڳالهه ٻولهه کي شروع ڪرڻ لاءِ هڪ مناسب جڳهه آهي، جتي عورتن کي رسمي ۽ غير رسمي ٻنهي شعبن ۾ ڪيترن ئي عملي مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو هن واضح ڪيو ته جيتوڻيڪ ملازمت دوران امتيازي هراساني ۽ مزدورن جي حقن بابت قانون موجود آهن پر ڪمزور نفاذ، ادارن جي هم آهنگي جي کوٽ ۽ طاقت جي عدم توازن جو مطلب آهي ته عورتن کي ڀرتي، برابر پگهار نوڪري جي حفاظت، پيشه ورانه ترقي ۽ شڪايتن جي ازالي ۾ سنگين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو مشاورتي اجلاس ۾ خانگي شعبي، مالي ادارن، ڪپڙي جي صنعت، سروس سيڪٽر گهريلو ۽ غير رسمي ڪم ۾ مصروف عورتن سرڪاري ادارن سول سوسائٽي ۽ عورتن جي حقن جي نمائندن شرڪت ڪئي گروپ بحث دوران شرڪت ڪندڙن عملي تجربن جي روشني ۾ سفارشون پيش ڪيون جن ۾ ڪم جي جڳهه تي برابر پاليسين، برابر پگهار هراساني کان تحفظ، موثر شڪايتن جي طريقيڪار ۽ غير رسمي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ عورتن جي مسئلن کي حل ڪرڻ تي زور ڏنو ويو.چيئرپرسن ورجايو ته صنفي برابري صرف هڪ سماجي ذميواري ناهي پر پائيدار معاشي ترقي ۽ سماجي انصاف جو بنياد پڻ آهي ڪراچي اجلاس جون سفارشون قومي ڪميشن جي سالياني رپورٽ جو حصو بڻجنديون جيڪا مستقبل جي پاليسي سازي ۾ مددگار ثابت ٿيندي هي مشاورتي عمل پشاور لاهور ۽ ڪوئيٽا ۾ پڻ جاري رهندو

بقايا 34 فرار

ڇڏيو جوابدار رحمان مغل پنهنجي سڳي ڀيڻ فاطمه ڌي ۽ عبدالله مغل کي گوليون هڻي فرار ٿي ويو واقعي بعد زخمي نارين کي سيوهڻ جي عبد الله شاهه انسٽيٽيوٽ منتقل ڪري طبي امداد ڏني وئي، ڊاڪٽرن موجب زخمي ناريءَ جي حالت گنڀير هجڻ ڪري ڪيس آئي سي يو وارڊ منتقل ڪيو ويو آهي، جوابدار رحمان مغل گهريلو تڪرار سبب پنهنجي ڀيڻ کي گولي هڻي واقعي واري هنڌ تان فرار ٿي ويو جنهن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن، هوڏانهن پوليس واقعي واري هنڌ تي پهچي واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا 35 ترجمان

۽ سياحت نوادرات سنڌ چيو آهي ته کاتي جي حوالي سان سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيندڙ ڀرتين جا آرڊر مڪمل طور جعلي آهن. پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ ترجمان واضح ڪيو ته کاتي ثقافت ۽ سياحت سنڌ پاران ڪنهن به قسم جا ڀرتين جا آرڊر جاري ناهن ڪيا ويا. هن چيو ته ڪجهه مختلف گروهه ماڻهن کان پئسا وٺي ڪين گمراهه ڪري رهيا آهن جنهن جو حقيقت سان ڪو به تعلق ناهي. ترجمان موجب سوشل ميڊيا تي هلندڙ سمورا آرڊر ڪوڙا ۽ بي بنياد آهن عوام اهڙين افواهن تي ڌيان نه ڏئي. هن خبردار ڪيو ته کاتي جي نالي تي فراڊ ڪندڙ عنصرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 36 الزام

هٽايل ايس ايچ او سجاد جمالي تي اهي به الزام آهن ته عورت جو لاش هٿ اچڻ کان اڳ گرفتار ڪيل سمورن جوابدارن کي هن بااثر کان رشوت وٺي آزاد ڪري ڇڏيو هو.

دي ڊائريڪٽوريٽ آف اسپورٽس
اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز ڊپارٽمينٽ
سنڌ حڪومت

خالي آساميون

سنڌ صوبي جو ڊوميسائل رکندڙ اهل اميدوارن کان درخواستون طلب ڪيون وڃن ٿيون ته هو هن اشتهار جي اشاعت کان پندرهن (15) ڏينهن اندر، هر عهدي لاءِ مقرر ڪيل تعليمي قابليت ۽ تجربي مطابق، ڊائريڪٽوريٽ آف اسپورٽس، اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ ۾ هيٺين خالي آسامين لاءِ درخواستون جمع ڪرائن.

شمار نمبر	پوسٽ جو نالو	BPS	جاين جو تعداد	عمر جي حد	تعليمي قابليت، تجربو ۽ ٻيا شرط پرتيءَ جي قاعدن موجب هوندا
1	جونيئر ڪلارڪ	11	35	21-28	i. گهٽ ۾ گهٽ ٻئي درجي ۾ بيچلر ڊگري يا ان جي برابر، جيڪا هائر ايجوڪيشن ڪميشن (HEC) کان منظور شده يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيل هجي. ii. سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن (SBTE) کان منظور شده اداري مان انگريزي شارٽ هينڊ ۽ ٽائپنگ جو ڇهن مهينن جو سرٽيفڪيٽ هجي. iii. انگريزي شارٽ هينڊ ۾ اسي (80) لفظ في منٽ ۽ ڪمپيوٽر تي انگريزي ٽائپنگ ۾ پنجٽيهه (35) لفظ في منٽ جي رفتار هجي.

جيڪي درخواستگذار هيٺ ڏنل گهرجون پوريون ڪن ٿا، اهي مٿي بيان ڪيل خالي آسامين لاءِ سنڌ حڪومت جي جاب پورٽل https://sjp.gos.pk/ تي آن لائن درخواست ڏئي سگهن ٿا.

i. درخواستگذار لازمي طور تي سکر آءِ بي اي ٽيسٽنگ سروسز (STS) پاران منعقد ڪيل گريجوئيشن ڪيٽيگريءَ جي جنرل اسڪريننگ ٽيسٽ گهٽ ۾ گهٽ 40 سيڪڙو پاس مارڪن سان ڪاميابيءَ سان پاس ڪئي هجي ۽ مقرر عهدي تي مقرري لاءِ STS پاران جاري ڪيل سرٽيفڪيٽ رکندڙ هجي.

ii. درخواستگذار جي عمر جو حساب درخواست جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ مطابق ڪيو ويندو، جيئن سنڌ سول سرونٽ (مقرر عمر جي حد ۾ رعايت) رولز 2024 جي رول 7 تحت مقرر ٿيل آهي.

iii. عام عمر ۾ رعايت سنڌ حڪومت جي پاليسي موجب لاڳو ٿيندي.

iv. شروعاتي مقرري لاءِ مخصوص ڪيل ڪوٽا جو حصو سنڌ حڪومت جي قانون/قاعدن/پاليسي مطابق لاڳو ڪيو ويندو.

v. جيڪي درخواستگذار اڳ ئي سرڪاري ملازمت ۾ آهن، اهي درخواست جمع ڪرائڻ کان اڳ پنهنجي کاتي کان اين او سي (NOC) حاصل ڪن ۽ انٽرويو وقت اصل اين او سي جي ڪاپي ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽيءَ آڏو پيش ڪن.

vi. مقرري سنڌ سول سرونٽ ايڪٽ 1973ع (تا حال ترميم شده) قاعدن تحت، سنڌ حڪومت جي SGA&CD پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن نمبر SOV.(SGA&CD)8-27/2019(BS-5 to 15) تاريخ 26-04-2023، 11-07-2023 ۽ 21-11-2025 موجب، وقت بوقت جاري ڪيل پاليسي مطابق ڪئي ويندي.

vii. اميدوارن کي انٽرويوءَ لاءِ ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽيءَ آڏو گهرايو ويندو، جنهن جو شيڊول سنڌ جاب پورٽل تي اپلوڊ ڪيو ويندو.

viii. اميدوار انٽرويو وقت پنهنجا اصل دستاويز گڏ کڻي اچن.

ix. ٽيسٽ/انٽرويو لاءِ ڪو به TA ۽ DA ادا نه ڏنو ويندو.

ڊائريڪٽر،
ڊائريڪٽوريٽ آف اسپورٽس،
اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز ڊپارٽمينٽ،
سنڌ حڪومت

I WORK FOR SINDH — A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF/KRY/501/2026

Utility Stores Corporation of Pakistan
Ministry of Industries & Production.
ZONAL OFFICE: St-13, Sector 36/A, K-Area Korangi Karachi.
Ph: 021-35035322 | Fax: 021-35042801 | Email: usczok@gmail.com

No.ZOK/P&PR/2026-1752 Date: February 9, 2026

AUCTION NOTICE

The Utility Stores Corporation of Pakistan (USCP), Ministry of Industries & Production, Intends to auction various kind of furniture, fixture and fixed assets inclusive Cash Counters, Table, Chairs, Sign Boards, Poly Sealer / Packing Machine, Air conditioner, Photocopy machine etc. On "As is where is" basis. Following will be procedure / criteria of auction.

All the Open auction bids / offers shall be accepted on 16-02-2026 (Monday) at 12:30 PM at Zonal Office Karachi Plot No.ST-13, Sector 36/A, K-Area Korangi, Karachi by the Auction Committee in the presence of the bidders or their duly authorized representatives, who may wish to attend the auction proceeding on the given address: -

SN	Region	Address	Contact Person	Contact No.
01	Karachi (South)	ST-13, Sector 36/A, K-Area Korangi Karachi	Mr. Riaz Ahmed Panhwar	0300-3034938
02	Hyderabad	R-S/211, S.M.C.H.S. Qasimabad, Hyderabad	Mr. Niaz Hussain Brohi	0345-3755011

i. Every Pakistani having computerized National Identity Card issued by NADRA, can participate in the open public auction except defaulter of Govt. Department or Govt. servant. The companies can participate through their authorized representatives.

ii. Every participant of the open auction will submit Demand Draft / Pay Order valuing Rs. 1,000,000/- (One million) in favor of Utility Stores Corporation of Pakistan (Pvt.) Limited (as security deposit) along with CNIC before time of auction, which shall be returned to all depositer after the open auction except the highest bidder.

iii. Every participant of open auction will submit bid on prescribed form along with a certificate on stamp paper of Rs.100/- that "he is neither a Govt. employee nor a defaulter of Govt. Department"

iv. All the Government taxes applicable will be bourne by the successful bidder.

v. The successful bidder shall be responsible for the collection / lifting of all the items at designated locations within 10 days.

vi. Detail of these items / bidding documents are available at USC website i.e. www.usc.org.ok.

vii. Feel free contact on given phone number, in case of any query.

viii. Complete auction offer documents and additional information (if any) may kindly be obtained from below given address.

Zonal Manager (Karachi)
Utility Stores Corporation of Pakistan (Pvt.) Ltd.
ST-13, Sector 36/A, K-Area Korangi, Karachi
PH: 0213-5035322 / 0333-7124521

PID(K)2743/25

بقايا 1 استعيفي منظور

اڄڪلهه 17 مهينن کانپوءِ منظور ڪئي وئي آهي ذريعن جو چوڻ آهي ته قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق جي سربراهي ۾ بي اين پي اختر مينگل جو استعيفي منظور ڪئي وئي آهي ذريعن موجب، قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اختر مينگل جي استعيفي گذريل رات منظور ڪئي ۽ سندس استعيفي ان تاريخ کان منظور ٿي جنهن تاريخ تي هن ڏني هئي ذريعن جو اهو به چوڻ آهي ته سردار اختر مينگل جنوري 2026 تائين قومي اسيمبلي جي ميمبر طور سموريون مراعتون به استعمال ڪندو رهيو ياد رهي ته اختر مينگل قومي اسيمبلي جي رڪنيت تان 3 ڊسمبر 2024ع تي استعيفي ڏني هئي، سندس استعيفي اڄڪلهه 17 مهينن کانپوءِ منظور ڪئي وئي آهي. سردار اختر مينگل اين اي 256 خضدار وڻ تان فيبروري 2024 ۾ ايم اين اي چونڊيو ويو هو ۽ سندس استعيفي منظور ٿيڻ کانپوءِ ها سيٽ خالي ٿي وئي آهي جنهن تي ايندڙ ڪن مهينن اندر ضمني چونڊ ٿي سگهي ٿي.

بقايا 2 ايمل ولي

شخص تي اگر ڪنڊو جيڪو دهشتگردي جو حامي رهيو آهي سينيٽ اجلاس کي خطاب ڪندي ايمل ولي خان چيو ته دهشتگردن جي موجودگي هڪ ڏوهه آهي، تنهن ڪري دهشتگردن کي واپس آڻيندڙ هر ڪنهن کي ٻڌايو وڃي ته ڇا اهي سزا جا مستحق آهن؟ هن چيو ته اهي سڀ ڪيئن آزاد گهمي رهيا آهن؟ دهشتگردن جي سهولتڪارن خلاف به ڪارروائي ڪئي وڃي اي اين پي سربراهه وڌيڪ چيو ته ڪجهه شهيدن جا مائٽ پاراچنار کان آيا هئا. معاملو هاڻي اسلام آباد تائين پهچي چڪو آهي 40 هزار دهشتگردن کي واپس آندو ويو ۽ جيل مان آزاد ڪيو ويو هن چيو ته سڀني عقيدن سياستدانن مذهبن ۽ فرقن جي ماڻهن کي ويهڻ گهرجي ۽ ڳالهائڻ گهرجي آئين جو تقاضا آهي ته سيڪيورٽي فورسز قوم کي 24 ڪلاڪ پرامن ماحول فراهم ڪن

بقايا 3 وزير دفاع

ڪوشش ڪئي آهي. هر باشعور انسان ڄاڻي ٿو ته پاڪستان جي فوج سڄي ملڪ جي فوج آهي خواجا آصف چيو ته گذريل 5 سالن ۾ 3141 فوجين شهادتون ماڻيون، 2021 کان فيبروري 2026 تائين 170 آفيسر شهيد ٿيا، جي سي اوز 212، جڏهن ته 2759 جوان شهيد ٿيا. آزاد جمون ۽ ڪشمير مان سڀ کان وڌيڪ 2034 شهادتون ٿيون بلوچستان ۾ 103، گلگت بلتستان ۾ 161، خيبرپختونخوا ۾ ڪل 534، پنجاب ۾ 1657 ۽ سنڌ ۾ 452 فوجي شهيد ٿيا. بچاءَ واري وزير چيو ته انهن انگن اکرن کان پوءِ ڪو ٻڌائي ته ڇا پاڪ فوج ڇهن ضلعن جي فوج آهي؟ پنجابين جو سڄاڻپ ڪارڊ ڏسي بلوچستان ۾ گولي هڻي وڃي ٿي، پنجابين کي گولي هڻڻ تي بلوچستان مان ڪو به آواز نه ٿو اٿي ڇا هي ڇهن ضلعن جي فوج آهي يا پاڪستان جي فوج آهي؟ ليڊر آف اپوزيشن جو عهدو قومي عهدو آهي، ڪنهن ضلعي جو عهدو ناهي. ان عهدي تي ويهي غير ذميوارانا بيان ڏيڻ عهدي جي توهين آهي هي وطن ۽ قوم جي جنگ آهي ڪنهن ضلعي جي جنگ ناهي. هن چيو ته محمود اڇڪزئي پنهنجي نظرين جي پاسداري ڪري پر حملو نه ڪري، پاڪ فوج ڪنهن صوبي يا ضلعي جي فوج ناهي دهشتگردي جي هن جنگ ۾ اسان روزانو نقصان کڻي رهيا آهيون بلوچستان ۾ ۾ سٺ کان وڌيڪ دهشتگرد ماريا ويا، اسلام ۾ رتو ڇاڻ جي ڪائي اجازت ناهي اسان فوجين جا ڌڙ سسيءَ کان ڌار ڪيا وڃن ٿا، پاڪ فوج پنهنجي رت سان پنهنجي حلف جي توثيق ڪري رهي آهي اسان سياستدان گري ايريا ۾ رهندا آهيون پارٽيون تبديل ڪندا آهيون پر شهيدن پارٽيون تبديل ناهن ڪيون شهيد اسان جي ريڊ لائن آهن شهيد اول ۽ آخر پاڪستاني هوندو آهي ان جو تعلق ڪنهن ضلعي سان ناهي هوندو. ان کانپوءِ قومي اسيمبلي ۾ فوج سان ايڪي ۽ شهيدن کي پيار پيش ڪرڻ لاءِ ٺهراءُ اتفاق راءِ سان منظور ڪيو ويو. ٺهراءُ بچاءَ واري وزير خواجا آصف پيش ڪيو

بقايا 4 هدايتون

اجلاس ٿيو جنهن ۾ نائب وزيراعظم اسحاق ڊار عطاءِ تارڙ اويس لغاري، پرويز ملڪ، بلال ڪياني، محمد علي ۽ احد چيمه سميت ٻين شرڪت ڪئي وزيراعظم نيپرا طرفان سولر سان لاڳاپيل نون ريگيوليشنز جاري ٿيڻ جو فوري نوٽيس ورتو آهي. شهباز شريف پاور ڊويزن کي نيپرا ڪي سولر واهپيدارن جي ڪانٽريڪٽ جي تحفظ بابت نظرثاني اپيل داخل ڪرڻ ۽ موجودا ڪانٽريڪٽس جو هر ممڪن تحفظ يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي آهي وزيراعظم چيو ته سولر وارن 4 لک 66 هزار صارفين جو بار 3 ڪروڙ 76 لک نيشنل گرڊ بجلي صارفين تي نه پوي. هن پاور ڊويزن کي ان سلسلي ۾ گڏيل حڪمت عملي عمل تيار ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي. سولر واهپيدارن بابت نوان ريگيوليشنز ڇا آهن؟ نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (نيپرا) نيشنل گرڊ کي بجلي وڪرو ڪرڻ جا ريٽ گهٽائي ڇڏيا آهن نون ريگيوليشنز موجب، پراڻا سولر صارفين پنهنجي بجلي نيشنل گرڊ کي 25 رپيا 32 پئسا في يونٽ جي پراڻي ريٽ تي ئي وڪرو ڪندا، جڏهن ته نون صارفين لاءِ نيشنل گرڊ کي وڪرو ڪيل بجلي جي في يونٽ ريٽ ۾ 17 رپيا 19 پئسا وڌي گهٽتائي ڪئي وئي آهي يعني نون صارفين کي 8 رپيا 13 پئسا ملندا.

بقايا 5 چارجز لڳائي ڇڏيا

پاور ڊويزن جي درخواست تي فيصلو جاري ڪري ڇڏيو فڪسڊ چارجز پروٽيڪٽڊ ۽ نان پروٽيڪٽڊ واهپيدارن تي لڳايا ويا آهن ان کان اڳ رڳو 300 يونٽ کان وڌيڪ استعمال وارن نان پروٽيڪٽڊ واهپيدارن تي فڪسڊ چارجز لاڳو هئا نيپرا جي فيصلي موجب ماهوار 100 يونٽ استعمال ڪندڙ پروٽيڪٽڊ واهپيدارن تي 200 رپيا فڪسڊ چارجز لڳايا ويا آهن ماهوار 200 يونٽ بجلي استعمال ڪندڙ پروٽيڪٽڊ گهريلو واهپيدارن تي 300 رپيا ماهوار فڪسڊ چارجز لڳايا ويا آهن 100 يونٽ تائين وارن نان پروٽيڪٽڊ واهپيدارن تي 275 رپيا ماهوار فڪسڊ چارجز لڳايا ويا آهن ماهوار 200 يونٽ تائين وارن نان پروٽيڪٽڊ واهپيدارن تي 300 رپيا فڪسڊ چارجز لڳايا ويا آهن ماهوار 300 يونٽ تائين استعمال وارن نان پروٽيڪٽڊ واهپيدارن تي 350 رپيا فڪسڊ چارجز لڳايا ويا آهن نيپرا جي فيصلي موجب ماهوار 301 کان 400 يونٽ تائين وارن نان پروٽيڪٽڊ واهپيدارن تي فڪسڊ چارجز 200 رپيا واڌ سان 400 رپيا ڪيا ويا آهن ماهوار 401 کان 500 يونٽ استعمال وارن نان پروٽيڪٽڊ واهپيدارن تي 100 رپيا واڌ سان فڪسڊ چارجز 500 رپيا مقرر ڪيا ويا آهن ماهوار 600 يونٽ استعمال تي فڪسڊ چارجز 75 رپيا واڌ سان 675 رپيا ڪيا ويا آهن

بقايا 6 گهرو وزير

جائزو ورتو دوري دوران آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو پڻ گهرو وزير سان گڏ موجود هئا. جيڪو سرينڊر نه ڪندو اهو ماريو ويندو هاڻي به موقعو ڏئي رهيو آهيان جيڪي قانون آڏو سرينڊر ٿيڻ چاهين ٿا، اهي فوراً سرينڊر ڪن ٻي صورت ۾ ڌاڙيلن کي جلد ئي وڏو سرپرائز ڏينداسين اسان جديد هٿيار ايڊوانس ڊرون ۽ ٻيا آلات آرڊر ڪري ڇڏيا آهن، ڪچي علائقي ۾ رياستي رٽ جي قيام تائين ميگا آپريشن "نجات مهراڻ" پوري قوت سان جاري رهندو جرائم پيشه عنصرن خلاف بنا فرق ڪارروائي جاري آهي عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ اولين ترجيح آهي. سنڌ پوليس جون قربانيون قابل تحسين آهن. حڪومت پوليس فورس کي هر ممڪن وسيلا فراهم ڪندي آپريشن ۾ پوليس ۽ رينجرز سنڌ جو حوصلو بلند آهي انهن کي شاباس آهي پوليس ۽ رينجرز سنڌ ڪچي علائقن ۾ اڳين مورچن ڏانهن اڳڀرائي شروع ڪري وڏو قدم کنيو آهي صرف ٻه هنڌن کان سواءِ ڪچي علائقا لڳ ڀڳ ڪليئر آهن.ڪچي ۾ امن امان جو قيام صدر پاڪستان جو خواب آهي جيڪو جلد پورو ٿيندو وڏي وزير سنڌ جي هن ميگا آپريشن ۾ پوليس کي مڪمل حمايت حاصل آهي. ڊي آءِ جي ناصر آفتاب گهرو وزير سنڌ کي رينج ۽ ضلعن ۾ امن امان جي موجوده صورتحال بابت جامع بريفنگ ڏني ڊي آءِ جي موجب ڪچي علائقي ۾ جاري آپريشن جي تازي رپورٽ مطابق سکر ۽ لاڙڪاڻو رينج ۾ پوليس وڏيون ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن سکر ۽ لاڙڪاڻو ڪچي آپريشن جي شروعات کان هينئر تائين مجموعي طور 27 ڌاڙيل مارجي ويا ۽ 82 زخمي ٿيا آهن ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو چيو ته ٻنهي پوليس رينجن ۾ 78 ڌاڙيلن کي گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته 152 ڌاڙيلن پوليس آڏو سرينڊر ڪيو آهي ناصر آفتاب چيو مجموعي طور 17 مغوين کي بازياب ڪرائي 87 هٿيار قبضي ۾ ورتا ويا آهن ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو چيو ڪچي علائقي ۾ جاري ميگا آپريشن جي هدف، حڪمت عملي ۽ اڳڀرائي بابت تفصيلي آگاهي ڏني وئي بريفنگ ۾ ڪچي علائقن کي ڏوهن کان پاڪ بڻائڻ لاءِ کنيل قدمن تي خاص ڌيان ڏنو ويو

بقايا 7 اعلان

موجود هئا. اجلاس دوران ڪميشن عام عوام کان شاهدين طلب ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ پبلڪ نوٽس جاري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو پبلڪ نوٽس ۾ ڪميشن جا ٽي او آر شامل آهن ۽ سانحو گل پلازه سان لاڳاپيل ڪنهن به اهم معلومات رکندڙ ماڻهو اي ميل ذريعي ڪميشن سان رابطو ڪري سگهن ٿا. پبلڪ نوٽس مطابق، عوام سانحو سان لاڳاپيل حقيقتون ۽ واقعاتي معلومات فراهم ڪري سگهن ٿا. ۽ رجوع ڪرڻ جي آخري تاريخ 20 فيبروري رکيل آهي معلومات فراهم ڪرڻ لاءِ اي ميل ايڊريس gpi-coi@shc.gov.com آهي چيف جسٽس سنڌ هائيڪورٽ جسٽس ظفر احمد راجپوت ڪميشن لاءِ سيڪريٽريٽ فراهم ڪيو آهي جيڪو سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ قائم ڪيو ويو آهي جسٽس آغا فيصل ڪميشن پاران ڪمشنر ڪراچي کي هدايتون جاري ڪيون آهن ته اسٽاف کي نوٽيفائي ڪيو وڃي، جنهن ۾ رجسٽرار ڪميشن فوڪل پرسن ۽ ماهرن کي شامل ڪيو ويندو ڪميشن جو مقصد سانحو گل پلازه جي حقيقتن جي مڪمل جاچ ۽ عوامي شواهد گڏ ڪرڻ آهي ته جيئن صحيح رپورٽ تيار ڪئي وڃي

بقايا 8 روڊ بلاڪ

پوليس پاران ائين ڪلاس جي شاگرد عبدالباسط سميت ڇهن ڄڻن کي سخت تشدد بعد لاڪپ ڪرڻ خلاف ڪوٽ بهادر چانڊيو جي رهواسين عورتن سميت ٽنڊوجام ٿاڻي آڏو ڌرڻو هڻي ۽ ٿاڻي کي واهيون ڏئي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو مظاهرين ٽنڊوجام پوليس خلاف ڇتي نعريبازي پڻ ڪندا رهيا. روڊ بلاڪ سبب روڊ جي ٻنهي پاسي سوين گاڏيون بيهجي ويون. انهي موقعي تي مسمات وزيران چانڊيو ۽ ٻين ڏانهيندي چيو ته ٽنڊوجام پوليس بااثر زميندار آفتاب شاهه جي چوڻ تي اسان جي نوجوانن خلاف چوري جي ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪرائي آهي ڪورٽ مان ضمانت ڪرائڻ بعد پوليس بيان وٺڻ بهاني گهرائي ائين ڪلاس جي شاگرد 14 ورهين جي عبدالباسط چانڊيو نويد، سهيل ۽ مجاهد چانڊيو کي لاڪ اپ ڪري وحشياڻي تشدد جو نشانو بڻايو آهي. هنن چيو ته 14 ورهين جي معصوم کي اسان جي سامهون ٽنڊوجام ٿاڻي تي وحشياڻي تشدد جو نشانو بڻايو ويو هنن چيو ته انصاف نه مليو ته روڊ تي پنهنجو پاڻ کي باهه ڏيئي ساڙينداسين ٻئي پاسي آخري اطلاعن تائين روڊ بلاڪ هو جڏهن ته ٿاڻي تي مختلف ٿاڻن جي پوليس پهچي وئي آهي

بقايا 9 منور ٽالپر

سنڌ جي اڳوڻي وزير ۽ سردار منور علي ٽالپر چيو آهي ته پ پ جا سمورا وزير اسيمبلي ميمبر عوام جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ صدر آصف علي زرداري جي هدايتن تي ڪوششون ڪن. پ پ عوام جي پارٽي آهي، هو نه صرف عوام جي خدمت ڪري رهيا آهن پر ايندڙ چونڊن ۾ به پارٽي وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيندي، سنڌي ۽ مهاجرن جو ڪو جهيڙو ناهي سنڌ ۾ رهندڙ سڀ ڀائر ۽ پاڪستاني آهي عوام جي مسئلن جي حل لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهيان مراد علي شاهه ۽ سنڌ جي ڪابينا جا وزير عوام جي مسئلن جي حل لاءِ ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهيا آهن. پ پ عوام جي پارٽي آهي ميرٽ جي بنياد تي ان کي ڪير به شڪست نٿو ڏئي سگهي

بقايا 10 محمود اڇڪزئي

رڳو قومي نه پر بين الاقوامي مسئلو بڻجي چڪي آهي.قومي اسيمبلي ۾ تقرير ڪندي هن چيو ته دهشتگردي ڪيئن شروع ٿي؟ ڪڏهن ٿي؟ ان کي سمجهڻ لاءِ ماضي ڏانهن وڃڻو پوندو پشاور جي ايئر بيس تان آمريڪي جاسوس جهاز روس جي جاسوسي ڪري رهيو هو جنهن کي روسين ماريو ان واقعي کانپوءِ آمريڪا ۽ روس جي ڇڪتاڻ وڌي ۽ پوءِ افغانستان ۾ روسي فوج داخل ٿي.هن چيو ته افغانستان ۾ روس جي اچڻ سان سڄي دنيا، مذهب، ملڪن ۽ ايجنسين گڏجي جنگ شروع ڪئي ۽ پاڪستان کي عالمي بدمعاشن جي تجربي گاهه بڻايو ويو اسان جي ملڪ ۾ ڪلاشنڪوف ڪلچر منشيات، راڪيٽ لانچر ۽ تشدد داخل ٿيو هٿيار سستا ٿيا، ماڻهو ماريا ويا، شهر تباهه ٿيا، ۽ خاص طور ڪراچي سميت سمورو ملڪ رت ۾ رهنجندڙ رهيو.هن چيو ته لکين افغان پناهگير آيا، هزارين شهيد ٿيا، افغانستان مڪمل طور تباهه ٿي ويو پوءِ به اسان فخر سان چوندا رهياسين ته اسان سپر پاور کي شڪست ڏني پر حقيقت ۾ ان جا نتيجا اڄ ڏينهن اسان ڀوڳي رهيا آهيون.هن چيو ته هي دنيا انتهائي ظالم آهي جڏهن انهن جي مفادن تي رهنڊ ۾ اچي ٿو ته انسانيت جا ليڪچر ڏين ٿا، پر جڏهن مفاد هجن ته لکين انسان مارڻ ۾ دير نٿا ڪن جيئن عراق ۾ ڪيو ويو.هن چيو ته هاڻي هڪ نئون نقشو تيار ٿي رهيو آهي ڪردستان، آزاد بلوچستان آزاد پشتونستان ڪمزور پاڪستان.مذهبي ۽ لساني بنيادن تي ورهاست ڪئي پئي وڃي جيڪڏهن اهڙي ريت قومن کي ورهايو ويو ته ايران ترڪي شام عراق ۽ پاڪستان سڀ باهه ۾ سڙي ويندا.هن چيو ته دهشتگرد ڪو پاڳل ناهن ماڻهو تڏهن هٿيار کڻن ٿا جڏهن انهن سان انتها جي ناانصافي ٿئي ٿي. ناانصافي نفرت پيدا ڪري ٿي نفرت تشدد پيدا ڪري ٿي ۽ پوءِ گوليون هلن ٿيون قرآن چوي ٿو ته انصاف ڪريو انصاف تقويٰ جي ويجهو آهي.هن چيو ته 75سال جيڪي غلطيون ڪيون آهن اچو ته هاڻي وساري انصاف تي ٻڌل رياست ٺاهيون ڪو به پاڪستان جي خلاف ناهي ڪو به نٿو چاهي ته ملڪ ٽٽي پر طاقت جو سرچشمو هي پارليامينٽ هجڻ گهرجي ايجنسيون يا بند ڪمرن جا فيصلا نه.هن چيو ته سينيٽ کي به قومي اسيمبلي برابر اختيار ڏنا وڃن سنڌ، بلوچستان، خيبر پختونخوا ۽ پنجاب جي وسيلن تي پهريون حق اتان جي ماڻهن جو هجڻ گهرجي.دهشتگردي جو حل بندوق نه پر انصاف، جمهوريت، شفاف اليڪشن ۽ قومي ڳالهه ٻولهه آهي.پاڙيسري ملڪن سان گڏ ويهي مسئلا حل ڪرڻا پوندا اچو ته خدا کان به معافي وٺون عوام کان به ۽ گڏجي پاڪستان کي بچايون

بقايا 11 بل منظور

بار ڪورم جي نشاندهي ڪئي ويندي" ان کانپوءِ اياز صادق قانون سازي جاري رکندي ڪيترائي بل منظور ڪرايا. قومي اسيمبلي هيٺيان بل اڪثريت راءِ سان منظور ڪيا ويا. پاڪستاني شهريت (ترميمي) بل 2025 کي اڪثريت راءِ سان منظور ڪيو ويو جڏهن ته پنگ جي انتظام ۽ ريگوليٽري اٿارٽي (ترميمي) بل 2026 به اڪثريت راءِ سان منظور ڪيو ويو ان کانسواءِ پاڪستان جي نالن ۽ نشانين جي غلط استعمال جي روڪٿام وارو (ترميمي) بل 2026 به اڪثريت راءِ سان منظور ڪيو ويو قومي اسيمبلي طرفان نيشنل آرڪائيوز (ترميمي) بل 2026 به اڪثريت راءِ سان منظور ڪيو ويو جڏهن ته نيو پاڪستان هائوسنگ اينڊ ڊولپمينٽ اٿارٽي (ترميمي) بل 2026 به منظور ڪيو ويو. ايوان اسلام آباد جي بزرگ شهرين (ترميمي) بل 2025 پڻ اڪثريت راءِ سان منظور ڪيو جڏهن ته بل ۾ عاليه ڪامران جي ترميم اڪثريت راءِ سان رد ڪئي وئي؛ ان کانپوءِ قومي اسيمبلي جو اجلاس سڀاڻي صبح 11 وڳي تائين ملتوي ڪيو ويو

بقايا 12 نثار کهڙو

ته پوءِ ان جو جواب وزيراعظم شهباز شريف کي ڏيڻ گهرجي جيڪو اڃا تائين قوم آڏو نه آيو. جيڪڏهن وزيراعظم پنهنجن وزيرن کي اهڙي ڍر ڏئي رهيو آهي ته پوءِ ان جو ذميوار به وزيراعظم پاڻ آهي. پيپلز پارٽي حيدرآباد ڊويزن جي سيڪريٽريٽ ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي نثار کهڙو چيو ته پاڪستان پنهنجي ترقي جي سفر ۾ اڳتي وڌي رهيو آهي پر ڪجهه ماڻهو اڃا تائين منفي سياست ۽ انتشار پکيڙڻ کان باز نٿا اچن. ماضي ۾ چيو ويو ته پاڪستان کي اڪيلو ڪري ڇڏينداسين پر اڄ اهي ئي عنصر نريندر مودي کي ياد ڪري رهيا آهن جڏهن ته پاڪستان سفارتي سطح تي دنيا سان پنهنجا لاڳاپا مضبوط بڻائي رهيو آهي.نثار کهڙو جو چوڻ هو ته حڪمرانن بصيرت سان ڪم ڪندي ملڪ کي مختلف بحرانن مان ڪڍي اڳتي وڌايو آهي. هن چيو ته 8 فيبروري آئي ۽ گذري وئي ڪجهه مظاهرا به ٿيا، پر مجموعي طور حالتون بهتر رهيون ۽ ڪيترائي ماڻهو بي نقاب ٿي ويا. هن وڌيڪ چيو ته ڪجهه سياسي اڳواڻ پنهنجن ساٿين تي به اعتماد نٿا ڪن جنهن سبب پارٽين اندر اختلاف ۽ انتشار سامهون اچي رهيو آهي.ڪينالن جي معاملي تي ڳالهائيندي نثار کهڙو چيو ته پاڻي جي استعمال بابت هڪ ٽيڪنيڪل ڪميٽي قائم ڪئي وئي هئي، جنهن جو مقصد پاڻي جي منصفاڻي ورهاست جو جائزو وٺڻ هو. هن واضح ڪيو ته سنڌو درياهه تي نون ڪينالن ٺاهڻ جو ڪو به فيصلو نه ڪيو ويو آهي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته وزيراعظم کي آگاهه ڪيو ويو آهي ته آبادگار طبقو مطمئن ناهي.هن اعلان ڪيو ته 10 لک ٽن ڪڻڪ خريد ڪئي ويندي ۽ ڪڻڪ جي قيمت 3500 رپيا في من مقرر ڪئي وئي آهي جڏهن ته ننڍن آبادگارن کي 57 ارب رپيا فراهم ڪيا ويا آهن.ان موقعي تي پيپلز پارٽي حيدرآباد ڊويزنل صدر عاجز ڌامراهه ايم اين اي پير آفتاب شاهه جيلاني علي محمد سهتو زاهد علي پرڳڙي، فياض علي شاهه صنمر ڪالين نورالنساء ابڙو دانيال ابڙو غلام مصطفيٰ شاهه ۽ انجنيئر سڪندر حيات سميت پارٽي جا ٻيا ڪارڪن به موجود هئا.

بقايا 13 شرجيل ميمڻ

لاءِ هڪ انقلابي ۽ تاريخي قدم آهي هن نئين نظام سان اوور سيز پاڪستانين کي جائيداد جي خريد ۽ فروخت ۾ درپيش مشڪلاتن جو خاتمو ايندو ۽ اهي ملڪ کان ٻاهر پاڪستاني سفارتخانن ۽ مشنز ۾ آن لائن سيل ڊيڊ جي تڪميل ڪري سگهندا هڪ بيان ۾ سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ رجسٽريشن ايڪٽ ۾ ترميم کانپوءِ ڪين رجسٽريشن آفيسن ۾ ذاتي حاضري کان ڇوٽ حاصل هوندي جڏهن ته نادرا سان لاڳاپيل اي رجسٽريشن نظام ذريعي بايو ميٽرڪ ۽ چهري جي تصديق به ممڪن بڻائي وئي آهي. هن چيو ته سنڌ حڪومت جي انهن ڪاوشن سان نه رڳو سمنڊ پار پاڪستانين جو اعتماد بحال ٿيندو پر پراپرٽي فراڊ جي روڪ ٿام ۾ به مدد ملندي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اي اسٽيمپنگ نظام کي سنڌ جي پنهنجي آءِ ٽي اداري سنڌ انفرميشن ٽيڪنالوجي ڪمپني جي سپرد ڪرڻ صوبي جي ڊجيٽل خودمختياري ڏانهن اهم اڳڀرائي آهي پنجن سالن جي سروس معاهدو ست ملين روپيا ماهوار جڏهن ته ساليانو ڏهه سيڪڙو واڌ سان ٿيندو سندس چوڻ هو ته اي اسٽيمپنگ سان روينيو اوڳاڙي جو نظام بهتر ٿيندو ۽ شهرين کي موبائل ايپ پيپر ليس اسٽيمپ ڊيوٽي ۽ ڪيو آر ڪوڊ تصديق جهڙيون جديد سهولتون فراهم ڪيون وينديون هن وڌيڪ چيو ته لاڙڪاڻي ۾ 4 ڏهائي 8 ارب رپين جي لاڳت سان جديد فروٽ اينڊ ويجيٽيبل مارڪيٽ جو قيام زرعي معيشت کي مضبوط ڪندو هن منصوبي ۾ هارين ۽ واپارين کي بهترين سهولتن جي فراهمي جي لاءِ باؤنڊري وال جديد ڊرينيج سسٽم انتظامي بلاڪ، طبي سهولتون بينڪنگ سروسز ۽ گرين بيلٽ شامل هوندا. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪنزيومر ڪورٽس کي ٽريفڪ ڪورٽس ۾ تبديل ڪرڻ جو فيصلو شهرين کي فوري انصاف جي فراهمي لاءِ ڪيو ويو آهي هن ٻڌايو ته 342 ارب رپيا 635 ڪيسن ۾ بينڪ گارنٽيز جي صورت ۾ ڦاٿل هئا جنهن جي ڪري ترقياتي سرگرميون متاثر ٿي رهيون هيون سنڌ ڪابينا سنڌ ڊولپمينٽ اينڊ مينٽيننس آف انفراسٽرڪچر سيس جي تڪرار جي جامع حل جي منظوري ڏني آهي.ان تحت تسليم ٿيل رقم جو 15 سيڪڙو ٻن مرحلن ۾ ادا ڪيو ويندو جڏهن ته باقي رقم 12 برابر ماهوار قسطن ۾ وصول ڪئي ويندي هن چيو ته ايڪسپورٽ فيسليٽيشن اسڪيم تحت ري ايڪسپورٽ تي مڪمل ڇوٽ ڏئي واپار کي هٿي ڏني پئي وڃي هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت جي فيصلي تحت انڊس ڊيلٽا ۾ محفوظ تمر جي وڻن لاءِ رقبي ۾ نمايان واڌ ڪئي پئي وڃي ۽ ضلعي سجاول جي 405002 ايڪڙ انٽر ٽائيڊل زمين کي تحفظ هيٺ آيل بيلو قرار ڏنو ويو آهي جيڪو سامونڊي طوفان ۽ وڏين لهرن خلاف قدرتي ڍال ثابت ٿيندي. سندس چوڻ هو ته عالمي معيار موجب 25 سيڪڙو جنگلاتي رقبو هجڻ گهرجي جڏهن ته سنڌ ۾ هن وقت رڳو 10 سيڪڙو رقبو محفوظ يا ريزروڊ فاريسٽ آهي. هن فيصلي سان انڊس ڊيلٽا ۾ اڳواٽ محفوظ 266298 هيڪٽرز رقبي ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو

بقايا 14 خودڪشي

پاڻي جي ٽرائي ۾ ٻيلل وڻ ۾ رسو ٻڌي خودڪشي ڪري ڇڏي پوليس موجب ته وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 15 رپورٽ

ناڪام رهيو آهي رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته صحت کاتي جي ماتحت ادارو صوبي ۾ ايڇ آءِ وي ايڊز جي پکيڙ کي روڪڻ لاءِ اربين رپيا خرچ ڪري چڪو آهي پر منصوبو پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيو سنڌ ۾ ايڇ آءِ وي مريضن جو تعداد لاڳيتو وڌندو رهيو ايڊز ڪنٽرول لاءِ اختيار ڪيل طريقيڪار غير موثر ثابت ٿيو مريضن جا ليبارٽري ٽيسٽ ڪرڻ بدران صرف دوائن جو استعمال ڪرايو ويو ۽ سوين مريضن جو فالو اپ نه ڪيو ويو جنهن سبب مريضن جي تعداد ۾ واڌ ٿي مريضن لاءِ ايمبولينسون خريد ڪيون ويون پر استعمال نه ڪيون ويون ادارو ملازمن جي کوٽ جو شڪار هو ۽ عوام ۾ ايڇ آءِ وي پروگرام بابت جاڳرتا پيدا ڪرڻ ۾ به ناڪام رهيو رپورٽ سنڌ اسيمبلي جي ڪلهوڪي اجلاس ۾ منظور ڪئي وئي ۽ پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي کي جاچ لاءِ موڪلي وئي آڊيٽر جنرل جي رپورٽ سنڌ ايڊز ڪنٽرول پروگرام جي ڪارڪردگي ۽ عوام جي صحت لاءِ خطري بابت سنگين خدشن جو اظهار ڪري ٿي

بقايا 16 داخل

جاويد باجوا کي ڪرڻ سبب جسم جي مختلف حصن تي ڌڪ لڳا آهن ذريعن جو چوڻ آهي ته اڳوڻي آرمي چيف کي اسپتال داخل ڪرايو ويو آهي، جتي سندس علاج جاري آهي خانداني ذريعن موجب، اڳوڻي آرمي چيف اڱاري جي صبح ساڍي ڇهين وڳي پنهنجي گهر جي واش روم ۾ ڪري پيو هو خانداني ذريعن جو چوڻ آهي ته جنرل رٽائرڊ باجوا جي مٿي تي زخم آيا آهن ۽ هو آءِ سي يو ۾ علاج هيٺ آهي

بقايا 17 وڏو وزير

ته احتجاج هر شهري جو آئيني حق آهي، پر عوام جي روزمره زندگي مفلوج ڪرڻ ۽ شهر جي سرگرمين ۾ رنڊڪ وجهڻ برداشت نه ڪيو ويندو. هن آءِ جي سنڌ ۽ ڪمشنر ڪراچي کي هدايت ڪئي ته ٽرئفڪ جي فوري بحالي لاءِ قدم کنيا وڃن ۽ شهرين لاءِ متبادل رستن جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي. مراد علي شاهه خبردار ڪيو ته قانون هٿ ۾ کڻندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ ڪراچي جي معمول جي سرگرمين کي متاثر ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. هن چيو ته حڪومت شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ هر ممڪن قدم کڻندي. ٻئي طرف وزيراعليٰ سنڌ ڊي آءِ خان ۾ دهشتگردي جي واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي. هن افسوسناڪ حملي ۾ ايس ايڇ او فهيم ممتاز سميت پنج پوليس اهلڪارن جي شهادت تي گهري ڏک ۽ رنج جو اظهار ڪيو. وزيراعليٰ چيو ته ڊي آءِ خان جو واقعو بزدلاڻي ڪارروائي آهي ۽ معصوم جانين جو زيان ناقابل برداشت آهي. هن چيو ته پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جون قربانيون ڪڏهن به رائيگان نه وينديون ۽ شهيدن جي وارثن جي ڏک ۾ حڪومت برابر جي شريڪ آهي. مراد علي شاهه وڌيڪ چيو ته دهشتگردي خلاف جنگ پوري قوم جي گڏيل جنگ آهي ۽ ملڪ ۾ امن جي قيام لاءِ هر سطح تي قدم جاري رکيا ويندا.

بقايا 18 فوت ٿي ويا

جي علائقي پرفيوم چوڪ ويجهو روڊ حادثي ۾ محمود حسين شاهه پٽ فرزان حسين شاهه فوت ٿي ويو آهي لياري پان منڊي ميمڻ ڪمپائونڊ جي ويجهو عمارت جي ڇت تان ڪرڻ جي نتيجي ۾ نامعلوم شخص فوت ٿي ويو

بقايا 19 اهلڪار شهيد

سميت 4 اهلڪار شهيد ٿي ويا. واندا بيد ۾ دهشتگردن پوليس آپريشن پارٽي تي فائرنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ ايس ايڇ او فهيم ممتاز ڪانسٽيبل توقير ڪانسٽيبل عرفان ۽ ڪانسٽيبل غلام رباني شهيد ٿي ويا. فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ ڊي ايس پي حافظ عدنان ۽ ڊرائيور طارق خان زخمي ٿي پيا. واقعي کانپوءِ پوليس جي وڏي نفري پهچي وئي ۽ شهيدن جا مڙهه ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو جڏهن ته علائقي ۾ سرچ آپريشن شروع ڪيو ويو

بقايا 20 ڀتا

دوران پوليس ڪيس ۾ نامزد ڄاڻايل جوابدارن جي گهرن ۽ سامان کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو ان موقعي تي ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق رزاق ڌاريجو جو چوڻ هو ته واقعي جي گهڻ رخي جاچ جاري آهي، جوابدارن جا ڪجهه سهولتڪار گرفتار ڪيا آهن. گهربل جوابدار به جلد گرفتار ڪيا ويندا. ڊي آءِ جي حيدرآباد جو وڌيڪ چوڻ هو ته شروعاتي جاچ دوران لڳي رهيو آهي ته عورت کي زيادتي بعد قتل ڪيو ويو آهي جوابدارن کي هرگز معاف نه ڪيو ويندو سمورن جوابدارن ۽ سندن سهولتڪارن کي گرفتار ڪري کين قانون موجب سزا ڏياري ويندي

بقايا 21 تعزيت ڪئي

جي تڏي تي پهچي سندس وارثن سان تعزيت ڪئي آهي حيدرآباد ٽول پلازه ويجهو قائم خان بدوشن جي جهوپڙين ۾ ايس ايس پي حيدرآباد عديل چانڊيو ۽ ايس ايس پي ڄامشورو ظفر صديق ڇانگا پهچي مقتولا صبرين پلاڻ سان ڏک جو اظهار ڪندي کين يقين ڏياريو ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن ۽ سهولتڪارن جي گرفتاري تائين آپريشن جاري رکيو ويندو ايس ايس پي ڄامشورو ظفر صديق ڇانگا جو چوڻ هو ته انصاف جي فراهمي تائين ڪارروائي جاري رکي ويندي

بقايا 22 ايس ايڇ او

سندس وارثن کان پئسا گهرڻ واري معاملي جو نوٽيس وٺندي ڄامشورو اي سيڪشن ٿاڻي جي ايس ايڇ او سجاد جمالي کي رپورٽ ڪندي معطل ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 23 اسٽيڪ هولڊرز

ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته خانداني دوست ورڪ پليس پاليسيون سنڌ صوبي ۾ جامع معاشي ترقي صنفي برابري ۽ انساني وسيلن جي بهتري لاءِ نهايت اهم آهن انهن خيالن جو اظهار يونيسيف سنڌ ۽ پاڪستان بزنس ڪائونسل جي سهڪار سان منعقد ڪيل "خانداني دوست ورڪ پليس پاليسيون" جي موضوع تي هڪ ايڊووڪيسي ورڪشاپ ۾ ڪيو ويو ان موقعي تي پريم بهادر چند (يونيسيف)، مس لاريسا برون (يونيسيف)، گولڊن موليلو (يو اين ايف پي اي)، مس نازش شيخ (سي اي آر بي — بي بي سي)، مس انعم افضل (ايچ بي ايل) ۽ ڊاڪٽر مظهر اقبال (يونيسيف) پڻ موجود هئا. تقريب کي خطاب ڪندي سنڌ حڪومت جي هيومن رائٽس ڊپارٽمينٽ جي ڊائريڪٽر آغا فخر حسين چيو ته جيتوڻيڪ خانداني دوست پاليسين بابت آگاهي ۾ اضافو ٿيو آهي، پر انهن تي عملدرآمد ۾ اڃا به وڏا خال موجود آهن. هن موجوده قانونن جي اثرائتي نفاذ، ادارن جي وچ ۾ بهتر هڪجهڙائي ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي زور ڏنو سنڌ اسيمبلي جي ميمبر قاسم سراج سومرو ٻهراڙيءَ واري سنڌ ۾ خاص ڪري زرعي شعبي سان وابسته عورتن لاءِ ٻارن جي سار سنڀال (چائلڊ ڪيئر) جي سهولتن جي فوري ضرورت تي زور ڏنو هن چيو ته چائلڊ ڪيئر سهولتن جي اڻهوند سبب ٻهراڙيءَ جون پورهيت عورتون ۽ انهن جا ٻار سخت متاثر ٿي رهيا آهن ۽ ان حوالي سان فوري پاليسي اپاءَ وٺڻ لازمي آهن. يونيسيف ۽ يو اين ايف پي اي جي نمائندن چيو ته ٻارن جي سار سنڀال ۾ مددگار ورڪ پليس ماحول ۾ سيڙپڪاري سان نه رڳو پيداواري صلاحيت وڌي ٿي پر عورتن جي افرادي قوت ۾ شموليت ۽ ٻارن جي نشونما جا بهتر نتيجا پڻ سامهون اچن ٿا نجي شعبي جي نمائندن، جن ۾ پاڪستان بزنس ڪائونسل ۽ حبيب بئنڪ لميٽيڊ جا نمائندا به شامل هئا، چيو ته خانداني دوست پاليسيون ملازمن کي برقرار رکڻ، ملازمت جي اطمينان ۽ ادارن جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون شرڪت ڪندڙن ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ته حڪومت، ترقياتي ادارن ۽ نجي شعبي جي وچ ۾ گڏيل ڪوششون ئي عملي ۽ پائيدار حلن کي هٿي ڏئي سگهن ٿيون. خاص ڪري ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ انهن قدمن کي وڌائڻ جي سخت ضرورت آهي.

بقايا 24 معطل

يونيورسٽين پاران دادو سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس جي پرو وائيس چانسلر پروفيسر اظهر شاهه کي فوري طور معطل ڪيو ويو آهي صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو چيو آهي ته سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيندڙ وڊيوز ۽ مبينا نامناسب رويي واري معاملي جو سختي سان نوٽيس ورتو ويو آهي، جنهن کانپوءِ پروفيسر اظهر شاهه کي فوري طور معطل ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا. صوبائي وزير يونيورسٽين محمد اسماعيل راهو وڌيڪ ٻڌايو ته پروفيسر اظهر شاهه جي خلاف باقاعدي انڪوائري جا حڪم پڻ جاري ڪيا ويا آهن وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي کي هدايت ڪئي وئي آهي ته 15 ڏينهن اندر انڪوائري مڪمل ڪري رپورٽ پيش ڪئي وڃي يونيورسٽي ترجمان موجب، انڪوائري رپورٽ مڪمل ٿيڻ تائين پروفيسر اظهر شاهه معطل رهندو محمد اسماعيل راهو واضح ڪيو ته يونيورسٽي جي وقار ۽ اميج تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن الزام ثابت ٿيا ته وڌيڪ سخت ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي ياد رهي ته گذريل ڏينهن دادو سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس ۾ پرو وائيس چانسلر جي مبينا رويي خلاف استادن ۽ شاگردن پاران احتجاج ڪيو ويو هو جنهن جون وڊيوز سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيون هيون

بقايا 25 آگاهي سيمينار

ڊائريڪٽر مجاهد حسين سنڌ ڊائريڪٽر مقصود جهانداني رضوان ميمڻ فيصل چانڊيو عبدالحفيظ نظاماڻي سميت يونيورسٽي جي شاگردن شاگردياڻين ۽ ٻين مهمانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. آگاهي سيمينار کي خطاب ڪندي نادرا جي ڊي جي عامر علي خان چيو ته حڪومت جي هدايتن تي عوام کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ نادرا جي جديد ايپس تي ڪن سالن تائين ڪم ڪيو ويو آهي. جيئن سڄاڻپ جون سهولتون ماڻهن جي گهرن تائين پهچائي سگهجن هن ٻڌايو ته هاڻي ماڻهو گهر ويٺي شناختي ڪارڊ (سي اين آءِ سي، نائيڪوپ، پي او سي) جون خدمتون، وفات جو اندراج، دستاويزن جي عالمي ترسيل، پي اي سي ميمبرشپ ڪارڊ، چهري جي سڄاڻپ ذريعي بائيو ميٽرڪ تصديق، فيملي رڪارڊ تائين رسائي سڄاڻپ ڪارڊ جي تجديد ۽ ترميم بي فارم ٻارن جا پيدائشي سرٽيفڪيٽ، ايف آر سي ۽ سڄاڻپ ڪارڊ جي منسوخي سميت مختلف سهولتون حاصل ڪري سگهن ٿا. هن چيو ته شاگرد ملڪ جو قيمتي اثاثو آهن ۽ جديد ٽيڪنالاجي مان فائدو وٺي سگهن ٿا. هن وڌيڪ ٻڌايو ته حيدرآباد ۽ ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ نادرا ميگا سينٽر اڳ ئي ڪم ڪري رهيا آهن جڏهن ته عوامي سهولتن کي نظر ۾ رکندي ڄامشورو ۾ پڻ نادرا ميگا سينٽر کولڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي

بقايا 26 غير قانوني

ڊائون 45 ڊفالٽرن جا ۽ 30 غيرقانوني ڪنڪشن ڪاٽا ڪيا ويا آهي ان حوالي سان آپريشن ڪندڙ ايس ڊي او شهباز ڪوٽڙي اويس رضا ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته اسان ايڪسئين ڪوٽڙي اختيار علي ميمڻ جي هدايتن تي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ڪالوني ۾ بجلي چورن ۽ ڊفالٽرن خلاف حد جي پوليس رينجرس عملدارن سان گڏجي ڪريڪ ڊائون ڪيو آهي صرف سنڌ يونيورسٽي ڪالوني اندر اسان ڪارروائي دوران 45 ڊفالٽرن ۽ 30 غيرقانوني بجلي چورن خلاف ڪارروائي ڪندي بجلي ڪاٽا ڪئي آهي هن چيو جيڪڏهن ڪو مسڪين ماڻهو آهي ڪا بلاجواز ڊڪيشن لڳو هجي ان جي جائز شڪايت ٻڌي ان کي رليف ڏنو ويندو باقي بجلي چورن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري رهندو ان موقعي تي لائين مين مشڪور علي جتوئي سپا اڳواڻ ذوالفقار علي رستماڻي چيو ته سنڌ يونيورسٽي جي پورهيت ملازمن جي بجلي جي بهترين سهولت آهي هتي ايڪسپريس لائين هلندڙ آهي بجلي لوڊشيڊنگ ناهي باقي ملازمن کي گهرجي ته هو وقت سر بل ادا ڪن ۽ چوري کان پاسو ڪيو وڃي ڪجهه ڊڪشين جو اشو آهي اهو به اسان جو انتظامي ۽ واپڊا جو فورم جوڙيل آهي ان فورم تي مسئلو حل ڪري سگهجي ٿو ان دوران ڪجهه ٻيا ملازم موجود هئا

بقايا 27 پوليس چيف

آهستي پرمستقل طور تي پاڻ کي جديد گهرجن سان هم آهنگ پيدا ڪرڻي پوندي. هن چيو ته ڪراچي سندس پنهنجو شهر آهي،جتي هن تعليم حاصل ڪئي ۽ پنهنجي عملي زندگي شروع ڪئي.هن شهر کيس گهڻو ڪجهه ڏنو هاڻي پوليس چيف جي حيثيت سان هو هن شهر ۽ ان جي شهرين کي ڪجهه واپس ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي هن اعتراف ڪيو ته ڪراچي کي درپيش سڀ کان وڏو مسئلو اسٽريٽ ڪرائم آهي جيتوڻيڪ ان حوالي سان منفي تاثر ڪڏهن ڪڏهن حقيقت کان وڌيڪ هوندو آهي، پر ڏوهن جي وجود کان انڪار نٿو ڪري سگهجي هن وڌيڪ چيو ته 2012 ۽ 2013 جي ڏکئي دور کان پوءِ امن امان جي صورتحال بهتر ٿي آهي، پر وڌيڪ ڪم جي ضرورت آهي.ڪراچي پوليس چيف جاچ جي نظام تي سخت ڇنڊڇاڻ جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته گهٽ سزا جي شرح جي ڳالهه جو ثبوت آهي ته پوليس،پراسيڪيوشن ۽ عدالتي نظام جي وچ ۾ فرق آهي. ڪراچي پوليس چيف چيو ته جاچ آفيسرن جي تربيت، صلاحيت ۽ پيشيوراڻه صلاحيتن کي بهتر بڻائڻ وقت جي ضرورت آهي هن پوليس اهلڪارن جي ڀلائي کي به ناگزير قرار ڏنو ۽ چيو ته جيڪڏهن اهلڪارن کي بهتر ڪم ڪندڙ حالتون، عزت ۽ حوصلا افزائي نه ڏني وڃي ته بهتر نتيجا حاصل ڪرڻ جي اميد نه ٿي سگهجي منشيات ۽ منظم ڏوهن بابت ڳالهائيندي، ڪراچي پوليس چيف واضح ڪيو ته منظم ڏوهه پوليس جي سرپرستي ڪانسواءِ ممڪن ناهي هن چيو ته جتي به غير قانوني سرگرميون کليل طور تي ڪيون پيون وڃن اتي لاڳاپيل پوليس ٿاڻي ۽ آفيسرن جو احتساب ضروري آهي پوليس اندر احتساب کي يقيني بڻايو ويندو ۽ صحيح آفيسر کي صحيح جاءِ تي مقرر ڪيو ويندو هن شهر ۾ نظام جي موجودگي مافيا، سياسي دٻاءُ ۽ مالي مفادن جي هڪ وڏي چئلينج قرار ڏنو ۽ چيو ته ايمانداري ۽ انهن جي ساک انهن جو سڀ کان وڏو اثاثو آهي جنهن تي ڪنهن به حالت ۾ سمجهوتو نه ڪيو ويندو آخر ۾ ڪراچي پوليس چيف چيو ته سڌارا صحيح نيت، محنت ۽ صاف قيادت سان ممڪن آهن ۽ صحافين جي تعاون سان پوليسنگ نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي ٿو صحافين سان غير رسمي ڳالهه ٻولهه ۾ مقامي پوليس آفيسرن جي مقرري بابت سوال جي جواب ۾ ڪراچي پوليس چيف چيو ته ايس ايڇ اوز جي مقرري جي معيار ۾ معمولي تبديليون ڪيون وينديون ايس ايڇ اوز لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال تائين ڪراچي ۾ رهائش ضروري هوندي ڪراچي پوليس چيف چيو ته هو پنهنجو هڪ به ايس ايڇ او مقرر نه ڪندو ايس ايڇ اوز جي مقرري جو اختيار ضلعن جي ايس ايس پيز وٽ آهي ايس ايس پيز کان ايس ايڇ اوز جي ڪارڪردگي بابت پڇيو ويندو.جيڪڏهن مان پنهنجو ايس ايڇ او مقرر ڪريان ٿو ته پوءِ مان ايس ايس پيز کان انهن جي ڪارڪردگي بابت ڪئين پڇي سگهان ٿو؟

بقايا 28 نوٽيفڪيشن چيلنج

بادي بابت حڪومت سنڌ پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن کي چيلنج ڪيو ويو آهي. درخواستگذار جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته عدالتي نوٽيس جاري ٿيڻ کانپوءِ سنڌ سرڪار طرفان نئون نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ قانون جي ڀڃڪڙي آهي. ٻڌڻي جسٽس ذوالفقار سانگي جي سربراهي ۾ ٻه رڪني بينچ ڪئي. عدالت ٽڪري ٻڌڻي واري درخواست منظور ڪندي ، سنڌ حڪومت، صوبائي وزير ليبر سيڪريٽري ليبر سيڪريٽري ورڪرز ويلفيئر بورڊ، ڊي جي ورڪرز ويلفيئر بورڊ سميت ٻين واسطيدار ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي ٻڌڻي 19 فيبروري تائين ملتوي ڪري ڇڏي. درخواستگذار جي وڪيل نشاد احمد وارثي عدالت کي آگاهه ڪيو ته ليبر کاتي جي فيڪٽري ايڪٽ 1934 ۽ لاڳو قانونن موجب نامزد ڪيل ڪجهه ماڻهو ورڪرز جي نمائندگي لاءِ اهل ناهن. وڪيل چيو ته اين آءِ آر اي 2014 تحت حبيب الدين جنيدي، سيد ذوالفقار شاهه ۽ ناصر عزيز منصور ورڪرز جي نمائندن ۾ شامل نه ٿي سگهن، تنهن هوندي به کين ورڪرز جو نمائندو مقرر ڪيو ويو آهي. وڪيل وڌيڪ چيو ته حبيب الدين جنيدي گذريل 14 سالن کان ميمبر طور شامل رهيو آهي ۽ هو پيپلزپارٽي سان تعلق رکي ٿو جڏهن ته مزدورن جي حقيقي نمائندگي نظرانداز ڪري سياسي بنيادن تي مقرريون ڪيون پيون وڃن. عدالت کان استدعا ڪئي وئي ته جاري ڪيل نوٽيفڪيشن رد ڪيو وڃي. ياد رهي ته حڪومت سنڌ جي ليبر اينڊ هيومن ريسورسز کاتي 4 فيبروري 2026ع تي نوٽيفڪيشن جاري ڪندي "ورڪرز ويلفيئر بورڊ سنڌ" کي ٻن سالن جي مدي لاءِ جوڙڻ جو اعلان ڪيو هو جنهن جي منظوري 27 جنوري 2026ع تي صوبائي ڪابينا جي اجلاس ۾ ڏني وئي هئي. نوٽيفڪيشن موجب صوبائي وزير ليبر چيئرمين هوندو جڏهن ته سيڪريٽري ليبر صوبائي اسيمبلي جي اسٽينڊنگ ڪميٽي براءِ ليبر فنانس ڊپارٽمينٽ ۽ سنڌ روينيو بورڊ جا نمائندا به ميمبر طور شامل آهن. ايمپلائرز جي نمائندن ۾ عبدالجبار همايون نذير محمد آصف ميمڻ ۽ مسعود نقي شامل آهن. جڏهن ته ورڪرز جي نمائندن ۾ حبيب الدين جنيدي، سيد ذوالفقار شاهه، سيد رحمت شاهه ۽ ناصر عزيز منصور کي ميمبر مقرر ڪيو ويو آهي.

بقايا 29 محمد اسماعيل

وزير محمد اسماعيل راهو يونيورسٽي ڪراچي ۾ منعقد ٿيل ايگرو فوڊ پيس ڪانفرنس ۾ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي ان موقعي تي يونيورسٽي ڪراچي جو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خالد عراقي استاد، محقق ۽ شاگردن جو وڏو انگ پڻ موجود هو پنهنجي خطاب ۾ اسماعيل راهو چيو ته پاڪستان انٽرنيشنل مارڪيٽ ۾ نمايان مقام رکي ٿو هن چيو ته اسان جا گارمينٽس سڀ کان وڌيڪ ايڪسپورٽ ٿين ٿا، جڏهن ته چانورن جي برآمدات پڻ نمايان آهي هن ٻڌايو ته سنڌ حڪومت پاران هاري ڪارڊ اسڪيم ڪاميابيءَ سان جاري آهي جيڪا آبادگارن جي ڀلائي لاءِ متعارف ڪرائي وئي آهي هن وڌيڪ چيو ته اسان کي ملي ڪري پاڻي جي وسيلن کي محفوظ بڻائڻو آهي، ڇو ته ماحولياتي تبديليون اسان جي فصلن کي سخت نقصان پهچايو آهي پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ حڪومت هارين سان گڏ بيٺل آهي ۽ سنڌ حڪومت هارين جي بهتري لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي اسان جون عورتون بااختيار آهن ۽ زراعت جي شعبي ۾ پڻ ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيون آهن اسان جا هاري اسان جو فخر آهن صوبائي وزير وائيس چانسلر خالد عراقي ۽ ٻين مهمانن کي سلام پيش ڪندي چيو ته هو هن ڪانفرنس ۾ شرڪت سندس لاءِ خوشيءَ جو باعث آهي هن چيو ته جامعات ۽ ريسرچ انسٽيٽيوٽس لاءِ اهڙين ڪانفرنس جو منعقد ڪرڻ نهايت ضروري آهي ۽ عالمي ڪانفرنسون هائر ايجوڪيشن ڪميشن جي تقاضن کي به پورو ڪن ٿيون اسماعيل راهو چيو ته تحقيق ۽ ريسرچ ذريعي ئي تعليمي ادارن کي اڳتي وڌي وڃي سگهجي ٿو ماحولياتي تبديلين سميت مختلف چئلينجن جو ذڪر ڪندي هن چيو ته صوبائي ۽ وفاقي جامعات جي وچ ۾ رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي ضرورت آهي هن شاگردن کي مخاطب ٿيندي چيو ته توهان سڀ اسان جي ملڪ جو مستقبل آهيو سسٽينيبل فيوچر (پائيدار مستقبل) لاءِ محنت ڪريو ۽ عالمي تبديلين سان منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪريو" هن چيو ته نوجوان کي ايندڙ وقت جي چئلينجن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ پاڻ کي تيار ڪرڻو پوندو

بقايا 30 ناصر شاهه

آبادگار فورم کي خطاب ڪري رهيو هو جنهن ۾ سنڌ سميت پنجاب، خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان سان تعلق رکندڙ زميندارن، هارين، زرعي ماهرن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. فورم دوران زرعي پيداوار ۾ واڌ، وڌندڙ خرچ، پاڻي جي دستيابي، جديد ٽيڪنالاجي جي فروغ، مارڪيٽن تائين رسائي ۽ پاليسي سڌارن سميت مختلف معاملن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. صوبائي وزير چيو ته سندس تعلق پاڻ هڪ هاري خاندان سان آهي جنهن ڪري هو ٻهراڙيءَ جي معيشت ۽ هارين جي مسئلن کي ذاتي طور تي محسوس ڪري ٿو. هن چيو ته هاري ڏينهن رات محنت ڪري ملڪ جي خوراڪ جي ضرورتن کي پورو ڪن ٿا، تنهن ڪري سندن معاشي بهتري حڪومت جي اولين ترجيح آهي. هن ٻڌايو ته صوبائي حڪومت هاري ڪارڊ جاري ڪري سبسڊي ۽ مالي مدد کي شفاف ۽ سڌي طرح ممڪن بڻايو آهي، ته جيئن ننڍن ۽ وچولي درجي جي هارين کي حقيقي رليف ملي سگهي. هن چيو ته ڪڻڪ جي امدادي اگهه ۾ واڌ هاري دوست پاليسي جو حصو آهي جنهن سان هارين کي سندن محنت جو بهتر معاوضو مليو ۽ ڳوٺاڻي معيشت ۾ بهتري آئي. سيد ناصر حسين شاهه وڌيڪ چيو ته معياري ٻج، ڀاڻ ۽ زرعي دوائن تي نمايان رعايت ڏني پئي وڃي، جڏهن ته بائيو گيس ۽ متبادل توانائي جي منصوبن تي به اڳڀرائي جاري آهي ته جيئن زرعي خرچ گهٽيا وڃن ۽ ماحول دوست توانائي جي استعمال کي هٿي ملي. هن چيو ته آبپاشي نظام جي بهتري، واهن جي پاڻي جي منصفاڻي ورهاست ۽ زرعي تحقيق جي فروغ لاءِ لاڳاپيل ادارن کي متحرڪ ڪيو ويو آهي ته جيئن في ايڪڙ پيداوار ۾ واڌ آڻي سگهجي ۽ هاري عالمي مقابلي جي قابل بڻجن. صوبائي وزير زور ڏنو ته جديد زرعي ٽيڪنالاجي ۽ مڪينائيزيشن وقت جي اهم ضرورت آهي ۽ نوجوانن کي زرعي شعبي ڏانهن راغب ڪرڻ لاءِ تربيتي پروگرام ۽ آگاهي مهمون جاري آهن. هن يقين ڏياريو ته هاري تنظيمن سان صلاح مشوري ذريعي پاليسي سازي کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو ويندو ۽ آبادگارن کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ فوري قدم کنيا ويندا. فورم جي پڄاڻي تي شرڪت ڪندڙن ڏيهي معيشت جي بحالي ۾ زرعي شعبي جي ترقي لاءِ حڪومتي قدمن کي ساراهيندي چيو ته جديد پوک جي طريقن، گڏيل ڪوششن سان صوبي جي زرعي پيداوار ۾ نمايان اضافو آڻي سگهجي ٿو.

بقايا 31 گرفتار

بئنڪنگ سرڪل ڪراچي غير قانوني ڪرنسي ايڪسچينج ۾ ملوث عورت سميت ٻن ملزمن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. گرفتار ملزمن ۾ علمدار حسين ۽ ارم اصغر شامل آهن جن کي ڪراچي جي علائقي ڪلفٽن مان گرفتار ڪيو ويو. ترجمان ايف آءِ اي موجب ملزم غير قانوني طور ڪرنسي ايڪسچينج جو ڪاروبار ڪري رهيا هئا. ملزمن وٽان 45,300 ڪينيڊين ڊالر ۽ 28,400 آمريڪي ڊالر برآمد ڪيا ويا، جڏهن ته برآمد ٿيل پرڏيهي ڪرنسي جي ماليت هڪ ڪروڙ 75 لک رپين کان وڌيڪ ٻڌائي وڃي ٿي. ملزمن وٽان موبائل فون ۽ غير قانوني ڪرنسي ايڪسچينج سان لاڳاپيل اهم ثبوت پڻ هٿ ڪيا ويا آهن. ايف آءِ اي موجب ملزم بغير لائسنس ڪرنسي ايڪسچينج جو ڪاروبار هلائي رهيا هئا. ملزمن کي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪئي وئي آهي، جڏهن ته سندن ٻين ساٿين جي گرفتاري لاءِ به ڇاپا هنيا پيا وڃن. ترجمان ايف آءِ اي مطابق غير قانوني مالي سرگرمين خلاف ڪارروائيون جاري رهنديون

بقايا 32 اسپتال منتقل

ٽائون ۾ سمندر خان ڪباڙي آفريدي چوڪ جي ويجهو گهر مان 24 سالن جي عورت آمنا بي بي زال اسامه جو لاش مليو اطلاع ملندي واقعي واري هنڌ تي پوليس پهچي عورت جو لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ سول اسپتال جي ٽراما سينٽر منتقل ڪيو پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي بابت پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ بعد موت جو سبب معلوم ٿيندو پوليس وڏي واقعي واري جاءِ تان شاهدين گڏ ڪري جاچ شروع ڪري ڏني آهي

بقايا 33 امر ليلا اظهر

پاڪستان جي حقن جي IIمنصوبي جي تحت ڪراچي ۾ خانگي شعبي ۾ صنفي برابري تي ٻهرين صوبائي مشاورتي اجلاس جو انعقاد ڪيو جيڪو گڏيل قومن جي ترقياتي پروگرام ۽ يورپي يونين جي تعاون سان ڪيو ويو اجلاس جي صدارت ۽ خطاب اين سي ڊي ڊبليو جي چيئرپرسن محترمه امر ليلا اظهر ڪيو هن زور ڏنو ته عورتن لاءِ مهذب، محفوظ ۽ برابر ڪم جا موقعا ۽ اثرائتي معاوضي جي طريقيڪار کي يقيني بڻائڻ ضروري آهي. صرف علامتي قدمن جي بدران چيئرپرسن چيو ته ڪراچي ملڪ جو معاشي مرڪز ۽ خانگي روزگار جو هڪ وڏو مرڪز هن ڳالهه ٻولهه کي شروع ڪرڻ لاءِ هڪ مناسب جڳهه آهي، جتي عورتن کي رسمي ۽ غير رسمي ٻنهي شعبن ۾ ڪيترن ئي عملي مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو هن واضح ڪيو ته جيتوڻيڪ ملازمت دوران امتيازي هراساني ۽ مزدورن جي حقن بابت قانون موجود آهن پر ڪمزور نفاذ، ادارن جي هم آهنگي جي کوٽ ۽ طاقت جي عدم توازن جو مطلب آهي ته عورتن کي پرڏيهي، برابر پگهار نوڪري جي حفاظت، پيشه ورانه ترقي ۽ شڪايتن جي ازالي ۾ سنگين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو مشاورتي اجلاس ۾ خانگي شعبي، مالي ادارن، ڪپڙي ڪيڙن صنعت، سروس سيڪٽر گهريلو ۽ غير رسمي ڪم ۾ مصروف عورتن سرڪاري ادارن سول سوسائٽي ۽ عورتن جي حقن جي نمائندن شرڪت ڪئي گروپ بحث دوران شرڪت ڪندڙن عملي تجربن جي روشني ۾ سفارشون پيش ڪيون جن ۾ ڪم جي جڳهه تي برابر پاليسين، برابر پگهار هراساني کان تحفظ موثر شڪايتن جي طريقيڪار ۽ غير رسمي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ عورتن جي مسئلن کي حل ڪرڻ تي زور ڏنو ويو چيئرپرسن ورجايو ته صنفي برابري صرف هڪ سماجي ذميواري ناهي پر پائيدار معاشي ترقي ۽ سماجي انصاف جو بنياد پڻ آهي ڪراچي اجلاس جون سفارشون قومي ڪميشن جي ساليانِي رپورٽ جو حصو بڻجنديون جيڪا مستقبل جي پاليسي سازي ۾ مددگار ثابت ٿيندي هي مشاورتي عمل پشاور لاهور ۽ ڪوئيٽا ۾ پڻ جاري رهندو

بقايا 34 فرار

چڏين جوابدار رحمان مغل پنهنجي سڳي ڀيڻ فاطمه ڌيءُ عبدالله مغل کي گوليون هڻي فرار ٿي ويو واقعي بعد زخمي ناري کي سيوهڻ جي عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ منتقل ڪري طبي امداد ڏني وئي. ڊاڪٽرن موجب زخمي ناريءَ جي حالت گنڀير هجڻ ڪري ڪيس آئي سي يو وارڊ منتقل ڪيو ويو آهي. جوابدار رحمان مغل گهريلو تڪرار سبب پنهنجي ڀيڻ کي گولي هڻي واقعي واري هنڌ تان فرار ٿي ويو جنهن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن. هوڏانهن پوليس واقعي واري هنڌ تي پهچي واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا 35 ترجمان

۽ سياحت نوادرات سنڌ چيو آهي ته کاتي جي حوالي سان سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيندڙ ڀرتين جا آرڊر مڪمل طور جعلي آهن. پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ ترجمان واضح ڪيو ته کاتي ثقافت ۽ سياحت سنڌ پاران ڪنهن به قسم جا ڀرتين جا آرڊر جاري ناهن ڪيا ويا. هن چيو ته ڪجهه مختلف گروهه ماڻهن کان پئسا وٺي کين گمراهه ڪري رهيا آهن، جنهن جو حقيقت سان ڪو به تعلق ناهي. ترجمان موجب سوشل ميڊيا تي هلندڙ سمورا آرڊر ڪوڙا ۽ بي بنياد آهن، عوام اهڙين افواهن تي ڌيان نه ڏئي. هن خبردار ڪيو ته کاتي جي نالي تي فراڊ ڪندڙ عنصرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 36 الزام

هٽايل ايس ايڇ او سجاد جمالي تي الزام آهن ته عورت جو لاش هٿ اچڻ کان اڳ گرفتار ڪيل سمورن جوابدارن کي هن بالادر کان رشوت وٺي آزاد ڪري ڇڏيو هو

دي ڊائريڪٽوريٽ آف اسپورٽس
اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز ڊپارٽمينٽ
سنڌ حڪومت

خالي آساميون

سنڌ صوبي جو ڊوميسائل رکندڙ اهل اميدوارن کان درخواستون طلب ڪيون وڃن ٿيون ته هو هن اشتهار جي اشاعت کان پندرهن (15) ڏينهن اندر، هر عهدي لاءِ مقرر ڪيل تعليمي قابليت ۽ تجربي مطابق، ڊائريڪٽوريٽ آف اسپورٽس، اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ ۾ هيٺين خالي آسامين لاءِ درخواستون جمع ڪرائن.

شمار نمبر	پوسٽ جو نالو	BPS	جاين جو تعداد	عمر جي حد	تعليمي قابليت، تجربو ۽ ٻيا شرط ڀرتيءَ جي قاعدن موجب هوندا
1	جونيئر ڪلارڪ	11	35	21-28	i. گهٽ ۾ گهٽ ٻئي درجي ۾ بيچلر ڊگري يا ان جي برابر، جيڪا هائر ايجوڪيشن ڪميشن (HEC) کان منظور شده يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيل هجي. ii. سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن (SBTE) کان منظور شده اداري مان انگريزي شارٽ هينڊ ۽ ٽائپنگ جو ڇهن مهينن جو سرٽيفڪيٽ هجي. iii. انگريزي شارٽ هينڊ ۾ اسي (80) لفظ في منٽ ۽ ڪمپيوٽر تي انگريزي ٽائپنگ ۾ پنجٽيهه (35) لفظ في منٽ جي رفتار هجي.

جيڪي درخواستگذار هيٺ ڏنل گهرجون پوريون ڪن ٿا، اهي مٿي بيان ڪيل خالي آسامين لاءِ سنڌ حڪومت جي جاب پورٽل https://sjp.gos.pk/ تي آن لائن درخواست ڏئي سگهن ٿا.

i. درخواستگذار لازمي طور تي سکر آءِ بي اي ٽيسٽنگ سروسز (STS) پاران منعقد ڪيل گريجوئيشن ڪيٽيگريءَ جي جنرل اسڪريننگ ٽيسٽ گهٽ ۾ گهٽ 40 سيڪڙو پاس مارڪن سان ڪاميابيءَ سان پاس ڪئي هجي ۽ مٿين عهدي تي مقرري لاءِ STS پاران جاري ڪيل سرٽيفڪيٽ رکندڙ هجي.

ii. درخواستگذار جي عمر جو حساب درخواست جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ مطابق ڪيو ويندو، جيئن سنڌ سول سرونٽ (مٿين عمر جي حد ۾ رعايت) رولز 2024 جي رول 7 تحت مقرر ٿيل آهي.

iii. عام عمر ۾ رعايت سنڌ حڪومت جي پاليسي موجب لاڳو ٿيندي.

iv. شروعاتي مقرري لاءِ مخصوص ڪيل ڪوٽا جو حصو سنڌ حڪومت جي قانون/قاعدن/پاليسي مطابق لاڳو ڪيو ويندو.

v. جيڪي درخواستگذار اڳ ئي سرڪاري ملازمت ۾ آهن، اهي درخواست جمع ڪرائڻ کان اڳ پنهنجي کاتي کان اين او سي (NOC) حاصل ڪن ۽ انٽرويو وقت اصل اين او سي جي ڪاپي ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽيءَ آڏو پيش ڪن.

vi. مقرري سنڌ سول سرونٽ ايڪٽ 1973 ۽ (تا حال ترميم شده) قاعدن تحت، سنڌ حڪومت جي SGA&CD پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن نمبر SOV.(SGA&CD)8-27/2019(BS-5 to 15) تاريخ 2023-07-11، 26-04-2023 ۽ 21-11-2025 موجب، وقت بوقت جاري ڪيل پاليسي مطابق ڪئي ويندي.

vii. اميدوارن کي انٽرويوءَ لاءِ ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽيءَ آڏو گهرايو ويندو، جنهن جو شيڊول سنڌ جاب پورٽل تي اپلوڊ ڪيو ويندو.

viii. اميدوار انٽرويو وقت پنهنجا اصل دستاويز گڏ کڻي اچن.

ix. ٽيسٽ/انٽرويو لاءِ ڪو به TA ۽ DA ادا نه ڏنو ويندو.

ڊائريڪٽر،
ڊائريڪٽوريٽ آف اسپورٽس،
اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز ڊپارٽمينٽ،
سنڌ حڪومت

INF/KRY/501/2026

I WORK FOR SINDH

Utility Stores Corporation of Pakistan
Ministry of Industries & Production.
ZONAL OFFICE: St-13, Sector 36/A, K-Area Korangi Karachi.
Ph: 021-35035322 | Fax: 021-35042801 | Email: usczok@gmail.com

No.ZOK/P&PR/2026-1752 Date: February 9, 2026

AUCTION NOTICE

The Utility Stores Corporation of Pakistan (USCP), Ministry of Industries & Production, Intends to auction various kind of furniture, fixture and fixed assets inclusive Cash Counters, Table, Chairs, Sign Boards, Poly Sealer / Packing Machine, Air conditioner, Photocopy machine etc. On "As is where is" basis. Following will be procedure / criteria of auction.

All the Open auction bids / offers shall be accepted on 16-02-2026 (Monday) at 12:30 PM at Zonal Office Karachi Plot No.ST-13, Sector 36/A, K-Area Korangi, Karachi by the Auction Committee in the presence of the bidders or their duly authorized representatives, who may wish to attend the auction proceeding on the given address: -

SN	Region	Address	Contact Person	Contact No.
01	Karachi (South)	ST-13, Sector 36/A, K-Area Korangi Karachi	Mr. Riaz Ahmed Panhwar	0300-3034938
02	Hyderabad	R-S/211, S.M.C.H.S. Qasimabad, Hyderabad	Mr. Niaz Hussain Brohi	0345-3755011

i. Every Pakistani having computerized National Identity Card issued by NADRA, can participate in the open public auction except defaulter of Govt. Department or Govt. servant. The companies can participate through their authorized representatives.

ii. Every participant of the open auction will submit Demand Draft / Pay Order valuing Rs. 1,000,000/- (One million) in favor of Utility Stores Corporation of Pakistan (Pvt.) Limited (as security deposit) along with CNIC before time of auction, which shall be returned to all depositer after the open auction except the highest bidder.

iii. Every participant of open auction will submit bid on prescribed form along with a certificate on stamp paper of Rs.100/- that "he is neither a Govt. employee nor a defaulter of Govt. Department"

iv. All the Government taxes applicable will be bourne by the successful bidder.

v. The successful bidder shall be responsible for the collection / lifting of all the items at designated locations within 10 days.

vi. Detail of these items / bidding documents are available at USC website i.e. www.usc.org.ok.

vii. Feel free contact on given phone number, in case of any query.

viii. Complete auction offer documents and additional information (if any) may kindly be obtained from below given address.

Zonal Manager (Karachi)
Utility Stores Corporation of Pakistan (Pvt.) Ltd.
ST-13, Sector 36/A, K-Area Korangi, Karachi
PH: 0213-5035322 / 0333-7124521

PID(K)2743/25

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
سون مهانگي ٿيڻ جا عام ماڻهوءَ تي اثر!
صفحو 4

ڊاڪٽر رميش ڪمار
غزه جي رت ۾ ٻڏل ڌرتي..!
صفحو 4

ايپسٽين اسڪينڊل: موساد جو مبينا ڪردار
اشتياق بيگ
صفحو 4

عبدالمجيد مغيري
چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ جي نالي کليل خط
صفحو 4

دڙو ۾ هيروئن آئيس ڪچو شراب جي وڪري جي وڏي ڌوم مچل،رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ گل ملاح جي رهواسين ڳوٺ ۾ منشيات جي کلي عام وڪري، فحاشي جي اڏن ۽ سماجي برائين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو

هيروئن، آئيس، ٺرو ۽ ٻي منشيات وڪڙ جيان وڪرو ٿي رهي رهي آهي،فحاشي جا اڏا کلي عام هلي رهيا آهن:ديدار ملاح

فحاشي جي اڏن ۽ ٻين سماجي برائين سبب ڳوٺ جو ماحول خراب ٿي رهيو آهي، ۽ نوجوان نسل تباهي جي طرف وڃي رهيو آهي

منشيات جو وڪرو ۽ فحاشي جا اڏا بند ڪري ملوث ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري نوجوان نسل جون حياتيون بچايون وڃن

دڙو (ن ع)دڙو ۾ هيروئن آئيس ڪچو شراب جي وڪري جي وڏي ڌوم مچل منشيات، فحاشي جي اڏن ۽ ٻين سماجي برائين خلاف رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو ۽ نعريبازي، پوليس انتظاميا کان فوري نوٽيس جو مطالبو دڙي ويجهو ڳوٺ گل ملاح جي رهواسين پاران ڳوٺ ۾ منشيات جي کلي عام وڪري، فحاشي جي اڏن ۽ سماجي برائين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. دڙي جي ڳوٺ گل ملاح جي رهواسين ديدار ملاح، عرس ملاح، عزيز ملاح ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڇجاري پل وٽ بخاري چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي احتجاجي مظاهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته دڙي سميت ڳوٺ گل ملاح ۾ منشيات جو آزار ڏينهون ڏينهن وڌي ويو آهي. هيروئن، آئيس، ٺرو ۽ ٻي منشيات وڪڙ جيان وڪرو ٿي رهي رهي آهي. فحاشي جا اڏا کلي عام هلي رهيا آهن ۽ سماجي برائيون چوٽ چڙهيل آهن. هنن چيو ته منشيات واپرائڻ سبب چورين ۾ پڻ اضافو ٿيو آهي. فحاشي جي اڏن ۽ ٻين سماجي برائين سبب ڳوٺ جو ماحول خراب ٿي رهيو آهي ۽ نوجوان نسل تباهي جي طرف وڃي رهيو آهي. هنن چيو ته منع ڪرڻ تي بااثر منشيات فروش ڳوٺاڻن کي تشدد جو نشانو بڻائين ٿا. هنن مطالبو ڪيو ته منشيات جو وڪرو ۽ فحاشي جا اڏا بند ڪري ملوث ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري نوجوان نسل جون حياتيون بچايون وڃن

دڙو: شهري منشيات جي وڪري خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

غلام الله ۾ بورڊ مان باهه لڳڻ سبب دڪان جو سمورو سامان سڙي رک

غلام الله (ن ع)غلام الله شهر ۾ارشاد کهيو جي ڪميونيڪيشن دڪان ۾ لائيٽ جي بورڊ کي باهه لڳڻ سبب دڪان جو سمورو سامان سڙي رک ٿي ويو.ارشاد کهيو جي چوڻ موجب امانت ۾ پيل چارج لاءِ بيٽريون موبائل پڻ سڙي ويون آهن هن چيو ته ڪميونيڪيشن جي دڪان مان گهر جو گذر سفر ڪندو هوس دڪان ۾ مڪمل قيمتي سامان سڙڻ ڪانپوءِ هاڻي روزگار ڪرڻ جي لاءِ ڪا به شيءِ نه بچي آهي

مٽياري جي عدالت پاران منشيات ڪيس ۾ جوابدار کي 20 سال قيد ۽ هڪ لک رپيا ڏنڊ جي سزا

مٽياري (ډ ر)عدالت منشيات ڪيس ۾ جوابدار کي 20 سال قيد ۽ هڪ لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي،ڊسٽرڪٽ ايڊيشنل سيشن جج جي ماڊل ڪورٽ جوابدار عبدالحڪيم عرف عدلو خاصخيلي معان ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ڪيس 20 سال قيد ۽ هڪ لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي،2سال اڳ اي اين ايف حيدرآباد سرڪل پاران 9 سي قلم تحت ڪيس داخل ڪيو ويو هو

ميهڙ،دادو،ڪي اين شاهه سميت مختلف ٿاڻن جي پوليس پاران ڪارروايون

پوليس چڙهائي ڪري انور سولنگي ۽ ڪامران سولنگي کي گرفتار ڪري ورتو

ميهڙ(ن ع)ميهڙ ۾ رکن پوليس اهلڪارن جي شهادت جي سلسلي ۾ ميهڙ،دادو،ڪي اين شاهه ٿاڻن سميت مختلف ٿاڻن جي پوليس جون ميهڙ تعلقي جي مختلف علائقن ۾ ڪارروائيون جاري آهن.ان سلسلي ۾ رات انسپيڪٽر بينظير جمالي جي قيادت ۾ پوليس لال شاهه ڪالوني ۾ مڇي ڪپائيندڙ پورهيت سولنگين جي گهر تي چڙهائي ڪري انور سولنگي پٽ صالح سولنگي ۽ ڪامران سولنگي پٽ انور سولنگي کي گرفتار ڪري ورتو آهي اهڙي عمل خلاف سندن وارث عورتون پارس سولنگي ۽ شازيه سولنگي احتجاج ڪندي ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته اسان بي گناهه آهيون ۽ اسان جا مرد پورهيت آهن انهن تي ڪوبه ڪيس داخل نه آهي ۽ اهي مڇي ڪپائي ٻچڙن جو گذر سفر ڪندا آهن هنن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته اسان جو ڪنهن ڏوهاري سان ڪو واسطو ناهي ۽ نه وري ڪنهن سان ڪو رابطو آهي

ڊاڪٽر شاهنواز قتل ڪيس،جوابدار ڄاڻايل اڳوڻي ايس ايس پي اسد چوڌري جي ڪچي ضمانت منظور

قتل ڪيس ۾ جوابدار طور ڄاڻايل ميرپورخاص جو اڳوڻو ايس ايس پي اسد علي چوڌري ميرپورخاص جي دهشتگردي ڪورٽ عدالت ۾ پيش ٿيو

عدالت ۾ 4 لک رپين جي مچلڪن عيوض سنڌس ٻن ڏينهن لاءِ ايس ايس پي جي ڪچي ضمانت منظوري ڪئي وئي

اسد چوڌري جي سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچيءَ مان حفاظتي ضمانت منظور ڪرائي وئي هئي،اڄ هن عدالت ۾ پيش ٿي سرينڊر ڪيو آهي:وڪيل

ڪيس ۾ ميرپورخاص جي اڳوڻي ڊي آءِ جي جاويد سونهارو جسڪاڻي سميت 3 ٻيا پوليس عملدار ۽ اهلڪار پڻ اشتهاري قرار ڏنل

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) ڊاڪٽر شاهنواز قتل ڪيس ۾ جوابدار ڄاڻايل اڳوڻو ايس ايس پي اسد چوڌري عدالت ۾ پيش ٻن ڏينهن جي ڪچي ضمانت منظور ميرپورخاص ۾ پوليس هٿان جعلي مقابلي ۾ مارجي ويل عمرڪوٽ واسي ڊاڪٽر شاهنواز ڪنڀر قتل ڪيس ۾ جوابدار طور ڄاڻايل ميرپورخاص جو اڳوڻو ايس ايس پي اسد علي چوڌري اڄ ميرپورخاص جي دهشتگردي ڪورٽ عدالت ۾ پيش ٿيو جتان 4 لک رپين جي مچلڪن عيوض سنڌس ٻن ڏينهن لاءِ ڪچي ضمانت منظوري ڪئي وئي جڏهن ته اينڊڙ ٻڌائي 13 فيبروري تائين ملتوي ڪئي وئي آهي. ان ڪيس ۾ عدالت ٻاهران اسد علي چوڌري جي وڪيل قائم ڪاشف ڦوڙ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسد علي چوڌري جي سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچيءَ مان حفاظتي ضمانت منظور ڪرائي وئي هئي، جنهن ڪان پوءِ اڄ هن عدالت ۾ پيش ٿي سرينڊر ڪيو آهي ۽ اتان ڪان گرفتاريءَ ڪان اڳ واري سندس ٻن ڏينهن جي ڪچي ضمانت منظور ڪئي وئي آهي. هن چيو ته ان ڪان اڳ عدالت طرفان اسد علي چوڌريءَ جا گرفتاري وارنٽ نڪتل هئا پر هن پاڻ اڄ عدالت ۾ پيش ٿي سرينڊر ڪيو آهي هن وڌيڪ چيو ته عدالت کي ٻڌايو ويو ته اسد علي چوڌري هتي نه هو ۽ هو ڊپارٽمينٽل ڪارروائي کي منهن ڏئي رهيو هو واضح رهي ته اڳوڻي ايس ايس پي اسد علي چوڌري پاران عدالت ۾ پيش نه ٿيڻ تي سندس گرفتاريءَ جا وارنٽ جاري ڪيا ويا هئا ۽ ڪيس اشتهاري ڏوهاري پڻ قرار ڏئي سندس ملڪيتون ضبط ڪرڻ جا حڪم پڻ جاري ڪيا ويا هئا. هن ڪيس ۾ ميرپورخاص جي اڳوڻي ڊي آءِ جي جاويد سونهارو جسڪاڻي سميت 3 ٻيا پوليس عملدار ۽ اهلڪار پڻ اشتهاري قرار ڏنل آهن

ميرپورخاص: ڪچي ضمانت تي آزاد ٿيل ايس ايس پي اسد چوڌري فائيل فوٽو

سکر ۾ مبينه تشدد سبب فوت ٿيل منور ميمڻ جو لاش رکي احتجاجي مظاهرو

منور کي خادم ميمڻ ۽ ٻين هٿيارن جي زور تي روڪي تشدد جو نشانو بڻايو،مزمل ميمڻ

تشدد سبب منور جي طبيعت خراب ٿي ۽ ڪيس موقعي تي ئي دل جو دورو پيو

جيستائين اسان کي انصاف نه مليو ته احتجاج جو دائرو وڌائڻ تي مجبور ٿينداسين

سکر(بيورو رپورٽ)سکر جي علائقي آرائين روڊ پراڻو شاهين نئون تعلقو سکر جي رهواسي ميمڻ برادري جي مرد ۽ عورتن معصوم ٻارن سميت سکر پريس ڪلب آڏو مبينا تشدد سبب فوت ٿيل منور ميمڻ جو لاش رکي احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهرين علائقي جي بااثر ماڻهن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو.احتجاج ۾ مزمل ميمڻ پلاڻ ميمڻ ماڻي زرينا ماڻي حسني، غلام نبي ميمڻ سميت ٻيا ماڻهو شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي مظاهرين چيو ته ٻه ڏينهن اڳ سندن ڀاءُ منور ميمڻ عرف دلبر ميمڻ پنهنجي گاڏي ۾ گهران نڪتو هو ته ڪجهه فاصلي تي مبينا طور علائقي جي بااثر ماڻهن خادم حسين ميمڻ، ياسين ميمڻ خالد ميمڻ سميع الله ميمڻ ثناءالله ميمڻ پرويز ميمڻ ۽ ٻن نامعلوم ماڻهن هٿيارن جي زور تي روڪي تشدد جو نشانو بڻايو.وارثن موجب مبينا تشدد سبب منور ميمڻ جي طبيعت خراب ٿي وئي ۽ ڪيس موقعي تي ئي دل جو دورو پيو. واقعي ڪانپوءِ جوابدار فرار ٿي ويا. جڏهن ته اطلاع ملڻ تي وارثن ڪيس فوري طور اين آءِ سي وي ڊي اسپتال منتقل ڪيس جتي ڄوڳي حالت سبب هو سٽ نه سهندي گذريل ڏينهن فوت ٿي ويو.مظاهرين الزام لڳايو ته نامزد ماڻهو علائقي ۾ بدامني ڦهلائڻ، شراب نوشي ڪرڻ ۽ مبينا طور ڳوٺاڻن کان زبردستي ڀتو وصول ڪرڻ ۾ ملوث آهن. سندن چوڻ هو ته هو غريب ۽ محنتي ماڻهو آهن ۽ ڀتو ڏيڻ جي سگهه نٿا رکن جنهن ڪري ڪين مسلسل هراسان ڪيو پيو وڃي.مظاهرين دعويٰ ڪئي ته اڳ به آباد ٿاڻي تي ڪيترائي ڀيرا درخواستون ڏنيون ويون، پر بااثر هجڻ سبب جوابدارن خلاف ڪا مؤثر ڪارروائي ناهي ڪئي وئي.وارثن ۽ مظاهرين چيف جسٽس آف پاڪستان، وڏي وزير سنڌ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي نامزد ۽ نامعلوم جوابدارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ متاثر خاندان کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.احتجاج دوران مظاهرين انصاف جي حق ۾ نعريبازي ڪئي ۽ خبردار ڪيو ته جيڪڏهن ڪين انصاف نه مليو ته هو احتجاج جو دائرو وڌائڻ تي مجبور ٿيندا

فيضان ميمڻ پاران وڪيلن جي ٽيم سان گڏ تعلقه بار ڪائونسل سڪرنڊ جو دورو

سڪرنڊ (س ر)سنڌ بار ڪائونسل جي لائبريري سيڪريٽري لاءِ ٿيندڙ اليڪشن جي اميدوار فيضان احمد ميمڻ وڪيلن جي ٽيم سان گڏ ووٽ ۽ سپورٽ لاءِ تعلقه بار ڪائونسل سڪرنڊ جو دورو ڪيو ساڻس گڏ ايڊووڪيٽ مسرت شاهه ، ايڊووڪيٽ سميرا قاضي،ايڊووڪيٽ سارڪ سمون،ايڊووڪيٽ واجد ڪورائي،ايڊووڪيٽ آفتاب ٽنيو ، ايڊووڪيٽ ڪاشان ميمڻ ۽ ايڊووڪيٽ دانش پڻ هئا تعلقه بار ڪائونسل پهچڻ تي سڪرنڊ جي سينيئر وڪيلن ايڊووڪيٽ اسرار احمد قريشي جي اڳواڻيءَ ۾ سندن شاندار آڌر ڀاءُ ڪيو جڏهن بعد فيضان احمد ميمڻ ڳالهائيندي چيو ته ووٽ ۽ سپورٽ لاءِ اوهان وڪيل ڀائرن وٽ هلي آيا آهيون خواهش آهي ته لائبريري واري نظام کي بهتر کان بهتر ۽ جديد تقاضائن موجب هلڻ گهرجي ان شاءَ الله ڪامياب ٿي ان تي عمل ڪرائيندس پروگرام دوران ايڊووڪيٽ بابر چانڊيو ترتيب وار وڪيلن کان ويچار ورتا جن الڳ الڳ ڳالهائيندي فيضان احمد ميمڻ کي مڪمل سهڪار جو يقين ڏياريو ان موقعي تي آيل مهمانن کي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا پروگرام ۾ سڪرنڊ پريس ڪلب جو جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح ۽ شهري اتحاد جو سرپرست نياز لاشاري مهمان طور شريڪ ٿا پروگرام ۾ جن وڪيلن شرڪت ڪئي انهن ۾ عبدالرسول ڪيريو ۽ اڪبر علي بيگ شامل هئا جڏهن ته بشير لاشاري ۽ قاضي جاويد سنائي پڻ موجود هئا

مجرم عناصرن جو سرنڊر قانون جي بالادستي ۾ وڏي ڪاميابي آهي:وزير داخله

ڪچي علائقن ۾ امن قائم رکڻ لاءِ سنڌ حڪومت پرعزم آهي:ضياءالحسن لنجار

جرم پيشه عناصر خلاف ڪريڪ ڊائون بلا رڪاوٽ مؤثر قدم سان جاري رهندو

سکر(بيورو رپورٽ) وزير داخله سنڌ ضياءالحسن لنجار باڳوجي جي ڪچي علائقن ۾ خطرناڪ ۽ بدنام زمانه ڌاڙيلن خلاف ڪامياب آپريشن تي سکر پوليس کي مبارڪباد ڏني ۽ پوليس ٽيم جي پيشوراڻ صلاحيتن کي ساراهيو.وزير داخله سنڌ پنهنجي بيان ۽ ٽوئيٽ ۾ چيو ته معين سر جي قيمت وارا ڌاڙيل ۽ سخت جرم پيشه عناصر جو سرنڊر قانون جي بالادستي ۾ وڏي ڪاميابي آهي. هن چيو ته ڪچي علائقن ۾ امن قائم رکڻ لاءِ سنڌ حڪومت پرعزم آهي ۽ جرم پيشه عناصر خلاف بنا فرق جي ڪارروائيون جاري رهنديون.ضياءالحسن لنجار جو چوڻ هو ته شهرين جي جان مال جي تحفظ لاءِ ڪارروايون وڌيڪ تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي ۽ چيو ته امن ۽ امان قائم رکڻ لاءِ پوليس ۽ ٻين قانون نافذ ڪندڙ ادارن جي ڪوششون قابل تحسين آهن.وزير داخله سنڌ ٻيهر زور ڏنو ته صوبي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ مؤثر قدم جاري رهندا ۽ جرم پيشه عناصر خلاف ڪريڪ ڊائون بلا رڪاوٽ جاري رهندو

سکر: عمري جي سعادت حاصل ڪري اچڻ تي عهديدارن کي مبارڪون ڏنيون پيون وڃن

سيد هائوس محراب پور تي ٿيليسيميا جي ٻارڙن لاءِ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو اهتمام

سڪرنڊ (س ر)قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر سيد مير غلام مصطفيٰ شاهه پاران سندس فرزند نوجوان اتحاد جي چيئرمين سيد شايان شاهه جي نگرانيءَ ۾ سيد هائوس محرابپور تي ٿيليسيميا جي ٻارڙن لاءِ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو اهتمام ڪيو ويو جتي سوين نوجوانن رت جو عطيو ڪيو ان موقعي تي ڪيمپ جي آرگنائيزر سيد شايان شاهه ڳالهائيندي چيو ته رمضان شريف جي مهيني جي آمد ويجهي آهي جنهن ۾ ٿيليسيميا جي ٻارڙن لاءِ رت جي ضرورت پوندي آهي ان ڪري اڄ ميگا بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو اهتمام ڪيو آهي ته جيئن رمضان شريف ۾ ٿيليسيميا جي ٻارڙن کي رت لڳي ۽ هو عيدالفطر جون خوشيون عام ٻارڙن جيان ملهائي سگهن هن اهو پڻ چيو ته اسان ٿيليسيميا جي ٻارڙن سان سينٽر تي وڃي ملاقات پڻ ڪئي آهي جيڪي سنڌ جي مختلف ضلعن مان ايندا آهن انهن جو جيئاپو اسان ۽ اوهان پاران رت عطيو ڪرڻ تي آهي ان ڪري هي سلسلو ان شاءَ الله هر سال جاري رهندو هوڏانهن ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد صادق سيال ، جوائنٽ سيڪريٽري غلام نبي چنه ، انفارميشن سيڪريٽري قاضي جاويد سنائي ۽ پروفيسر نريش ڪمار ڪيمپ جو دورو ڪيو جتي هنن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسين شڪر گذار آهيون قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفيٰ شاهه ۽ سندس فرزند سيد شايان شاهه جن جا جيڪي گذريل ڪيترن سال کان ٿيليسيميا جي ٻارڙن جي ڀلائي لاءِ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ قائم ڪندا آهن هنن اهو پڻ چيو ته ٿيليسيميا سينٽر تي 26 سئو کان وڌيڪ ٿيليسيميا جا ٻار رجسٽرڊ آهن جن کي رت ، دوا ۽ کاڌو مفت فراهم ڪيو ويندو آهي ان ڪان اڳ نوجوان اتحاد جي وائيس چيئرمين نثار احمد کيڙو ، جهانزيب مگسي ، جاويد مگسي ۽ فيضان مگريو آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو

سکر: سکر سائيٽ ۾ فيڪٽري لڳائيندڙ مالڪ ميڊيا سان ڳالهائيندي

عمره جي سعادت حاصل ڪرڻ تي سکر پريس ڪلب جي عهديدارن کي مبارڪباد پيش

سکر (بيورو رپورٽ)سکر پريس ڪلب جي عهديدارن سالار صحافت لالا اسد پٺاڻ، صدر خالد پانهڻ احقررضوي، ڪامران شيخ سليم سهتو ۽ نصرالله وسير سميت ٻين کي شاپ ڪيپر ايسوسيئيشن غريب آباد سکر جي طرفان عمره جي سعادت حاصل ڪرڻ تي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪئي وئي. ان موقعي تي ايسوسيئيشن جي چيئرمين حاجي محمد رياض ڪوڪر صدر حاجي عبدالرشيد قريشي، جنرل سيڪريٽري حاجي محمد خليل قادري ۽ ٻين عهديدارن پريس ڪلب پهچي مبارڪباد ڏني. نمائندن گلن جا گلدستا پيش ڪيا، جڏهن ته روايتي محبت ۽ احترام جي اظهار طور اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپي پڻ پارائي وئي هنن چيو ته عمره جي سعادت الله تعاليٰ جي وڏي نعمت آهي، اسان دعاگو آهيون ته الله پاڪ اوهان جي عبادتن کي قبول فرمائي اوهان کي صحت ۽ سلامتي عطا ڪري ۽ وڌيڪ نيڪين جي توفيق ڏئي.ان موقعي تي سينئر نائب صدر حاجي خالد محمود صديقي نائب صدر حاجي غلام رسول انصاري، محمد علي شيخ، زاهد حسين، اظهر صديقي راشد قريشي، محمد اڪرم شيخ نثار دايو الطاف ميمڻ، محمد ياسين قريشي، محمد عمران ملڪ، محمد عقيل، محمد رحيم، محمد عارف شيخ، حاجي مبين شيخ ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

سکر سائيٽ ۾ صنعتون لڳائيندڙ مالڪ انتظامي زيادتين جو شڪار

فيڪٽري مالڪن کي انچارج انجنيئر طرفان هراسان ڪرڻ جا انڪشاف

ادائيگي نه ڪرڻ جي صورت ۾ هراسان ڪيو پيو وڃي:فيڪٽري مالڪ

نوٽيس وٺي ڪين انصاف فراهم ڪيو وڃي ۽ ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي

سکر(بيورو رپورٽ)سکر سائيٽ ايريا ۾ صنعتون لڳائيندڙ مل مالڪ مبينا انتظامي زيادتين جو شڪار ٿي ويا آهن. غيرقانوني ڀتو نه ڏيندڙ فيڪٽري مالڪن کي انچارج سائيٽ انجنيئر طرفان هراسان ڪرڻ جا انڪشاف سامهون آيا آهن جنهن خلاف متاثر ڌر ميڊيا اڳيان احتجاج ڪيو. ان سلسلي ۾ سکر جي انڊسٽريل سائيٽ ايريا ۾ صنعتون قائم ڪندڙ مل مالڪن سان سالن کان جاري ناانصافين جو سلسلو اڃا تائين ختم ناهي ٿيو الزام آهي ته انچارج سائيٽ انجنيئر طرفان نان يوٽيلائيزيشن فيس ۽ سب ليٽنگ فيس جي نالي تي غيرقانوني ڀتو طلب ڪيو پيو وڃي ۽ ادائيگي نه ڪرڻ جي صورت ۾ فيڪٽري مالڪن کي هراسان ڪيو پيو وڃي. پلاٽ نمبر ڊي-67 تي اٽو چڪي هلائيندڙ جنرل مينيجر فرحان علي ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته سندن پلاٽ کي غيرقانوني طور اوپن پلاٽ قرار ڏئي نان يوٽيلائيزيشن فيس جي مد ۾ 6 لک 41 هزار رپيا ۽ سب ليٽنگ فيس جي مد ۾ 7 لک رپين جا نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن. هن چيو ته هن سائيٽ اسٽيٽ لميٽيڊ سکر جي اڪائونٽنٽ آفيسر وٽ 60 هزار رپيا سب ليٽنگ فيس ۽ 20 هزار رپيا ٻين سائيٽ واجبات جي مد ۾ 30 جون 2026ع تائين سرڪاري اڪائونٽ ۾ پي آرڊر ذريعي جمع ڪرائي چڪا آهن. تنهن باوجود انچارج سائيٽ انجنيئر ذاتي رنجش جي بنياد تي غيرقانوني واجبات لاڳو ڪري نوٽيس موڪليا آهن.متاثر ڌر جو چوڻ آهي ته مبينا طور تي موڪليل نوٽيسن ۾ ڄاڻايل رقم جو اڌ حصو ڀتو طور طلب ڪيو پيو وڃي ۽ ادائيگي نه ڪرڻ جي صورت ۾ فيڪٽري کي نقصان پهچائڻ سميت ٻين ناجائز ڪارروائين جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. انچارج انجنيئر جي مبينا زيادتين خلاف ايم ڊي سائيٽ ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کي وڪيل معرفت قانوني نوٽيس به موڪليا ويا آهن. نوٽيس ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته 3 جنوري 2025ع تي سائيٽ ڪراچي آفيس طرفان جاري ڪيل اشتهار مطابق سائيٽ سکر ۾ 73 کان وڌيڪ اوپن پلاٽن جي نشاندهي ڪئي وئي هئي.

صحافي ۽ سماجي تنظيمون متحد ٿي برائيون ختم ڪري سگهن ٿيون:ساجاهه وند

قلم، قدم ۽ عمل سان سماج مان برائين جو خاتمو ممڪن بڻائي سگهجي ٿو

پريس ڪلبون ئي باڪردار، محنتي ۽ جاکوڙي صحافين جا مورچا آهن

سيوهڻ/ڀان (...)صحافي ۽ سماجي تنظيمون متحد ٿي سماج مان برائيون ختم ڪري سگهن ٿيون: ساجاهه وندن. رپورٽ مطابق سيوهڻ جي شهر ڀان ۾ لطيفي هائوس تي هڪ اهم بيٺڪ منعقد ڪئي وئي،جنهن دوران ساجاهه وندن، صحافين ۽ سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ مقررين ان ڳالهه تي زور ڏنو ته جيڪڏهن صحافي برادري، سماجي تنظيمون پاڻ ۾ اتحاد، هم آهنگي ۽ سنجيدگي سان ڪم ڪن ته قلم، قدم ۽ عمل جي طاقت سان سماج مان ڪيترين ئي برائين جو خاتمو ممڪن بڻائي سگهجي ٿو. اوهان بيٺڪ کي خطاب ڪندي ايس ايل ايف جي صدر مشتاق مغل، قاضي فقير محمد، مولوي حاجي عبدالرشيد مغل، سماجي اڳواڻ آغا منظور انصاري، سينيئر صحافي فاروق دايو، سينيئر جرنلسٽ عبدالشڪور وسان، لالا شڪيل شيخ، سماجي اڳواڻ علي شير انصاري، صحافي زوار محمد بچل لاڪڙ ۽ ٻين مقررين چيو ته صحافت رڳو خبرن جي رسائي تائين محدود نه آهي، پر اها سماجي سڌاري جو هڪ اهم ذريعو پڻ آهي. پريس ڪلبون ئي باڪردار، محنتي ۽ جاکوڙي صحافين جا مورچا آهن، هنن چيو ته معاشري ۾ وڌندڙ بدامني، اسٽريٽ ڪرائيم، ڦرون، گهرن ۾ لڳندڙ ڌاڙا ۽ ٻين ڏوهن جي روڪٿام لاءِ صحافين کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن صحافي بي خوف ٿي ڏوهن جا پيرا واڪو ڪندا ۽ اصل حقيقتون عوام آڏو آڻيندا ته ڏوهه رڪجي پوندا ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا به وڌيڪ فعال ٿيندا. ساجاهه وندن جو وڌيڪ اهو چوڻ هو ته هر ماڻهو کي سهولت ڏيڻ، انصاف فراهم ڪرڻ ۽ خدائي خوشنودي خاطر هر فرد سان ڀاجهه، همدردي ۽ برابري وارو رويو اختيار ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. جڏهن معاشري ۾ اخلاقي قدر مضبوط ٿيندا ته ٻه نمبر ڪاروبار، ڪرپشن ۽ ٻين سماجي برائين کي به ختم ڪري سگهجي ٿو. مقررين ان ڳالهه تي به زور ڏنو ته امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ صرف سرڪاري ادارا ئي نه، پر سول سوسائٽي، استادن، نوجوانن ۽ مذهبي اڳواڻن کي به گڏيل ڪوششون ڪرڻيون پونديون.

سجاول: سنڌي اسٽيج ڊرامي ۾ فنڪار فن جو مظاهرو ڪري رهيا آهن

سجاول ۾ ثقافت کاتي ۽ ضلعي انتظاميه پاران سنڌي اسٽيج ڊرامون پيش

سنڌي اصلاحي اسٽيج ڊرامون ٻيڙا ٿيندا پار ۾فنڪارن فن جو مظاهرو ڪيو

تقريب جا مهمان خاص ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڊاڪٽر اقبال احمد ميمڻ هئا

سجاول(ډ ر)سجاول ۾ لاڙ آرٽ ڪائونسل سجاول جي سهڪار سان شايان شادي هال سجاول ۾ سنڌي اصلاحي اسٽيج ڊرامون "ٻيڙا ٿيندا پار" پيش ڪيو ويو،جنهن ۾سجاول جي اداڪارن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو ڊرامي ۾سجاول ۽ ان جي آس پاس واري علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾شرڪت ڪري اداڪارن کي داد ڏنو هن ڊرامي جو آرگنائيزر آڪاش اڪبر ڙنگيجو ڪهاڻيڪار يعقوب ڪلهوڙو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر عرس ناريجو ۽ ڊائريڪٽر نديم شهزاد ڪتي هو پروگرام جي مک تقريب جا مهمان خاص ڊپٽي ڪمشنر سجاول ۽ پ پ تعلقي سجاول جي صدر ڊاڪٽر اقبال احمد ميمڻ هئا جڏهن ته ٻين مهمانن ۾پ پ تعلقي سجاول جي جنرل سيڪريٽري عبدالله خان لغاري سماجي تنظيم جي اڳواڻ محمد اسلم ميربحر پ پ رهنما شهمير گبول زاهد ڪڏو شفقت شاهه مٽياري سنڌي ادبي سنگت جي ميمبرن ۾شاعر اياز امر داؤد امر فريد گل شاعر مشتاق سعيد عمراڻ علي ڪتي اصغر ميمڻ شهر جي معزز شخصيت عثمان ڪتي ڪاشف عمراڻي سميت مختلف تنظيمن جي ماڻهن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي پروگرام جي ڪمپيئرنگ زبير جعفراڻي ڪئي اداڪارن ۾ آپا نسرين ناز آڪاش اڪبر ڙنگيجو ڪومل ناز گلڻ مستانو عرس عمراڻي نظير لوهار جان محمد مغل سڪندر صنم ڪچي ۽ عرس ناريجو شامل هئا

راڌڻ ويجهو گهر تي پوليس چڙهائي خلاف عورتن پاران احتجاج

لال شاهه ڪالوني ۾پوليس چڙهائي ڪري پيچ ڊاهه ڪئي:پارس سولنگي

اسان جا مرد بي ڏوهي آهن اسان غريبن سان ناانصافي ٿي آهي،انصاف ڪيو وڃي

راڌڻ (ن ع)راڌڻ ويجهو ميهڙ شهر جي لال شاهه ڪالوني ۾پوليس جي گهر تي چڙهائي ۽ پيچ ڊاهه ڪرڻ ۽ ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪرڻ خلاف عورتن پارس ۽ شازيا سولنگي احتجاج ڪندي ڏانهيندي ۽ الزام هڻندي چيو ته گذريل رات دير سان بينظير جمالي ۽ سوڍل سولنگي جي اڳواڻي ۾ لال شاهه ڪالوني ۾اسان جي گهرن تي وڏن پوليس اٿالن سان چڙهائي ڪري چادر ۽ چار ديواري جي تحفظ جو تقدس پائمال ڪري پيچ ڊاهه ڪئي ۽ اسان جون ٽي موبائل فونون به کڻي بعد اسان جي پورهيت مڇي ڪپائيندڙ مردن انور سولنگي ۽ ڪامران سولنگي کي گرفتار ڪري ڪنيپ ڪئي ويا هنن چيو ته اسان جا مرد پورهيت آهن مڇي ڪپائي پنهنجي گهر جو گذر سفر ڪندا آهيون ۽ اسان جا مرد بي ڏوهي آهن اسان غريبن سان ناانصافي ٿي آهي هنن آءِ جي سنڌ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته اسان جي گرفتار ڪيل مردن کي آزاد ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

شهيد پوليس اهلڪارن جون قربانيون هميشه ياد رهنديون:رفيق جمالي

اهلڪارن ڏوهارين سان مقابلو ڪندي پنهنجي جانين جو نذرانو ڏنو

ڏوهارين کي بخشش نه ڪيو وڃي ۽ قانون موجب سخت سزا ڏني وڃي

راڌڻ (ن ع)پاڪستان پيپلزپارٽي سنڌ جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ايم اين اي دادو جوهي سردار رفيق احمد جمالي ميهڙ پرسان ٻاڙيا پنهور وٽ ڦورن ۽ پوليس وچ ۾ٿيل مقابلي دوران شهيد پوليس اهلڪارن محمد حفيظ مهيسر عرفان علي چانڊيو ۽ امام الدين ڪوسو جي شهادت ۽ اي ايس آءِ سڪندر پرڳڙي جي زخمي ٿيڻ تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي ۽ چيو ته شهيد پوليس اهلڪارن جون قربانيون هميشه ياد رهنديون هن زخمي اهلڪارن جي جلد صحتيابي لاءِ پڻ دعا گهري سردار رفيق احمد جمالي وڌيڪ چيو ته شهيد پوليس اهلڪار امن ۽ امان جي بحالي لاءِ ڏوهارين سان مقابلو ڪندي پنهنجي جانين جو نذرانو ڏنو جيڪا هڪ عظيم قرباني آهي. هن واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي مطالبو ڪيو ته ملوث ڏوهارين کي ڪنهن به صورت ۾بخشش نه ڪيو وڃي ۽ کين قانون موجب سخت سزا ڏني وڃي

علامه غلام محمد سوهو سڪرنڊ پريس ڪلب جي چونڊيل عهديدارن کي حلف کڻايو

انسانيت جي خدمت عبادت آهي، صحافت ان لاءِ بهتر پليٽ فارم آهي:علامه سوهو

صحافي چاهين ته سماج جي ڀلائيءَ لاءِ بهتر ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا

سڪرنڊ (س ر)عالم اسلام جي عظيم روحاني شخصيت حضرت علامه حافظ غلام محمد سوهو جن سڪرنڊ پريس ڪلب جي 2026 لاءِ چونڊجي آيل عهديدارن جي حلف برداري تقريب ۾ مهمان خاص طور شرڪت ڪئي جتي هن سڪرنڊ پريس ڪلب پهچي ڪاڻن حلف کڻايو جنهن بعد هن سمورن عهديدارن کي لنگيون پارائي مبارڪون ڏنيون ۽ کين دعا بعد پنهنجي نصيحت ڀريي بيان ۾ فرمايو ته انسانيت جي خدمت کي عبادت سڏيو ويو آهي صحافت ان لاءِ بهتر پليٽ فارم آهي جيڪڏهن صحافي چاهين ته سماج جي ڀلائيءَ لاءِ بهتر ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا هن وڌيڪ چيو ته نئون چونڊيل صدر غلام حيدر سولنگي اسان جو فقير ۽ محبت ڪندڙ آهي ان مان اميد آهي ته هو پنهنجي ٽيم کي گڏ ڪئي هلندو ۽ سڪرنڊ پريس ڪلب جي بهتريءَ لاءِ سمورين صلاحيتون قطب آڻيندو اسان جون دعائون هنن سان گڏ آهن ان کان اڳ صدر غلام حيدر سولنگي آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪندي چيو ته اڄ اسين پاڻ کي خوشنصيب سمجهون ٿا جو سڪرنڊ پريس ڪلب جي اڱڻ تي سائين جن پنهنجا قدم مبارڪ رکيا آهن ان شاءَ الله اداري ۽ صحافين جي بهتريءَ لاءِ ڪردا ادا ڪنداسين پروگرام دوران علامه حافظ غلام محمد سوهو سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي کي شال جو تحفو پيش ڪندي چيو ته مهڙيون شخصيتون جنهن پريس ڪلب ۾ هونديون ته اهي ادارا ان شاءَ الله ڪو ڏکيو ڏينهن نه ڏسندا ان موقعي تي نور احمد لاڪو ، عبدالجبار سوهو ، راجا خانزاده ، محسن لاڪو سميت ڪئي شخصيتون موجود هيون حلف برداري دوران سڪرنڊ پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو

سڪرنڊ: حافظ غلام محمد سوهو سڪرنڊ پريس ڪلب جي عهديدارن کي حلف کڻائيندي

گروپ انشورنس اسان جو حق آهي،جيڪو سنڌ حڪومت ڏيڻ لاءِ تيار ناهي:اسماعيل پنهور

ککڙ (ن ع)ککڙ ۾ رٽائرڊ سرڪاري ملازمن جو گروپ انشورنس رهيل 10 سيڪڙو ۽ سرڪاري ملازمن جيئان واڌ نه ڪرڻ تي احتجاج، اينڊڙ بجيٽ ۾ پينشن ۾ 50 سيڪڙو واڌ ۽ گروپ انشورنس جلد ڏيڻ جو مطالبو ان موقعي تي رٽائرڊ ملازم تنظيم گريڊ تعلقه خيرپور ناٿن شاهه جو جنرل سيڪريٽري محمد اسماعيل پنهور محمد رمضان ٻبر علي گوهر پنهور لياقت علي ڳاهو غلام مصطفيٰ ساريو غلام محمد جويو ۽ ٻين چيو آهي ته گروپ انشورنس اسان جو حق آهي جيڪو سنڌ حڪومت اسان کي ڏيڻ لاءِ تيار ناهي جنهن کان اسان کي محروم رکيو ويو آهي،هنن چيو ته اينڊڙ بجيٽ ۾ رٽائرڊ سرڪاري ملازمن جي پينشن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 50 سيڪڙو اضافو ميڊيڪل الائونس روائيز ڪري ان ۾ 100 سيڪڙو واڌ ڪئي وڃي ۽ ٻين صوبن جي رٽائرڊ ملازمن واڱر گروپ انشورنس بينولمنٽ فنڊ ۽ اپريل 2022 کان پينشن ۾ 10 سيڪڙو اضافو ڪيو وڃي

چلگري ٿاڻي جي حد مان نامعلوم پيرسن شخص جو لاش هٿ

مسوپرگڙي(ن ع)چلگري پوليس کي ڪنڌو سعيد خان اسٽاپ وٽ لڳ ڀڳ 55 ورهين جي نامعلوم پيرسن شخص جو لاش هٿ آيو آهي،جنهن بابت علائقي ۾ چوپول آهي ته رات دير سان سيال برادري جي گهرن ۾ داخل ٿيڻ تان تشدد ڪرڻ دوران فوت ٿيو آهي هوڏانهن رابطو ڪرڻ تي ايس ايڇ او چلگري نثار هاليپوٽو ٻڌايو ته هن شخص جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي علائقي واسين موجب هن شخص جو ذهني توازن درست نه هيو ڪافي ڏينهن کان ڪنڌوسعيد خان واري علائقي ۾ گهمندو هيو،هن چيو ته فوتي شخص جي جسم تي ڪوبه ڌڪ جو نشان ناهي اسان پوسٽ مارٽم لاءِ لاش سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو آهي رپورٽ اچي ته پوءِ ٻڌائي سگهجي ٿو،چلگري پوليس فوتي پيرسن جو لاش پوسٽ مارٽم بعد سول اسپتال حيدرآباد جي سرد خاني منتقل ڪيو ويو جڏهن آخري اطلاعن تائين ڪو به ڪيس داخل ناهي ٿي سگهيو

مسوپرگڙي: چلگري ٿاڻي جي حد مان هٿ آيل نامعلوم پيرسن جو لاش

سکر ۾ آر او واپڊا آفيس مان چوري ٿيل مهراڻ ڪار ڪجهه ڪلاڪن اندر برآمد

سکر(بيورو رپورٽ)سکر پوليس جي اهم ۽ ڪامياب ڪارروائي سي سيڪشن پوليس جي حدن ۾ آر او واپڊا آفيس مان چوري ٿيل مهراڻ ڪار ڪجهه ڪلاڪن اندر برآمد، مسروقه ڪار اصلي مالڪ کي حوالو ڪئي وئي.ترجمان سکر پوليس موجب گذريل ڏينهن سي سيڪشن پوليس ٿاڻي جي حد آر او واپڊا آفيس مان شهري مشتاق حسين قريشي جي مهراڻ ڪار نمبر BQX-188 نامعلوم جوابدار چوري ڪري فرار ٿي ويا هئا.ايس ايس پي سکر اظهر خان واقعي جو فوري نوٽيس وٺندي پوليس کي مسروقه ڪار برآمد ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا.ان کان پوءِ فوري طور فرياد ڏيندڙ جي شڪايت سي سيڪشن ٿاڻي ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي ۽ پوليس ڪار جي ڳولا لاءِ ڪارروائي شروع ڪئي.

سنڌ ۾ دهشتگرد ٽولا پيپلز پارٽي کان ڪاوڙجي سنڌ کي ٽوڙڻ جي ڳالهه ڪن ٿا:اياز لطيف پليجو

سنڌ ۾ ڪنهن کي گذر تي ٿاٻو اچي ٿو اهو چوي ٿو سنڌ کي ٽوڙيو،پيپلز پارٽي اهڙو ماحول جو ٺاهيو آهي

پيپلز پارٽي بل ۽ قرارداد ڪٿي اچي ۽ پاڪستان پينل ڪوڊ ۾ ترميم ڪري اها شق شامل ڪئي وڃي ته هي صوبا ٺاهن ۾ قومن جا وطن آهن

ميهڙ ۾ شهيد ٿيل سپاهي سنڌ جا شهيد آهن ۽ سنڌ سرڪار کان مطالبو ٿو ڪريان ته ان جي وارثن کي 2-2 ڪروڙ رپيا معاوضو ڏيو

سنڌ جو ماڻهو ريٽائر ٿئي ٿو ان کان حق حلال جي گريجوئٽي لاءِ 15-20 پرسينٽ رشوت ورتي ٿي وڃي،سمورن ٽريزرين ۾ دادو ۽ ڄامشورو جا آفيسر آهن

ميهڙ(ن ع)قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو چيو آهي ته پيپلز پارٽي اهڙو ماحول جو ٺاهيو آهي جو سنڌ ۾ دهشتگرد ٽولا پيپلز پارٽي کان ڪاوڙجي سنڌ کي ٽوڙڻ جي ڳالهه ٿا ڪن اهڙن خيالن جو اظهار هن راڄڻ ۾ جشن لطيف پروگرام ۾ خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته اسلام آباد ۾ ڌماڪو ٿيو پنجاب يا اسلام آباد ۾ ڪنهن نه چيو ته اسلام آباد کي ٽوڙيون ٿا پشاور ۾ آرمي پبلڪ اسڪول ۾ ڌماڪو ٿيو ڪنهن ڪونه چيو ته ڪي پي ڪي کي ٽوڙيون ٿا پر سنڌ ۾ ڪنهن کي گذر تي ٿاٻو اچي ٿو اهو چوي ٿو سنڌ کي ٽوڙيو اياز لطيف چيو ته آئون مطالبو ٿو ڪريان ته سنڌ اسيمبلي قانون سازي ڪري ۽ پيپلز پارٽي سينيٽ ۽ قومي اسيمبلي ۾ بل ۽ قرارداد ڪٿي اچي ۽ پاڪستان پينل ڪوڊ ۾ ترميم ڪري اها شق شامل ڪئي وڃي ته هي صوبا ٺاهن ۾ قومن جا وطن آهن سنڌ پنجاب ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان انهن جي اصلوڪن جا وطن آهن انهن جي وطنن ڳڏجي هڪ وڏو وطن قرارداد پاڪستان قرارداد لاهور موجب انهن علائقن کي خودمختيار ۽ آزاد رياستن جي حيثيت ڏيڻ جو تصور پيش ڪيو ويو هو جتي هر صوبي کي پنهنجي حقن ۽ اختيارن سان گڏ وفاقي نظام هيٺ گڏ رکيو وڃي هن چيو ته ميهڙ ۾ شهيد ٿيل سپاهي سنڌ جا شهيد آهن ۽ سنڌ سرڪار کان مطالبو ٿو ڪريان ته ان جي وارثن کي 2-2 ڪروڙ رپيا معاوضو ڏيو هن چيو ته دنيا ڏسي پئي ته سنڌ ۾ ڪهڙي تبديلي آئي آهي هڪ طرف سنڌي ٽوپي اجرڪ اسان جو شان آ اسان وٽ ڪوڏي ڪوڏي ملهه آهي يا اهو ٻڌايان ته جيڪو سنڌ جو ماڻهو ريٽائر ٿئي ٿو ان کان حق حلال جي گريجوئٽي لاءِ 15-20 پرسينٽ رشوت ورتي ٿي وڃي سنڌ جي سمورن ٽريزرين ۾ دادو ۽ ڄامشورو جا آفيسر آهن اياز لطيف چيو ته ڪو به ادارو ڪرپشن کان آجو ڪونهي ڪو پيپلز پارٽي سنڌ کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو آهي ان کان اڳ قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل مظهر راهو ، منور جتوئي ، مير ڪوسو ، سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ زينت سمون ، ڪامريڊ اميرزادي برهماڻي ، سومار چانڊيو ، مير مظهر جهتيال حسين سنڌي سميت ٻين اڳواڻن پڻ خطاب ڪيو جڏهن ته جشن لطيف ۾ ننڍڙين نينگرين ٽيبلوز پيش ڪيا

ميهڙ: اياز لطيف پليجو ۽ ٻيا جشن لطيف ۾ خطاب ڪندي

غالب ڪيبر پرائمري اسڪول ۾استاد مقرر نه ٿيڻ خلاف احتجاج

شاگردن ۽ ڳوٺاڻن پاران تعليم کاتي خلاف احتجاج ڪيو ويو

3مهينن کان استادن نه هجڻ سبب اسڪول کي تالو لڳل آهي:عاشق درس

استاد مقرر ڪري معصوم ٻارڙن جو تعليمي مستقبل تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي

اوڏيرولال(ن ع)اوڏيرولال لڳ ڳوٺ غالب ڪيبر جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۾ 3 مهينا گذرڻ باوجود استاد مقرر نه ٿيڻ خلاف شاگردن ۽ ڳوٺاڻن جو تعليم کاتي مٽياري خلاف احتجاج ڪندي عاشق درس عبدالغني درس نظام درس ممتاز درس فرزاند ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته گذريل 3 مهينن کان اسڪول ۾ استادن نه هجڻ سبب اسڪول کي تالو لڳل آهي جنهن سبب ڳوٺ جا شاگرد تعليم جي زيور کان محروم بڻيل آهن جنهن سبب ٻارڙن جو مستقبل تباهه ٿي رهيو آهي تعليم کاتي جي نااهلي آهي جو هڪ طرف سنڌ اندر بهترين تعليم جي دعوا ڪئي پئي وڃي ته ٻئي طرف اسڪولن ۾ استاد ناهن ڳوٺاڻن الزام لڳايو آهي ته تعليم کاتي مٽياري رشوت جي بازار گرم ڪري ڇڏي آهي ڳچي رقم وٺي ماسترن کي من پسند جائين تي مقرر ڪيو ويو پيو وڃي جنهن جو فوري طور نوٽيس ورتو وڃي ۽ اسان جي ڳوٺ جي اسڪول ۾ جلد استاد مقرر ڪري معصوم ٻارڙن جو تعليمي مستقبل تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي

اوڏيرو لال: اسڪول ۾ استاد مقرر نه ٿيڻ خلاف شاگرد احتجاج ڪري رهيا آهن

مٽياري ۾چورين ۽ ڦرجون وارداتون روز جو معمول بڻجي ويون

وڌندڙ ڏوهن سبب شهري پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪرڻ لڳا

جنيد ميمڻ جي گهر ٻاهران بيٺل موٽر سائيڪل چور چوري ڪري فرار

مٽياري (ډ ر)مٽياري شهر ۾ بدامني عروج تي پهچي وئي آهي جتي چورين ۽ ڦرجون وارداتون روز جو معمول بڻجي ويون آهن وڌندڙ ڏوهن سبب شهري پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪرڻ لڳا آهن.ڊي سي آفيس مٽياري ۾ مقرر اڪائونٽنٽ جنيد ميمڻ جي گهر ٻاهران بيٺل موٽر سائيڪل نامعلوم چور چوري ڪري فرار ٿي ويا، جڏهن ته ساڳي گهٽي مان ٽائون ڪميٽي مٽياري جي وائيس چيئرمين حاجي پرويز ميمڻ جي ڀائٽي افنان ميمڻ جي موٽر سائيڪل پڻ چوري ٿي وئي جنهن سبب علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو آهي ان کان علاوه بائي پاس روڊ تي مهراڻ ٽي وي آفيس هيٺان هٿياربند ڦورو نارائڻ ٻاگڙي کان موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦري ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا، جڏهن ته واقعي وقت ويجهو پوليس موجود نه هجڻ تي شهرين سوال اٿاريا آهن واقعات جي اطلاع لاڳاپيل ٿاڻي کي ڏني وئي آهي، پر آخري اطلاع تائين نه چور گرفتار ٿي سگهيا ۽ نه ئي ڦرين ۾ ملوث جوابدارن جو پتو پئجي سگهيو آهي.شهرين سماجي حلقن ۽ واپاري برادري طرفان ضلعي انتظاميا ۽ پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته رات جي گشت ۾ واڌ ڪئي وڃي، سي سي ٽي وي ڪيمرائن کي فعال بڻايو وڃي ۽ ڏوهارين خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪري مٽياري شهر ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻايو وڃي

هڪ واقعي کي بنياد بڻائي نيب سکر تي من گهڙت الزام لڳايا پيا وڃن:پڌرائي

سکر(بيورو رپورٽ)نيشنل اڪائونٽيبلٽي بيورو (نيب) سکر پاران جاري ڪيل پڌرائي ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته گذريل ڪجهه ڏينهن کان سوشل ميڊيا تي هڪ پوليس اهلڪار تي هڪ ننڍڙي ڇوڪري کي هراسان ڪرڻ بابت الزام گردش ڪري رهيا آهن. ڄاڻايل پوليس اهلڪار عارضي اٽيچمينٽ تي نيب سکر بلڊنگ جي حفاظت تي مقرر هو جنهن کي بعد ۾ پوليس حوالي ڪيو ويو هو. تنهن هوندي به هن واقعي کي بنياد بڻائي نيب سکر تي بي بنياد ۽ من گهڙت الزام لڳايا پيا وڃن جن جي سخت لفظن ۾ ترديد ڪئي وڃي ٿي. نيب سکر جو هن واقعي ۾ ملوث فرد جي ڪردار سان ڪو به تعلق ناهي. نيب سکر هر معاملي ۾ قانون موجب ۽ مڪمل شفافيت سان ڪارروائي ڪرڻ تي يقين رکي ٿو.عوام ۽ سوشل ميڊيا استعمال ڪندڙن کي گذارش آهي ته نيب سکر سان لاڳاپيل غير تصديق ٿيل ۽ گمراهه ڪندڙ ڄاڻ شيئر ڪرڻ کان پاسو ڪن. شرپسند عنصرن ۽ منفي پروپيگنڊا ڪندڙن خلاف قانون موجب بروقت ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي

سکر: شهر جي صفائي سٿرائي جو معائنو ڪيو پيو وڃي

سنڌ ۾ زرعي هائبرڊ ٻج جي وڪري ۾تيزي اچڻ بعد ديسي ٻج ناياب بڻجي ويو

رجسٽريشن جي آڙ هيٺ مرچ توڙي ڀاڄين جا غيرمعياري هائبرڊ ٻج سرعام وڪرو ٿيڻ سبب زراعت مڪمل طور تباهه ٿي وئي

مختلف ڪمپنيز جا نمائيندا ابوجهه آبادگارن کي وڌيڪ ايوريج جون لالچون ڏيئي ميدان تي لهي پيا،آبادگار ٺڳيءَ جو شڪار

اڪثر علائقن ۾ مرچ توڙي ڀاڄين جا هائبرڊ ٻج وڪرو ڪرڻ لاءِ ڪمپني جي نمائيندن شهرن ۾ سيمينار پروگرام منعقد ڪيا

ڪمپني مالڪ ڪک پتي مان لک پتي بڻيل،اصل ديسي ٻج ناياب ٿي ويو،آبادگار توڙي هاري لکين رپين جا قرضي بڻجي ويا

نفيس نگر(رپورٽ:اميرحسن گشڪوري) سنڌ ۾ زرعي هائبرڊ ٻج وڪري ۾ تيزي اچڻ بعد ديسي ٻج ناياب بڻجي ويو زراعت تباهي جو شڪار آبادگار رلي ويا.سنڌ جي مختلف ننڍن وڏن شهرن ٽنڊو ڪوٽ جهڏو ٽالهي نبي سر روڊ سلور سوري نفيس نگر ڪنري ڊگهڙي ڪلوئي ميرپورخاص عمرڪوٽ ٽنڊو جان محمد سميت ڪيترن علائقن ۾ ڪئي جي پوکائي وارو عمل شروع ٿيڻ شرط ئي مرچ توڙي ڀاڄين جا غير معياري زرعي هائبرڊ ٻج جو وڪرو تيزي سان شروع ٿي ويو آهي ان حوالي ذريعن کان مليل ڄاڻ مطابق مختلف ڪمپنيز جا ايف او اڙ ايريا مئنيجر بزنس مئنيجر ۽ ٻيا نمائيندا هائبرڊ ٻج وڪرو ڪرڻ لاءِ ابوجهه آبادگارن کي وڌيڪ ايوريج جون لالچون ڏيئي ميدان تي لهي پيا آهن هر هڪ ڪمپني پاران پنهنجي جا الڳ الڳ ريٽ مقرر ڪري ڇڏيا اڪثر علائقن ۾ مرچ توڙي ڀاڄين جا هائبرڊ ٻج وڪرو ڪرڻ لاءِ ڪمپني جي نمائيندن شهرن ۾ شادي هال بڪنگ ڪرائي سيمينار پروگرام منعقد ڪري ڇڏيا سنڌ ۾ تيزي سان لائيسنس جي آڙ هيٺ غيرمعياري مرچ توڙي ڀاڄين جا ٻج وڪرو ٿيڻ سبب زراعت تباهي جو شڪار ٿي وئي ٻئي طرف سنڌ جي ڄاڻايل علائقن ۾ هائبرڊ ٻجن جي وڪري تيزي اچڻ بعد سنڌ ۾ پوکيو ويندڙ اصل ديسي ٻج ناياب ٿي ويو آهي آبادگار توڙي هاري لکين رپين جا قرضي بڻجي ويا ڪمپني مالڪ ڏينهنون ڏينهن ڪک پتي مان لک پتي بڻيل

اصل ديسي ٻج معتارف ڪرائي تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي:آبادگار

هائبرڊ ڪمپنين جا فوري طور تي لائيسنس ختم ڪيا وڃن

غيرمعياري ٻج مارڪيٽ ۾وڪرو ٿئي ٿو،ايوريج نٿو ملي

اصل ديسي ٻج جا نمائشي پروگرام جوڙي تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي

نفيس نگر،هائبرڊ ڪمپنين جا لائيسنس رد ڪري اصل ديسي ٻج معتارف ڪرائي تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي آبادگار،هزارين رپيا خرچ ڪري ڪيڙي ڪرايون ٿا ۽ وري هزارين رپيا ڏيئي هائبرڊ ٻج خريد ڪري پوکيون ٿا مگر گهربل ايوريج نٿو ملي غيرمعياري ٻج پڙين ۾پيڪنگ ڪري مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪيو وڃي ٿو جنهن سبب ٻوٽا مال به نٿا ڪڍن ۽ مرض به وڌي ٿو آبادگارن جون عبرت سان ڳالهيون سنڌ جي مختلف شهرن ۾ غير معياري مرچ توڙي ڀاڄين جا هائبرڊ ٻج وڪرو ٿيڻ جي حوالي سان آبادگارن رئيس مرتضيٰ گشڪوري ڪيمچند ڀيل قمبر علي نواز تنگوي ۽ ٻين آبادگارن عبرت سان ڳالهائيندي چيو ته هائبرڊ ڪمپنين جا فوري طور تي لائيسنس ختم ڪري سنڌ جا اصل ديسي ٻج معتارف ڪرائي زراعت کي تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي هنن چيو ته اسان پوکائي کان اڳواٽ ئي هزارين رپيا ڪيڙين جا خرچ ڪيون ٿا ۽ وري هزارين رپيا ڏيئي هائبرڊ ٻج خريد ڪري پوکيون ٿا مگر فصل لهڻ مهل گهربل ايوريج نٿو ملي غيرمعياري ٻج پڙين ۾ پيڪ ڪري مارڪيٽ ۾ وڪرو ٿئي ٿو جنهن سبب ٻوٽا مال به نٿا ڪڍن ۽ مرض به جام ٿئي ٿو هنن وفاقي توڙي سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته هائبرڊ ڪمپنين جا فوري طور لائيسنس رد ڪري اصل ديسي ٻج جا نمائشي پروگرام جوڙي تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي

سنڌ جي سيڊ اداري پاران اثرائتي ڪارروائي نه ڪرڻ سبب زراعت تباهي جو شڪار

نفيس نگر،مختلف ڪمپني نمائيندن پاران خالي پڙين ۾غيرمعياري ٻج پيڪنگ ڪري وڪرو ڪرڻ جا اطلاع سنڌ جي فيڊرل سيڊ اداري پاران اثرائتي ڪارروائي نه ڪرڻ سبب هائبرڊ ڪمپنين ۾ ڪم ڪندڙ اڪثر نمائيندن خالي پڙين ۾ غيرمعياري ٻج پيڪنگ ڪري وڪرو ڪرڻ جا اطلاع مليا آهن جنهن سبب زراعت ڏينهنون ڏينهن تباهي جو شڪار ٿي رهي آهي

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

سون مهانگي ٿيڻ جا عام ماڻهوءَ تي اثر! صفحو 4

ڊاڪٽر رميش ڪمار
غزه جي رت ۾ ٻڏل ڌرتي..! صفحو 4

ايپسٽين اسڪينڊل:موساد جو مبينا ڪردار
اشتياق بيگ صفحو 4

عبدالمجيد مغيري
چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ جي نالي کليل خط صفحو 4

دڙو ۾ هيروئن آئيس ڪچو شراب جي وڪري جي وڌي دور متل،رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ گل ملاح جي رهواسين ڳوٺ ۾ منشيات جي کلي عام وڪري، فحاشي جي اڏن ۽ سماجي برائين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو

هيروئن، آئيس، ٺرو ۽ ٻي منشيات وڪرجڻ جيان وڪرو ٿي رهي رهي آهي،فحاشي جا اڏا کلي عام هلي رهيا آهن:ديدار ملاح

فحاشي جي اڏن ۽ ٻين سماجي برائين سبب ڳوٺ جو ماحول خراب ٿي رهيو آهي، ۽ نوجوان نسل تباهي جي طرف وڃي رهيو آهي

منشيات جو وڪرو ۽ فحاشي جا اڏا بند ڪري ملوث ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري نوجوان نسل جون حياتيون بچايون وڃن

دڙو (ن ع)دڙو ۾ هيروئن آئيس ڪچو شراب جي وڪري جي وڌي دور متل منشيات، فحاشي جي اڏن ۽ ٻين سماجي برائين خلاف رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو، نعريبازي، پوليس انتظاميا کان فوري نوٽيس جو مطالبو دڙي ويجهو ڳوٺ گل ملاح جي رهواسين پاران ڳوٺ ۾ منشيات جي کلي عام وڪري، فحاشي جي اڏن ۽ سماجي برائين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. دڙي جي ڳوٺ گل ملاح جي رهواسين ديدار ملاح، عرس ملاح، عزيز ملاح ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڇجاري پل وٽ بخاري چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي احتجاجي مظاهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته دڙي سميت ڳوٺ گل ملاح ۾ منشيات جو آزار ڏينهون ڏينهن وڌي ويو آهي. هيروئن، آئيس، ٺرو ۽ ٻي منشيات وڪرجڻ جيان وڪرو ٿي رهي رهي آهي. فحاشي جا اڏا کلي عام هلي رهيا آهن ۽ سماجي برائيون چوٽ چڙهيل آهن. هنن چيو ته منشيات واپرائڻ سبب چورين ۾ پڻ اضافو ٿيو آهي. فحاشي جي اڏن ۽ ٻين سماجي برائين سبب ڳوٺ جو ماحول خراب ٿي رهيو آهي ۽ نوجوان نسل تباهي جي طرف وڃي رهيو آهي. هنن چيو ته منع ڪرڻ تي بااثر منشيات فروش ڳوٺاڻن کي تشدد جو نشانو بڻائين ٿا. هنن مطالبو ڪيو ته منشيات جو وڪرو ۽ فحاشي جا اڏا بند ڪري ملوث ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري نوجوان نسل جون حياتيون بچايون وڃن

دڙو: شهري منشيات جي وڪري خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ميهڙ،دادو،کي اين شاهه سميت مختلف ٿاڻن جي پوليس پاران ڪارروايون

پوليس چڙهائي ڪري انور سولنگي ۽ ڪامران سولنگي کي گرفتار ڪري ورتو

ميهڙ(ن ع)ميهڙ ۾ ڪن پوليس اهلڪارن جي شهادت جي سلسلي ۾ ميهڙ،دادو،کي اين شاهه ٿاڻن سميت مختلف ٿاڻن جي پوليس جون ميهڙ تعلقي جي مختلف علائقن ۾ ڪارروائيون جاري آهن.ان سلسلي ۾ رات انسپيڪٽر بينظير جمالي جي قيادت ۾ پوليس لال شاهه ڪالوني ۾ مڇي ڪپائيندڙ پورهيت سولنگين جي گهر تي چڙهائي ڪري انور سولنگي پٽ صالح سولنگي ۽ ڪامران سولنگي پٽ انور سولنگي کي گرفتار ڪري ورتو آهي اهڙي عمل خلاف سنڌن وارث عورتون پارس سولنگي ۽ شازيه سولنگي احتجاج ڪندي ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته اسان بي گناهه آهيون ۽ اسان جا مرد پورهيت آهن اُنهن تي ڪوبه ڪيس داخل نه آهي ۽ اهي مڇي ڪپائي ٻچڙن جو گذر سفر ڪندا آهن هنن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته اسان جو ڪنهن ڌوهاري سان ڪو واسطو ناهي ۽ نه وري ڪنهن سان ڪو رابطو آهي

غلام الله ۾ بورڊ مان باهه لڳڻ سبب دڪان جو سمورو سامان سڙي رک

غلام الله (ن ع)غلام الله شهر ۾ ارشاد کهيو جي ڪميونيڪيشن دڪان ۾ لائيٽ جي بورڊ کي باهه لڳڻ سبب دڪان جو سمورو سامان سڙي رک ٿي ويو ارشاد کهيو جي چوڻ موجب امانت ۾ ڀيل چارج لاءِ بيٽريون موبائل پڻ سڙي ويون آهن هن چيو ته ڪميونيڪيشن جي دڪان سان گهر جو گذر سفر ڪندو هوس دڪان ۾ مڪمل قيمتي سامان سڙڻ ڪانپوءِ هاڻي روزگار ڪرڻ جي لاءِ ڪا به شيءِ نه بچي آهي

مٽياري جي عدالت پاران منشيات ڪيس ۾ جوابدار کي 20 سال قيد ۽ هڪ لک رپيا ڏنڊ جي سزا

مٽياري (ڊ ر)عدالت منشيات ڪيس ۾ جوابدار کي 20 سال قيد ۽ هڪ لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي،ڊسٽرڪٽ ايڊيشنل سيشن جج جي ماڊل ڪورٽ جوابدار عبدالحڪيم عرف عدلو خاصخيلي مٿان ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ڪيس 20 سال قيد ۽ هڪ لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي،2سال اڳ اي اين ايف حيدرآباد سرڪل پاران 9 ڊي قلم تحت ڪيس داخل ڪيو ويو هو

ڊاڪٽر شاهنواز قتل ڪيس،جوابدار جاڻايل اڳوڻي ايس ايس پي اسد چوڌري جي ڪچي ضمانت منظور

قتل ڪيس ۾ جوابدار طور جاڻايل ميرپورخاص جو اڳوڻو ايس ايس پي اسد علي چوڌري ميرپورخاص جي دهشتگردي ڪورٽ عدالت ۾ پيش ٿيو

عدالت ۾ 4 لک رپين جي مچلڪن عيوض سنڌس ٻن ڏينهن لاءِ ايس ايس پي جي ڪچي ضمانت منظوري ڪئي وئي

اسد چوڌري جي سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچيءَ مان حفاظتي ضمانت منظور ڪرائي وئي هئي،اڄ هن عدالت ۾ پيش ٿي سرينڊر ڪيو آهي:وڪيل

ڪيس ۾ ميرپورخاص جي اڳوڻي ڊي آءِ جي جاويد سونهارو جسڪاڻي سميت 3 ٻيا پوليس عملدار ۽ اهلڪار پڻ اشتهاري قرار ڏنل

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ)ڊاڪٽر شاهنواز قتل ڪيس ۾ جوابدار جاڻايل اڳوڻو ايس ايس پي اسد چوڌري عدالت ۾ پيش ٻن ڏينهن جي ڪچي ضمانت منظور ميرپورخاص ۾ پوليس هٿان جعلي مقابلي ۾ مارجي ويل عمرڪوٽ واسي ڊاڪٽر شاهنواز ڪنڀر قتل ڪيس ۾ جوابدار طور جاڻايل ميرپورخاص جو اڳوڻو ايس ايس پي اسد علي چوڌري اڄ ميرپورخاص جي دهشتگردي ڪورٽ عدالت ۾ پيش ٿيو جتان 4 لک رپين جي مچلڪن عيوض سنڌس ٻن ڏينهن لاءِ ڪچي ضمانت منظوري ڪئي وئي جڏهن ته ايندڙ ٻڌڻي 13 فيبروري تائين ملتوي ڪئي وئي آهي. ان ڏس ۾ عدالت ٻاهران اسد علي چوڌري جي وڪيل قائم ڪاشف ڦوڙ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسد علي چوڌري جي سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچيءَ مان حفاظتي ضمانت منظور ڪرائي وئي هئي، جنهن ڪان پوءِ اڄ هن عدالت ۾ پيش ٿي سرينڊر ڪيو آهي ۽ اتان ڪان گرفتاريءَ ڪان اڳ واري سنڌس ٻن ڏينهن جي ڪچي ضمانت منظور ڪئي وئي آهي. هن چيو ته ان ڪان اڳ عدالت طرفان اسد علي چوڌريءَ جا گرفتاري وارنٽ نڪتل هئا ۽ هن پاڻ اڄ عدالت ۾ پيش ٿي سرينڊر ڪيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته عدالت کي ٻڌايو ويو ته اسد علي چوڌري هتي نه هو ۽ هو ڊپارٽمينٽل ڪارروائي کي ٻيهر منهن ڏئي رهيو هو واضح رهي ته اڳوڻي ايس ايس پي اسد علي چوڌري پاران عدالت ۾ پيش نه ٿيڻ تي سنڌس گرفتاريءَ جا وارنٽ جاري ڪيا ويا هئا ۽ ڪيس اشتهاري ڏوهاري پڻ قرار ڏئي سنڌس ملڪيتون ضبط ڪرڻ جا حڪم پڻ جاري ڪيا ويا هئا. هن ڪيس ۾ ميرپورخاص جي اڳوڻي ڊي آءِ جي جاويد سونهارو جسڪاڻي سميت 3 ٻيا پوليس عملدار ۽ اهلڪار پڻ اشتهاري قرار ڏنل آهن

ميرپورخاص: ڪچي ضمانت تي آزاد ٿيل ايس ايس پي اسد چوڌري فائيل فوٽو

سکر ۾ مبينه تشدد سبب فوت ٿيل منور ميمڻ جو لاش رکي احتجاجي مظاهرو

منور کي خادم ميمڻ ۽ ٻين هٿيارن جي زور تي روڪي تشدد جو نشانو بڻايو:مزمل ميمڻ

تشدد سبب منور جي طبيعت خراب ٿي ۽ ڪيس موقعي تي ئي دل جو دورو پيو

جيستائين اسان کي انصاف نه ملندو ته احتجاج جو دائرو وڌائڻ تي مجبور ٿينداسين

سکر (بيورو رپورٽ)سکر جي علائقي آراڻين روڊ پراڻو شاهين نٿون تعلق سکر جي رهواسي ميمڻ برادري جي مرد ۽ عورتن معصوم ٻارن سميت سکر پريس ڪلب آڏو مبينا تشدد سبب فوت ٿيل منور ميمڻ جو لاش رکي احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهرين علائقي جي بااثر ماڻهن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو.احتجاج ۾ مزمل ميمڻ پلاڻ ميمڻ ماڻي زرينا ماڻي حسنه، غلام نبي ميمڻ سميت ٻيا ماڻهو شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي مظاهرين چيو ته ٻه ڏينهن اڳ سنڌن ڀاءُ منور ميمڻ عرف دلبر ميمڻ پنهنجي گاڏي ۾ گهران نڪتو هو ته ڪجهه فاصلي تي مبينا طور علائقي جي بااثر ماڻهن خادم حسين ميمڻ ياسين ميمڻ خالد ميمڻ سميع الله ميمڻ ثناءالله ميمڻ پرويز ميمڻ ۽ ٻن نامعلوم ماڻهن هٿيارن جي زور تي روڪي تشدد جو نشانو بڻايو.وارثن موجب مبينا تشدد سبب منور ميمڻ جي طبيعت خراب ٿي وئي ۽ ڪيس موقعي تي ئي دل جو دورو پيو. واقعي ڪانپوءِ جوابدار فرار ٿي ويا، جڏهن ته اطلاع ملڻ تي وارثن ڪيس فوري طور اين آءِ سي وي ڊي اسپتال منتقل ڪيس جتي جوڳي حالت سبب هو سٽ نه سهندي گذريل ڏينهن فوت ٿي ويو.مظاهرين الزام لڳايو ته نامزد ماڻهو علائقي ۾ بدامني ڦهلائڻ، شراب نوشي ڪرڻ ۽ مبينا طور ڳوٺاڻن کان زبردستي ڀتو وصول ڪرڻ ۾ ملوث آهن. سنڌن چوڻ هو ته هو غريب ۽ محنتي ماڻهو آهن ۽ ڀتو ڏيڻ جي سگهه نٿا رکن جنهن ڪري ڪين مسلسل هراسان ڪيو پيو وڃي.مظاهرين دعوي ڪئي ته اڳ ۾ آباد ٿاڻي تي ڪيترائي ڀيرا درخواستون ڏنيون ويون، پر بااثر هجڻ سبب جوابدارن خلاف ڪا مؤثر ڪارروائي ناهي ڪئي وئي.وارثن ۽ مظاهرين چيف جسٽس آف پاڪستان وڏي وزير سنڌ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر ڪان مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي نامزد ۽ نامعلوم جوابدارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ متاثر خاندان کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.احتجاج دوران مظاهرين انصاف جي حق ۾ نعريبازي ڪئي ۽ خبردار ڪيو ته جيستائين ڪين انصاف نه ملندو ته هو احتجاج جو دائرو وڌائڻ تي مجبور ٿيندا

مجرم عناصرن جو سرنڊر قانون جي بالادستي ۾ وڏي ڪاميابي آهي:وزير داخله

ڪچي علائقن ۾ امن قائم رکڻ لاءِ سنڌ حڪومت پرعزم آهي:ضياءالحسن لنجار

جرم پيشه عناصر خلاف ڪريڪ ڊائون بلا رڪاوٽ مؤثر قدم سان جاري رهندو

سکر(بيورو رپورٽ) وزير داخله سنڌ ضياءالحسن لنجار باڳوڙهي جي ڪچي علائقن ۾ خطرناڪ ۽ بدنام زمانه ڌاڙيلن خلاف ڪامياب آپريشن تي سکر پوليس کي مبارڪباد ڏني ۽ پوليس ٽيم جي پيشهوارانه صلاحيتن کي ساراهيو.وزير داخله سنڌ پنهنجي بيان ۽ ٽوئيٽ ۾ چيو ته معين سر جي قيمت وارا ڌاڙيل ۽ سخت جرم پيشه عناصر جو سرنڊر قانون جي بالادستي ۾ وڏي ڪاميابي آهي. هن چيو ته ڪچي علائقن ۾ امن قائم رکڻ لاءِ سنڌ حڪومت پرعزم آهي ۽ جرم پيشه عناصر خلاف بنا فرق جي ڪارروائيون جاري رهنديون.ضياءالحسن لنجار چوڻ هو ته شهرين جي جان مال جي تحفظ لاءِ ڪارروايون وڌيڪ تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي ۽ چيو ته امن ۽ امان قائم رکڻ لاءِ پوليس ۽ ٻين قانون نافذ ڪندڙ ادارن جي ڪوششون قابل تحسين آهن.وزير داخله سنڌ ٻيهر زور ڏنو ته صوبي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ مؤثر قدم جاري رهندا ۽ جرم پيشه عناصر خلاف ڪريڪ ڊائون بلا رڪاوٽ جاري رهندو

سکر: عمري جي سعادت حاصل ڪري اچڻ تي عهديدارن کي مبارڪون ڏنيون پيون وڃن

سيد هائوس محرابپور تي ٿيليسيميا جي ٻارڙن لاءِ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو اهتمام

ڪنڊيارو (س ر)قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر سيد مير غلام مصطفيٰ شاهه پاران سنڌس فرزند نوجوان اتحاد جي چيئرمين سيد شايان شاهه جي نگرانيءَ ۾ سيد هائوس محرابپور تي ٿيليسيميا جي ٻارڙن لاءِ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو اهتمام ڪيو ويو جتي سوين نوجوانن رت جو عطيو ڪيو ان موقعي تي ڪيمپ جي آرگنائيزر سيد شايان شاهه ڳالهائيندي چيو ته رمضان شريف جي مهيني جي آمد ويجهي آهي جنهن ۾ ٿيليسيميا جي ٻارڙن لاءِ رت جي ضرورت پوندي آهي ان ڪري اڄ ميگا بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو اهتمام ڪيو آهي ته جيئن رمضان شريف ۾ ٿيليسيميا جي ٻارڙن کي رت لڳي ۽ هو عيدالفطر جون خوشيون عام ٻارڙن جيان ملهائي سگهن هن اهو پڻ چيو ته اسان ٿيليسيميا جي ٻارڙن سان سينٽر تي وڃي ملاقات پڻ ڪئي آهي جيڪي سنڌ جي مختلف ضلعن مان ايندا آهن انهن جو جياپو اسان ۽ اوهان پاران رت عطيو ڪرڻ تي آهي ان ڪري هي سلسلو ان شاءِ الله هر سال جاري رهندو هوڏانهن ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد صادق سيال ، جوائنٽ سيڪريٽري غلام نبي چند ، انفارميشن سيڪريٽري قاضي جاويد سنائي ۽ پروفيسر نريش ڪمار ڪيمپ جو دورو ڪيو جتي هنن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسين شڪر گذار آهيون قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفيٰ شاهه ۽ سنڌس فرزند سيد شايان شاهه جن جا جيڪي گذريل ڪيترن سال کان ٿيليسيميا جي ٻارڙن جي جياپي لاءِ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ قائم ڪندا آهن هنن اهو پڻ چيو ته ٿيليسيميا سينٽر تي 26 سئو کان وڌيڪ ٿيليسيميا جا ٻار رجسٽرڊ آهن جن کي رت ، دوا ۽ کاڌو مفت فراهم ڪيو ويندو آهي ان کان اڳ نوجوان اتحاد جي وائيس چيئرمين نثار احمد ڪيڙو ، جهانزيب مگسي ، جاويد مگسي ۽ فيضان مگريو آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو

سجاول: سنڌي اسٽيج ڊرامي ۾ فنڪار فن جو مظاهرو ڪري رهيا آهن

سجاول ۾ ثقافت کاتي ۽ ضلعي انتظاميه پاران سنڌي اسٽيج ڊرامون پيش

سنڌي اصلاحي اسٽيج ڊرامون ٻيڙا ٿيندا پار ۾ فنڪارن فن جو مظاهرو ڪيو

تقريب جا مهمان خاص ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڊاڪٽر اقبال احمد ميمڻ هئا

سجاول(ڊ ر)سجاول ۾ لاڙ آرٽ ڪائونسل سجاول جي سهڪار سان شايان شادي هال سجاول ۾ سنڌي اصلاحي اسٽيج ڊرامون "ٻيڙا ٿيندا پار" پيش ڪيو ويو،جنهن ۾ سجاول جي اداڪارن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو ڊرامي ۾ سجاول ۽ ان جي آس پاس واري علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري اداڪارن کي داد ڏنو هن ڊرامي جو آرگنائيزر آڪاش اڪبر زنگيجو ڪهاڻيڪار يعقوب ڪلهوڙو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر عرس ناريجو ۽ ڊائريڪٽر نديم شهزاد ڪتي هو پروگرام جي مک تقريب جا مهمان خاص ڊپٽي ڪمشنر سجاول ۽ پ پ تعلقي سجاول جي صدر ڊاڪٽر اقبال احمد ميمڻ هئا جڏهن ته ٻين مهمانن ۾ پ پ تعلقي سجاول جي جنرل سيڪريٽري عبدالله خان لغاري سماجي تنظيم جي اڳواڻ محمد اسلم ميربحر پ پ رهنما شهمير گبول زاهد ڪڏو شفقت شاهه مٽياري سنڌي ادبي سنگت جي ميمبرن ۾ شاعر اياز امر دائود امر فريد گل شاعر مشتاق سعيد عمراڻ علي ڪتي اصغر ميمڻ شهر جي معزز شخصيت عثمان ڪتي ڪاشف عمراڻي سميت مختلف تنظيمن جي ماڻهن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي پروگرام جي ڪمپيئرنگ زبير جعفراڻي ڪئي اداڪارن ۾ آپا نسرين ناز آڪاش اڪبر زنگيجو ڪومل ناز گلڻ مستانو عرس عمراڻي نظير لوهار جان محمد مغل سڪندر صنم ڪچي ۽ عرس ناريجو شامل هئا

راڌڻ ويجهو گهر تي پوليس چڙهائي خلاف عورتن پاران احتجاج

لال شاهه ڪالوني ۾ پوليس چڙهائي ڪري ڀڃ ڊاهه ڪئي:پارس سولنگي

اسان جا مرد بي ڏوهي آهن اسان غريبن سان ناانصافي ٿي آهي،انصاف ڪيو وڃي

راڌڻ (ن ع)راڌڻ ويجهو ميهڙ شهر جي لال شاهه ڪالوني ۾ پوليس جي گهر تي چڙهائي ۽ ڀڃ ڊاهه ڪرڻ ۽ ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪرڻ خلاف عورتن پارس ۽ شازيا سولنگي احتجاج ڪندي ڏانهيندي ۽ الزام هڻندي چيو ته گذريل رات دير سان بينظير جمالي ۽ سونل سولنگي جي اڳواڻي ۾ لال شاهه ڪالوني ۾ اسان جي گهرن تي وڏن پوليس اٿالن سان چڙهائي ڪري چادر ۽ چار ديواري جي تحفظ جو تقدس پائمال ڪري ڀڃ ڊاهه ڪئي ۽ اسان جون تي موبائل فونون به کڻي بعد اسان جي پورهيت مڇي ڪپائيندڙ مردن انور سولنگي ۽ ڪامران سولنگي کي گرفتار ڪري ڪنهن ڪٿي وٺي ويا هنن چيو ته اسان جامرد پورهيت آهن مڇي ڪپائي پنهنجي گهر جو گذر سفر ڪندا آهيون ۽ اسان جا مرد بي ڏوهي آهن اسان غريبن سان ناانصافي ٿي آهي هنن آءِ جي سنڌ ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته اسان جي گرفتار ڪيل مردن کي آزاد ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

شهيد پوليس اهلڪارن جون قربانيون هميشه ياد رهنديون:رفيق جمالي

اهلڪارن ڌوهارين سان مقابلو ڪندي پنهنجي جانين جو نذرانو ڏنو

ڌوهارين کي بخش نه ڪيو وڃي ۽ قانون موجب سخت سزا ڏني وڃي

راڌڻ (ن ع)پاڪستان پيپلزپارٽي سنڌ جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ايم اين اي دادو جوهي سردار رفيق احمد جمالي ميهڙ پرسان بازيا پنهور وٽ ڦورن ۽ پوليس وچ ۾ ٿيل مقابلي دوران شهيد پوليس اهلڪارن محمد حفيظ مهيسر عرفان علي چانڊيو ۽ امام الدين ڪوسو جي شهادت ۽ اي ايس آءِ سڪندر ڀرڳڙي جي زخمي ٿيڻ تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي ۽ چيو ته شهيد پوليس اهلڪارن جون قربانيون هميشه ياد رهنديون هن زخمي اهلڪارن جي جلد صحتيابي لاءِ پڻ دعا گهري سردار رفيق احمد جمالي وڌيڪ چيو ته شهيد پوليس اهلڪار امن ۽ امان جي بحالي لاءِ ڌوهارين سان مقابلو ڪندي پنهنجي جانين جو نذرانو ڏنو جيڪا هڪ عظيم قرباني آهي، هن واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي مطالبو ڪيو ته ملوث ڌوهارين کي ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪيو وڃي ۽ ڪين قانون موجب سخت سزا ڏني وڃي

علامه غلام محمد سوهو سکرنڊ پريس ڪلب جي چونڊيل عهديدارن کي حلف کڻايو

انسانيت جي خدمت عبادت آهي، صحافت ان لاءِ بهتر پليٽ فارم آهي:علامه سوهو

صحافي چاهين ته سماج جي ڀلائيءَ لاءِ بهتر ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا

سکرنڊ (س ر)عالم اسلام جي عظيم روحاني شخصيت حضرت علامه حافظ غلام محمد سوهو جن سکرنڊ پريس ڪلب جي 2026 لاءِ چونڊجي آيل عهديدارن جي حلف برداري تقريب ۾ مهمان خاص طور شرڪت ڪئي جتي هن سکرنڊ پريس ڪلب پهچي ڪين حلف کڻايو جنهن بعد هن سمورن عهديدارن کي لنگيون پارائي مبارڪون ڏنيون ۽ ڪين دعا بعد پنهنجي نصيحت ڀريي بيان ۾ فرمايو ته انسانيت جي خدمت کي عبادت سڏيو ويو آهي صحافت ان لاءِ بهتر پليٽ فارم آهي جيڪڏهن صحافي چاهين ته سماج جي ڀلائيءَ لاءِ بهتر ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا هن وڌيڪ چيو ته نئون چونڊيل صدر غلام حيدر سولنگي اسان جو فقير ۽ محبت ڪندڙ آهي ان مان اميد آهي ته هو پنهنجي ٽيم کي گڏ ڪئي هلندو ۽ سکرنڊ پريس ڪلب جي بهتريءَ لاءِ سموريون صلاحيتون ڪتب آڻيندو اسان جون دعائون هنن سان گڏ آهن ان کان اڳ صدر غلام حيدر سولنگي آيل مهمانن کي آجيانو پيش ڪندي چيو ته اڄ اسين پاڻ کي خوشنصيب سمجهون ٿا جو سکرنڊ پريس ڪلب جي اڱڻ تي سائين جن پنهنجا قدم مبارڪ رکيا آهن ان شاءِ الله اداري ۽ صحافين جي بهتريءَ لاءِ ڪردار ادا ڪنداسين پروگرام دوران علامه حافظ غلام محمد سوهو سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي کي شال جو تحفو پيش ڪندي چيو ته مهڙيون شخصيتون جنهن پريس ڪلب ۾ هونديون ته اهي ادارا ان شاءَ الله ڪو ڏکيو ڏينهن نه ڏسندا ان موقعي تي نور احمد لاڪو، عبدالجبار سوهو، راجا خانزاده، محسن لاڪو سميت ڪئي شخصيتون موجود هيون حلف برداري دوران سکرنڊ پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو

سکرنڊ: حافظ غلام محمد سوهو سکرنڊ پريس ڪلب جي عهديدارن کي حلف کڻائيندي

سکر سائيٽ ۾ صنعتون لڳائيندڙ مالڪ انتظامي زيادتين جو شڪار

فيڪٽري مالڪن کي انچارج انجنيئر طرفان هراسان ڪرڻ جا انڪشاف

ادائيگي نه ڪرڻ جي صورت ۾ هراسان ڪيو پيو وڃي،فيڪٽري مالڪ

نوٽيس وٺي ڪين انصاف فراهم ڪيو وڃي ۽ ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي

سکر(بيورو رپورٽ)سکر سائيٽ ايريا ۾ صنعتون لڳائيندڙ مل مالڪ مبينا انتظامي زيادتين جو شڪار ٿي ويا آهن. غيرقانوني ڀتو نه ڏيندڙ فيڪٽري مالڪن کي انچارج سائيٽ انجنيئر طرفان هراسان ڪرڻ جا انڪشاف سامهون آيا آهن جنهن خلاف متاثر ڌر ميڊيا اڳيان احتجاج ڪيو. ان سلسلي ۾ سکر جي انڊسٽريل سائيٽ ايريا ۾ صنعتون قائم ڪندڙ مل مالڪن سان سالن کان جاري ناانصافين جو سلسلو اڃا تائين ختم ناهي ٿيو الزام آهي ته انچارج سائيٽ انجنيئر طرفان نان يوٽيلائيزيشن فيس ۽ سب ليٽنگ فيس جي نالي تي غيرقانوني ڀتو طلب ڪيو پيو وڃي ۽ ادائيگي نه ڪرڻ جي صورت ۾ فيڪٽري مالڪن کي هراسان ڪيو پيو وڃي. پلاٽ نمبر ڊي-67 تي اٽو چڪي هلائيندڙ جنرل مينيجر فرحان علي ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته سنڌن پلاٽ کي غيرقانوني طور اوپن پلاٽ قرار ڏئي نان يوٽيلائيزيشن فيس جي مد ۾ 6 لک 41 هزار رپيا ۽ سب ليٽنگ فيس جي مد ۾ 7 لک رپين جا نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن. هن چيو ته هن سائيٽ اسٽيٽ لميٽيڊ سکر جي اڪائونٽنٽ آفيسر وٽ 60 هزار رپيا سب ليٽنگ فيس ۽ 20 هزار رپيا بيز سائيٽ واجبات جي مد ۾ 30 جون 2026ع تائين سرڪاري اڪائونٽ ۾ پي آرڊر ذريعي جمع ڪرائي چڪا آهن. تنهن باوجود انچارج سائيٽ انجنيئر ذاتي رنجش جي بنياد تي غيرقانوني واجبات لاڳو ڪري نوٽيس موڪليا آهن.متاثر ڌر جو چوڻ آهي ته مبينا طور تي موڪليل نوٽيسن ۾ جاڻايل رقم جو اڌ حصو ڀتو طور طلب ڪيو پيو وڃي ۽ ادائيگي نه ڪرڻ جي صورت ۾ فيڪٽري کي نقصان پهچائڻ سميت ٻين ناجائز ڪارروائين جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. انچارج انجنيئر جي مبينا زيادتين خلاف ايم ڊي سائيٽ ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کي وڪيل معرفت قانوني نوٽيس به موڪليا ويا آهن. نوٽيس ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته 3 جنوري 2025ع تي سائيٽ ڪراچي آفيس طرفان جاري ڪيل اشتهار مطابق سائيٽ سکر ۾ 73 کان وڌيڪ اوپن پلاٽن جي نشاندهي ڪئي وئي هئي.

فيضان ميمڻ پاران وڪيلن جي ٽيم سان گڏ تعلقه بار ڪائونسل سکرنڊ جو دورو

سکرنڊ (س ر)سنڌ بار ڪائونسل جي لائبريري سيڪريٽري لاءِ ٿيندڙ اليڪشن جي اميدوار فيضان احمد ميمڻ وڪيلن جي ٽيم سان گڏ ووٽ ۽ سپورٽ لاءِ تعلقه بار ڪائونسل سکرنڊ جو دورو ڪيو ساڻس گڏ ايڊووڪيٽ مسرت شاهه . ايڊووڪيٽ سميرا قاضي،ايڊووڪيٽ ساروڪ سمون،ايڊووڪيٽ واجد ڪوراڻي،ايڊووڪيٽ آفتاب ٽنيو ، ايڊووڪيٽ ڪاشان ميمڻ ۽ ايڊووڪيٽ دانش پڻ هئا تعلقه بار ڪائونسل پهچڻ تي سکرنڊ جي سينيئر وڪيلن ايڊووڪيٽ اسرار احمد قريشي جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌن شاندار آڌر ڀاءُ ڪيو جنهن بعد فيضان احمد ميمڻ ڳالهائيندي چيو ته ووٽ ۽ سپورٽ لاءِ اوهان وڪيل ڀائرن وٽ هلي آيا آهيون خواهش آهي ته لائبريري واري نظام کي بهتر کان بهتر ۽ جديد تقاضائن موجب هلڻ گهرجي ان شاءَ الله ڪامياب ٿي ان تي عمل ڪرائيندا سين پروگرام دوران ايڊووڪيٽ بابر چانڊيو ترتيب وار وڪيلن کان ويچار ورتا جن الڳ الڳ ڳالهائيندي فيضان احمد ميمڻ کي مڪمل سهڪار جو يقين ڏياريو ان موقعي تي آيل مهمانن کي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا پروگرام ۾ سکرنڊ پريس ڪلب جو جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح ۽ شهري اتحاد جو سرپرست نياز لاشاري مهمان طور شريڪ ٿيا پروگرام ۾ جن وڪيلن شرڪت ڪئي انهن ۾ عبدالرسول ڪيريو ۽ اڪبر علي بيگ شامل هئا جڏهن ته بشير لاشاري ۽ قاضي جاويد سنائي پڻ موجود هئا

سکر: سکر سائيٽ ۾ فيڪٽري لڳائيندڙ مالڪ ميڊيا سان ڳالهائيندي

عمره جي سعادت حاصل ڪرڻ تي سکر پريس ڪلب جي عهديدارن کي مبارڪباد پيش

سکر (بيورو رپورٽ)سکر پريس ڪلب جي عهديدارن سالار صحافت لالا اسد پٺاڻ، صدر خالد پانهڻ احقررضوي، ڪامران شيخ سليم سهتو ۽ نصرالله وسير سميت ٻين کي شاپ ڪيپر ايسوسيئيشن غريب آباد سکر جي طرفان عمره جي سعادت حاصل ڪرڻ تي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪئي وئي. ان موقعي تي ايسوسيئيشن جي چيئرمين حاجي محمد رياض ڪوڪر صدر حاجي عبدالرشيد قريشي، جنرل سيڪريٽري حاجي محمد خليل قادري ۽ ٻين عهديدارن پريس ڪلب پهچي مبارڪباد ڏني. نمائندن گلن جا گلدستا پيش ڪيا، جڏهن ته روايتي محبت ۽ احترام جي اظهار طور اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپي پڻ پارائي وئي هنن چيو ته عمره جي سعادت الله تعاليٰ جي وڏي نعمت آهي. اسان دعاگو آهيون ته الله پاڪ اوهان جي عبادتن کي قبول فرمائي اوهان کي صحت ۽ سلامتي عطا ڪري ۽ وڌيڪ نيڪين جي توفيق ڏئي.ان موقعي تي سينئر نائب صدر حاجي خالد محمود صديقي نائب صدر حاجي غلام رسول انصاري، محمد علي شيخ، زاهد حسين، اظهر صديقي راشد قريشي، محمد اڪرم شيخ نثار ڏايو الطاف ميمڻ محمد ياسين قريشي، محمد عمران ملڪ محمد عقيل محمد رحيم محمد عارف شيخ حاجي مبين شيخ ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

صحافي ۽ سماجي تنظيمون متحد ٿي برائين ختم ڪري سگهن ٿيون:ساجاهه وندڙ

قلم، قدم ۽ عمل سان سماج مان برائين جو خاتمو ممڪن بڻائي سگهجي ٿو

پريس ڪلبون ئي باڪردار، محنتي ۽ جاڪوڙي صحافين جا مورچا آهن

سيوديرو(ن ع)صحافي ۽ سماجي تنظيمون متحد ٿي سماج مان برائين ختم ڪري سگهن ٿيون: ساجاهه وندڙ. رپورٽ مطابق سيوديرو جي شهر راڃي پور ۾ لطيفي هائوس ۾ هڪ اهم بيٺڪ منعقد ڪئي وئي،جنهن دوران ساجاهه وندڙ، صحافين ۽ سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ مقررين ان ڳالهه تي زور ڏنو ته جيڪڏهن صحافي برادري ۽ سماجي تنظيمون پاڻ ۾ اتحاد، هم آهنگي ۽ سنجيدگي سان ڪم ڪن ته قلم، قدم ۽ عمل جي طاقت سان سماج مان ڪيترين ئي برائين جو خاتمو ممڪن بڻائي سگهجي ٿو. بيٺڪ کي خطاب ڪندي ايس ايل ايف جي صدر مشتاق مغل، قاضي فقير محمد، مولوي حاجي عبدالرشيد مغل، سماجي اڳواڻ آغا منظور انصاري، سينيئر صحافي فاروق دايو سينيئر جرنلسٽ عبدالشڪور وسان، لالا شڪيل شيخ، سماجي اڳواڻ علي شير انصاري، صحافي زوار محمد ٻچل لاڪو ۽ ٻين مقررين چيو ته صحافت رڳو خبرن جي رسائي تائين محدود نه آهي، پر اها سماجي سڌاري جو هڪ اهم ذريعو پڻ آهي. پريس ڪلبون ئي باڪردار، محنتي ۽ جاڪوڙي صحافين جا مورچا آهن هنن چيو ته معاشري ۾ وڌندڙ بدامني، اسٽريٽ ڪرائيم، ڦرلٽ، گهرن ۾ لڳندڙ ڌاڙا ۽ ٻين ڏوهن جي روڪٿام لاءِ صحافين کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن صحافي بي خوف ٿي ڏوهن جا پيرا واڪو ڪندا ۽ اصل حقيقتون عوام آڏو آڻيندا ته ڏوهه رڪجي پوندا ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا به وڌيڪ فعال ٿيندا. ساجاهه وندڙ جو وڌيڪ اهو چوڻ هو ته هر ماڻهو کي سهولت ڏيڻ، انصاف فراهم ڪرڻ ۽ خدائي خوشنودي خاطر هر فرد سان پاڇهه، همدردي ۽ برابري وارو رويو اختيار ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. جڏهن معاشري ۾ اخلاقي قدر مضبوط ٿيندا ته ٻه نمبر ڪاروبار، ڪرپشن ۽ ٻين سماجي برائين کي به ٿڪائي سگهجي ٿو. مقررين ان ڳالهه تي به زور ڏنو ته امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ صرف سرڪاري ادارا ئي نه، پر سول سوسائٽي، استادن، نوجوانن ۽ مذهبي اڳواڻن کي به گڏيل ڪوششون ڪرڻيون پونديون.

سنڌ ۾ دهشتگرد ٽولا پيپلز پارٽي کان ڪاوڙجي سنڌ کي ٽوڙڻ جي ڳالهه ڪن ٿا:اياز لطيف پليجو

سنڌ ۾ ڪنهن کي گڏر تي ٿاپو اچي ٿو اهو چوي ٿو سنڌ کي ٽوڙيو،پيپلز پارٽي اهڙو ماحول ڇو ٺاهيو آهي

پيپلز پارٽي بل ۽ قرارداد ڪٿي اچي ۽ پاڪستان پينل ڪوڊ ۾ ترميم ڪري اها شق شامل ڪئي وڃي ته هي صوبا ٺاهن ۾ قومن جا وطن آهن

ميهڙ ۾ شهيد ٿيل سپاهي سنڌ جا شهيد آهن ۽ سنڌ سرڪار کان مطالبو ٿو ڪريان ته ان جي وارثن کي 2-2 ڪروڙ روپيا معاوضو ڏيو

سنڌ جو ماڻهو ريٽائر ٿئي ٿو ان کان حق حلال جي گريجوئٽي لاءِ 15-20 پرسنٽ رشوت ورتي ٿي وڃي،سمورن ٽريزرين ۾ دادو ۽ ڄامشورو جا آفيسر آهن

ميهڙ(ن ع)قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو چيو آهي ته پيپلز پارٽي اهڙو ماحول ڇو ٺاهيو آهي جو سنڌ ۾ دهشتگرد ٽولا پيپلز پارٽي کان ڪاوڙجي سنڌ کي ٽوڙڻ جي ڳالهه ٿا ڪن اهڙن خيالن جو اظهار هن راڌڻ ۾ جشن لطيف پروگرام ۾ خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته اسلام آباد ۾ ڌماڪو ٿيو پنجاب يا اسلام آباد ۾ ڪنهن نه چيو ته اسلام آباد کي ٽوڙيون ٿا پشاور ۾ آرمي پبلڪ اسڪول ۾ ڌماڪو ٿيو ڪنهن ڪونه چيو ته ڪي پي ڪي کي ٽوڙيون ٿا پر سنڌ ۾ ڪنهن کي گڏر تي ٿاپو اچي ٿو اهو چوي ٿو سنڌ کي ٽوڙيو اياز لطيف چيو ته آئون مطالبو ٿو ڪريان ته سنڌ اسيمبلي قانون سازي ڪري ۽ پيپلز پارٽي سينيٽ ۽ قومي اسيمبلي ۾ بل ۽ قرارداد ڪٿي اچي ۽ پاڪستان پينل ڪوڊ ۾ ترميم ڪري اها شق شامل ڪئي وڃي ته هي صوبا ٺاهن ۾ قومن جا وطن آهن سنڌ پنجاب ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان انهن جي اصلوڪن جا وطن آهن انهن جي وطنن ٽڪڙي هڪ وڏو وطن قرارداد پاڪستان قرارداد لاهور موجب انهن علائقن کي خودمختيار ۽ آزاد رياستن جي حيثيت ڏيڻ جو تصور پيش ڪيو ويو هو جتي هر صوبي کي پنهنجي حقن ۽ اختيارن سان گڏ وفاقي نظام هيٺ گڏ رکيو ويو هن چيو ته ميهڙ ۾ شهيد ٿيل سپاهي سنڌ جا شهيد آهن ۽ سنڌ سرڪار کان مطالبو ٿو ڪريان ته ان جي وارثن کي 2-2 ڪروڙ روپيا معاوضو ڏيو هن چيو ته دنيا ڏسي پئي ته سنڌ ۾ ڪهڙي تبديلي آئي آهي هڪ طرف سنڌي ٽوپي اجرڪ اسان جو شان آ اسان وٽ ڪوڏي ڪوڏي ملهه آهي يا اهو ٻڌايان ته جيڪو سنڌ جو ماڻهو ريٽائر ٿئي ٿو ان کان حق حلال جي گريجوئٽي لاءِ 15-20 پرسنٽ رشوت ورتي ٿي وڃي سنڌ جي سمورن ٽريزرين ۾ دادو ۽ ڄامشورو جا آفيسر آهن اياز لطيف چيو ته ڪو به ادارو ڪرپشن کان آجو ڪونهي ڪو پيپلز پارٽي سنڌ کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو آهي ان کان اڳ قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل مظهر راهو ، منور جتوئي ، مير ڪوسو ، سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ زينت سمون ، ڪامريڊ اميرزادي برهماڻي ، سومار چانڊيو ، مير مظهر جهنيال حسين سنڌي سميت ٻين اڳواڻن پڻ خطاب ڪيو جڏهن ته جشن لطيف ۾ ننڍڙين نينگرين ٽيبلوز پيش ڪيا

ميهڙ: اياز لطيف پليجو ۽ ٻيا جشن لطيف ۾ خطاب ڪندي

گروپ انشورنس اسان جو حق آهي،جيڪو سنڌ حڪومت ڏيڻ لاءِ تيار ناهي:اسماعيل پنهيرو

ڪڪڙ (ن ع)ڪڪڙ ۾ رٽائرڊ سرڪاري ملازمن جو گروپ انشورنس رهيل 10 سيڪڙو ۽ سرڪاري ملازمن جيئان واڌ نه ڪرڻ تي احتجاج، ايندڙ بجيٽ ۾ پينشن ۾ 50 سيڪڙو واڌ ۽ گروپ انشورنس جلد ڏيڻ جو مطالبو ان موقعي تي رٽائرڊ ملازم تنظيم گريڊ تعلقه خيرپور ناٿن شاهه جو جنرل سيڪريٽري محمد اسماعيل پنهيرو محمد رمضان ٻبر علي گوهر پنهور لياقت علي ڳاهو غلام مصطفيٰ ساريو غلام محمد جويو ۽ ٻين چيو آهي ته گروپ انشورنس اسان جو حق آهي جيڪو سنڌ حڪومت اسان کي ڏيڻ لاءِ تيار ناهي جنهن کان اسان کي محروم رکيو ويو آهي،هنن چيو ته ايندڙ بجيٽ ۾ رٽائرڊ سرڪاري ملازمن جي پينشن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 50 سيڪڙو اضافو ميڊيڪل الائونس روائيز ڪري ان ۾ 100 سيڪڙو واڌ ڪئي وڃي ۽ ٻين صوبن جي رٽائرڊ ملازمن واڱر گروپ انشورنس بينولمنٽ فنڊ ۽ اپريل 2022 کان پينشن ۾ 10 سيڪڙو اضافو ڪيو وڃي

غالب ڪيبر پرائمري اسڪول ۾ استاد مقرر نه ٿيڻ خلاف احتجاج

شاگردن ۽ ڳوٺاڻن پاران تعليم کاتي خلاف احتجاج ڪيو ويو

3مهينن کان استادن نه هجڻ سبب اسڪول کي تالو لڳل آهي:عاشق درس

استاد مقرر ڪري معصوم ٻارڙن جو تعليم متاثر ٿيڻ کان بچايو وڃي

اوڏيرولال(ن ع)اوڏيرولال لڳ ڳوٺ غالب ڪيبر جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۾ 3 مهينا گذرڻ باوجود استاد مقرر نه ٿيڻ خلاف شاگردن ۽ ڳوٺاڻن جو تعليم کاتي مٽياري خلاف احتجاج ڪندي عاشق درس عبدالغني درس نظام درس ممتاز درس فرزان ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته گذريل 3 مهينن کان اسڪول ۾ استادن نه هجڻ سبب اسڪول کي تالو لڳل آهي جنهن سبب ڳوٺ جا شاگرد تعليم جي زيور کان محروم بڻيل آهن جنهن سبب ٻارڙن جو مستقبل تباهه ٿي ويو آهي تعليم کاتي جي نااهلي آهي جو هڪ طرف سنڌ اندر بهترين تعليم جي دعوا ڪئي پئي وڃي ته ٻئي طرف اسڪولن ۾ استاد ناهن ڳوٺاڻن الزام لڳايو آهي ته تعليم کاتي مٽياري رشوت جي بازار گرم ڪري ڇڏي آهي ڳچي رقم وٺي ماسترن کي من پسند جائين تي مقرر ڪيو ويو پيو وڃي جنهن جو فوري طور نوٽيس ورتو وڃي ۽ اسان جي ڳوٺ جي اسڪول ۾ جلد استاد مقرر ڪري معصوم ٻارڙن جو تعليم متاثر ٿيڻ کان بچايو وڃي

اڏيرولال: اسڪول ۾ استاد مقرر نه ٿيڻ خلاف شاگرد احتجاج ڪري رهيا آهن

چلگري ٿاڻي جي حد مان نامعلوم پيرسن شخص جو لاش هٿ

مسورگڙي(ن ع)چلگري پوليس کي ڪنڊو سعيد خان اسٽاپ وٽ لڳ ڀڳ 55 ورهين جي نامعلوم پيرسن شخص جو لاش هٿ آيو آهي،جنهن بابت علائقي ۾ چوٻول آهن ته رات دير سان سيال برادري جي گهرن ۾ داخل ٿيڻ تان تشدد ڪرڻ دوران فوت ٿيو آهي هوڏانهن رابطو ڪرڻ تي ايس ايڇ او چلگري نثار هاليپوٽو ٻڌايو ته هن شخص جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي علائقي واسين موجب هن شخص جو ذهني توازن درست نه هيو ڪافي ڏينهن کان ڪنڊوسعيد خان واري علائقي ۾ گهمندو هيو هن چيو ته فوتي شخص جي جسم تي ڪوبه ڏک جو نشان ناهي اسان پوسٽ مارٽم لاءِ لاش سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو آهي رپورٽ اچي ته پوءِ ٻڌائي سگهجي ٿو چلگري پوليس فوتي پيرسن جو لاش پوسٽ مارٽم بعد سول اسپتال حيدرآباد جي سرد خاني منتقل ڪيو ويو جڏهن آخري اطلاعن تائين ڪو به ڪيس داخل ناهي ٿي سگهيو

مسورگڙي: چلگري ٿاڻي جي حد مان هٿ آيل نامعلوم پيرسن جو لاش

مٽياري ۾ چورين ۽ ڦرن وارداتون روز جو معمول بڻجي ويون

وڌندڙ ڏوهن سبب شهري پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪرڻ لڳا

جنيد ميمڻ جي گهر ٻاهران بيٺل موٽر سائيڪل چور چوري ڪري فرار

مٽياري (ڊ ر)مٽياري شهر ۾ بدامني عروج تي پهچي وئي آهي جتي چوريون ۽ ڦرن وارداتون روز جو معمول بڻجي ويون آهن وڌندڙ ڏوهن سبب شهري پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪرڻ لڳا آهن ڊي سي آفيس مٽياري ۾ مقرر اڪائونٽنٽ جنيد ميمڻ جي گهر ٻاهران بيٺل موٽر سائيڪل نامعلوم چور چوري ڪري فرار ٿي ويا، جڏهن ته ساڳي گهٽي مان ٽائون ڪميٽي مٽياري جي وائيس چيئرمين حاجي پرويز ميمڻ جي پاڻيتي افنان ميمڻ جي موٽر سائيڪل پڻ چوري ٿي وئي جنهن سبب علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو ان کان علاوه ٻائي پاس روڊ تي مهراڻ تي وي آفيس هيٺان هٿيار بند ڦورن ناراڻ ٻاگڙي کان موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦر ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا، جڏهن ته واقعي وقت ويجهو پوليس موجود نه هجڻ تي شهرين سوال اٿاريا آهن واقعات جي اطلاع لاڳاپيل ٿاڻي کي ڏني وئي آهي، پر آخري اطلاع تائين نه چور گرفتار ٿي سگهيا ۽ نه ڦرن ۾ ملوث جوابدارن جو پتو پئجي سگهيو آهي.شهرين سماجي حلقن ۽ واپاري برادري طرفان ضلعي انتظاميا ۽ پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته رات جي گشت ۾ واڌ ڪئي وڃي، سي سي ٽي وي ڪيمرائن کي فعال بڻايو وڃي ۽ ڌوهارين خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪري مٽياري شهر ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻايو وڃي

هڪ واقعي کي بنياد بڻائي نيب سکر تي من گهڙت الزام لڳايا پيا وڃن:پڙدرائي

سکر(بيورو رپورٽ)نيشنل اڪائونٽيبلٽي بيورو (نيب) سکر پاران جاري ڪيل پڙدرائي ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته گذريل ڪجهه ڏينهن کان سوشل ميڊيا تي هڪ پوليس اهلڪار تي هڪ ننڍڙي ڇوڪري کي هراسان ڪرڻ بابت الزام گردش ڪري رهيا آهن. جاڻايل پوليس اهلڪار عارضي اٽيچمينٽ تي نيب سکر بلڊنگ جي حفاظت تي مقرر هو جنهن کي بعد ۾ پوليس حوالي ڪيو ويو هو. تنهن هوندي به هن واقعي کي بنياد بڻائي نيب سکر تي بي بنياد ۽ من گهڙت الزام لڳايا پيا وڃن. جن جي سخت لفظن ۾ ترديد ڪئي وڃي ٿي. نيب سکر جو هن واقعي ۾ ملوث فرد جي ڪردار سان ڪو به تعلق ناهي. نيب سکر هر معاملي ۾ قانون موجب ۽ مڪمل شفافيت سان ڪارروائي ڪرڻ تي يقين رکي ٿو.عوام ۽ سوشل ميڊيا استعمال ڪندڙن کي گذارش آهي ته نيب سکر سان لاڳاپيل غير تصديق ٿيل ۽ گمراهه ڪندڙ ڄاڻ شيئر ڪرڻ کان پاسو ڪن. شرپسند عنصرن ۽ منفي پروپيگنڊا ڪندڙن خلاف قانون موجب بروقت ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي

سکر: شهر جي صفائي سٿرائي جو معائنو ڪيو پيو وڃي

سکر ۾ آر او واپڊا آفيس مان چوري ٿيل مهراڻ ڪار ڪجهه ڪلاڪن اندر برآمد

سکر(بيورو رپورٽ)سکر پوليس جي اهم ۽ ڪامياب ڪارروائي سي سيڪشن پوليس جي حدن ۾ آر او واپڊا آفيس مان چوري ٿيل مهراڻ ڪار ڪجهه ڪلاڪن اندر برآمد، مسروقه ڪار اصلي مالڪ کي حوالو ڪئي وئي.ترجمان سکر پوليس موجب گذريل ڏينهن سي سيڪشن پوليس ٿاڻي جي حد آر او واپڊا آفيس مان شهري مشتاق حسين قريشي جي مهراڻ ڪار نمبر BQX-188 نامعلوم جوابدار چوري ڪري فرار ٿي ويا هئا.ايس ايس پي سکر اظهر خان واقعي جو فوري نوٽيس وٺندي پوليس کي مسروقه ڪار برآمد ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا.ان کان پوءِ فوري طور فرياد ڏيندڙ جي شڪايت سي سيڪشن ٿاڻي ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي ۽ پوليس ڪار جي ڳولا لاءِ ڪارروائي شروع ڪئي.

سنڌ ۾ زرعي هائبرڊ ٻج جي وڪري ۾ تيزي اچڻ بعد ديسي ٻج ناياب بڻجي ويو

رجسٽريشن جي آڙ هيٺ مرچ توڙي پاچين جا غيرمعياري هائبرڊ ٻج سرعام وڪرو ٿيڻ سبب زراعت مڪمل طور تباهه ٿي وئي

مختلف ڪمپنيز جا نمائيندا ابوجهه آبادگارن کي وڌيڪ ايوريج جون لالچون ڏيئي ميدان تي لهي پيا،آبادگار ٺڳڻ جو شڪار

اڪثر علائقن ۾ مرچ توڙي پاچين جا هائبرڊ ٻج وڪرو ڪرڻ لاءِ ڪمپني جي نمائيندن شهرن ۾ سيمينار پروگرام منعقد ڪيا

ڪمپني مالڪ ڪک پتي مان لک پتي بڻيل،اصل ديسي ٻج ناياب ٿي ويو،آبادگار توڙي هاري لکين رپين جا قرضي بڻجي ويا

نفيس نگر(رپورٽ:اميرحسن گشڪوري) سنڌ ۾ زرعي هائبرڊ ٻج وڪري ۾ تيزي اچڻ بعد ديسي ٻج ناياب بڻجي ويو زراعت تباهي جو شڪار آبادگار رلي ويا.سنڌ جي مختلف ننڍن وڏن شهرن ٽنڊو ڪوٽ جهڏو ٽالهي نبي سر روڊ سلور سوري نفيس نگر ڪنري ڏگهوڙي ڪلوئي ميرپورخاص عمرڪوٽ ٽنڊو جان محمد سميت ڪيترن علائقن ۾ ڪنهن جي پوکائي وارو عمل شروع ٿيڻ شرط ئي مرچ توڙي پاچين جا غير معياري زرعي هائبرڊ ٻج جو وڪرو تيزي سان شروع ٿي ويو آهي ان حوالي ذريعن کان مليل ڄاڻ مطابق مختلف ڪمپنيز جا ايف اوز ايريا مئنيجر بزنس مئنيجر ۽ ٻيا نمائيندا هائبرڊ ٻج وڪرو ڪرڻ لاءِ ابوجهه آبادگارن کي وڌيڪ ايوريج جون لالچون ڏيئي ميدان تي لهي پيا آهن هر هڪ ڪمپني پاران پڙين جا الڳ الڳ ريٽ مقرر ڪري ڇڏيا اڪثر علائقن ۾ مرچ توڙي پاچين جا هائبرڊ ٻج وڪرو ڪرڻ لاءِ ڪمپني جي نمائيندن شهرن ۾ شادي هال بڪنگ ڪرائي سيمينار پروگرام منعقد ڪري ڇڏيا سنڌ ۾ تيزي سان لائيسنس جي آڙ هيٺ غيرمعياري مرچ توڙي پاچين جا ٻج وڪرو ٿيڻ سبب زراعت تباهي جو شڪار ٿي وئي ٻئي طرف سنڌ جي جاڻايل علائقن ۾ هائبرڊ ٻجن جي وڪري تيزي اچڻ بعد سنڌ ۾ پوکيو ويندڙ اصل ديسي ٻج ناياب ٿي ويو آهي آبادگار توڙي هاري لکين رپين جا قرضي بڻجي ويا ۽ ڪمپني مالڪ ڏينهون ڏينهن ڪک پتي مان لک پتي بڻيل

اصل ديسي ٻج معتارف ڪرائي تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي:آبادگار

هائبرڊ ڪمپنين جا فوري طور تي لائيسنس ختم ڪيا وڃن

غيرمعياري ٻج مارڪيٽ ۾ وڪرو ٿئي ٿو،ايوريج نٿو ملي

اصل ديسي ٻج جا نمائشي پروگرام جوڙي تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي

نفيس نگر:هائبرڊ ڪمپنين جا لائيسنس رد ڪري اصل ديسي ٻج معتارف ڪرائي تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي آبادگار هزارين رپيا خرچ ڪري ڪيڙي ڪرايون ٿا ۽ ٻيو هزارين رپيا ڏيئي هائبرڊ ٻج خريد ڪري پوکيون ٿا مگر گهربل ايوريج نٿو ملي غيرمعياري ٻج پڙين ۾ پيڪنگ ڪري مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪيو وڃي ٿو جنهن سبب ٻوٽا ماڻ به نٽا ڪٽن ۽ مرض به وڌي ٿو آبادگارن جون عبرت سان ڳالهيون سنڌ جي مختلف شهرن ۾ غير معياري مرچ توڙي پاچين جا هائبرڊ ٻج وڪرو ٿيڻ جي حوالي سان آبادگارن رئيس مرتضيٰ گشڪوري ڪيمچند ڀيل قمبر علي نواز ٽنگوي ۽ ٻين آبادگارن عبرت سان ڳالهائيندي چيو ته هائبرڊ ڪمپنين جا فوري طور تي لائيسنس ختم ڪري سنڌ جا اصل ديسي ٻج معتارف ڪرائي زراعت کي تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي هنن چيو ته اسان پوکائي کان اڳواٽ ئي هزارين رپيا ڪيڙين جا خرچ ڪيون ٿا معان وري هزارين رپيا ڏيئي هائبرڊ ٻج خريد ڪري پوکيون ٿا مگر فصل لهڻ مهل گهربل ايوريج نٿو ملي غيرمعياري ٻج پڙين ۾ پيڪ ڪري مارڪيٽ ۾ وڪرو ٿئي ٿو جنهن سبب ٻوٽا ماڻ به نٽا ڪٽن ۽ مرض به جام ٿئي ٿو هنن وفاقي توڙي سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته هائبرڊ ڪمپنين جا فوري طور لائيسنس رد ڪري اصل ديسي ٻج جا نمائشي پروگرام جوڙي تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي

سنڌ جي سيڊ اداري پاران اثرائتي ڪارروائي نه ڪرڻ سبب زراعت تباهي جو شڪار

نفيس نگر:مختلف ڪمپني نمائيندن پاران خالي پڙين ۾ غيرمعياري ٻج پيڪنگ ڪري وڪرو ڪرڻ جا اطلاع سنڌ جي فيڊرل سيڊ اداري پاران اثرائتي ڪارروائي نه ڪرڻ سبب هائبرڊ ڪمپنين ۾ ڪم ڪندڙن اڪثر نمائيندن خالي پڙين ۾ غيرمعياري ٻج پيڪنگ ڪري وڪرو ڪرڻ جا اطلاع مليا آهن جنهن سبب زراعت ڏينهون ڏينهن تباهي جو شڪار ٿي رهي آهي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ڀلوار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزاني عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقاعده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

خميس 12 فيبروري 2026ع

سون مهانگي ٿيڻ جا عام ماڻهوءَ تي اثر!

ملڪي معيشت ۾ سون جي قيمت ۾ واڌاري جا اثر هميشه عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ تي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. پر هاڻي صورتحال خاص ڪري غريب طبقي لاءِ تمام ڏکي ٿي وئي آهي. تازن ڏينهن ۾ بين الاقوامي مارڪيٽ ۾ سون جي قيمت هڪ ڀيرو ٻيهر وڌي وئي آهي. جنهن سبب سون عوام جي پهچ کان وڌيڪ پري ٿي ويو آهي. بين الاقوامي بلين مارڪيٽ ۾ سون جي قيمت في اونس 5 هزار 58 ڊالر تائين پهچي وئي آهي. جيڪا گذريل ڏينهن کان 23 ڊالر وڌيڪ آهي. هن واڌاري جو رجحان مقامي صرافه بازارن تي پڻ اثرانداز ٿيو آهي. جتي 24 قيراط واري سون جي قيمت في تولو 5 لک 28 هزار 562 روپين تائين پهچي وئي. جڏهن ته في 10 گرام سون جي قيمت 4 لک 53 هزار 156 روپين تي پهچي وئي آهي. اهو اضافو صرف عددي انگ نه آهي. بلڪ عام ماڻهن جي روزمره جي زندگيءَ تي وڏو اثر ڇڏيندو آهي. پاڪستان ۾ سون خريد ڪرڻ نه صرف سرمائيداري جي علامت سمجهيو ويندو آهي. بلڪ اهو رواجي شادي، ڏاج ۽ خاص رسمن ۾ پڻ استعمال ٿئي ٿو. خاص طور تي غريب خاندانن لاءِ سون هڪ اهڙي شيءِ آهي. جيڪا نياڻين جي ڏاج ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿي. پر سون جي قيمت ۾ واڌاري سبب هاڻي اهي خاندان اهو ٿورو گهڻو سون جيڪو اڳ حاصل ڪري سگهيا ٿي، تنهن کان هاڻي قاصر آهن. اهو هڪ انتهائي نازڪ سماجي مسئلو بڻجي چڪو آهي. ملڪ ۾ غربت ۽ بي روزگاريءَ جا انگ اکر اڳ ۾ ئي بلند آهن ۽ سون جي مهانگي ٿيڻ سان غريب طبقي جي معاشي دٻاءُ ۾ اضافو ٿيو آهي. موجوده واري صورتحال ۾، معاشي استحڪام جا انتظام ۽ معيشت ۾ متوازن پاليسيون لازمي بڻجي وڃن ٿيون. جيتوڻيڪ سون جي قيمت ۾ واڌ جو تعلق بين الاقوامي مارڪيٽ سان آهي، جتي عالمي طلب ۽ سپلاءِ، ڊالر جي تبديلي ۽ عالمي سياسي ۽ معاشي صورتحال سون جي قيمت کي متاثر ڪن ٿا. پاڪستان ۾ ان جي اثر کي گهٽائڻ لاءِ حڪومت کي صرافه بازارن ۾ ضابطي ۽ عوام لاءِ سرڪاري مدد فراهم ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن غريب طبقي کي اهڙين اهم رسمن ۾ پريشاني نه ٿيڻ ڏي.

اهو پڻ ياد رکڻ ضروري آهي ته سون صرف دولت جو ذريعو ناهي، بلڪ ثقافتي ۽ سماجي طور تي به اهم آهي. سنڌ ۽ ٻين صوبن ۾ نياڻين جي ڏاج ۾ سون ڏيڻ هڪ روايت آهي. جيڪا صديون پراڻي آهي. پر هاڻي جڏهن اهو رواجي تحفو به عام ماڻهن جي پهچ کان ٻاهر ٿي وڃي ٿو ته ان جو اثر خاندانن جي سماجي زندگيءَ تي پڻ پوي ٿو غريب خاندانن کي پنهنجين روايتي رسمن کي نڀائڻ ۾ مشڪلات پيش اچي رهي آهي ۽ اهو هڪ اهڙو مسئلو آهي. جنهن کي صرف اقتصادي نه بلڪ سماجي نقطه نظر سان پڻ ڏسڻ جي ضرورت آهي. چڱي خبر اها آهي ته اهڙي صورتحال ۾ حڪومت ۽ سماجي تنظيمن طرفان شعوري قدم کنيا وڃن ٿا. مقامي سطح تي صرافه بازارن ۾ قيمتن کي متوازن رکڻ، عوام کي سون جي قيمت بابت آگاهي ڏيڻ ۽ ضرورتمند خاندانن لاءِ سبسڊي يا امدادي پروگرام ترتيب ڏيڻ اهم آهن. ان سان نه صرف غريب نياڻين کي سندن روايتي رسمن ۾ مدد ملندي پر سماج ۾ اقتصادي ۽ ثقافتي استحڪام پڻ برقرار رهندو.

بهرحال، سون جو مهانگو ٿيڻ هڪ عالمي معاشي رجحان جو حصو آهي، پر ان جو اثر مقامي سطح تي سڀ کان وڌيڪ عام ماڻهوءَ تي پوي ٿو. جڏهن سون جي قيمت وڌي وڃي ٿي ته اها رڳو دولت جي علامت نه ٿي رهي، بلڪ غريب طبقن جي روزمره جي زندگي ۽ ثقافتي رواجن تي به اثرانداز ٿئي ٿي. اسان کي گهرجي ته اهڙي صورتحال ۾ شعوري ۽ عملي قدم کنيا وڃن. جيئن معاشي دٻاءُ کي گهٽائي سگهجي ۽ هر خاندان کي پنهنجي رواجي رسمن ۽ ضرورتن کي پورو

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ جي نالي کليل خط

عبدالمجيد مغيري

چيئرمين پيپلز پارٽي جناب بلاول ڀٽو زرداري صاحب! اوهان جنهن پارٽيءَ جا چيئرمين آهيو. اُن پارٽيءَ کي دنيا شهيدن جي پارٽيءَ جي نالي سان سڃاڻي ٿي. دنيا وارا اهو به ڄاڻن ٿا ته شهيدن جي پارٽي، پاڪستان جي وجود جي بقا، ترقي، عوام جي خوشين ۽ خوشحاليءَ جي ضمانت ڏي ٿي. جنهن جو ثبوت تاريخ جو وڏو عظيم ڪارنامو پاڪستان کي مليل ائٽمي سگهه آهي. جنهن جي بدولت اڄ پاڪستان دنيا جي ائٽمي طاقت رکندڙ ملڪن جي پهرين صف ۾ فخر سان نروار بيٺل آهي. وڏيون طاقتون پڻ پاڪستان جي سلامي پيا ڀرين.

چيئرمين صاحب! دنيا وارا اهو به ڄاڻن ٿا ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي تاريخ دردناڪ الميَن سان ڀري پئي آهي. پارٽيءَ جي وجود کي ختم ڪرڻ لاءِ هر دور ۾ ملڪ ۽ عوام دشمن قوتن رستا روڪ ڪئي، وڏا حملا ڪيا، ظلمن جا پهاڙ ڪيرايا، پر هر ڀيري پنهنجي ليڊرن جي اڳواڻيءَ ۾ عوام ۽ نظرياتي جيالا هر دور جي دشمن اڳيان شيهي جي ديوار بڻجي بيهي رهيا ۽ سياسي، اخلاقي ويڙهه وڙهندا رهيا. پنهنجي قائدين ۽ پارٽيءَ سان بي پناهه محبت ڪندڙن جا اِن سفر ۾ پيرَ پٿون، رُوح رتوڇاڻ ٿيندا رهيا، پنهنجن جو پگهر وهيو، رت وهيو، جيالن پنهنجن فراخ سينن مٿان زهر سان پريل سنگينون کپنديون ڏٺيون، رت ريلا ڪندي وهندي ڏٺو، اکيون لڳن مٿان برسات جيئن وسندڙ ڦٽڪن جو درد سٺو، آمرن جابرن جي ڪال ڪوٺڙين ۾ قيدي بڻجي دردناڪ اذيتون برداشت ڪيون. ڦاسيءَ جي ڦندن کي چميون ڏيئي 'جيئي ڀٽو' جا نعرا لڳا تائين پهچائيندي وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندي، خوشيءَ سان پنهنجا سر ساهه صدقي ڪري امر ٿي ويا ۽ قافلو پنهنجي منزل طرف هلندو رهيو ۽ ظلم انسانن طرفان ظلم ڪرڻ جو تسلسل جيئن جو تيئن جاري رهيو. حملن مٿان حملا ٿيندا رهيا، انهيءَ ئي تاريخي جدوجهد جي سفر ۾ وڏا قهر ٿيا، عظيم رهنما رهبر بنا ڪنهن ڏوهه جي شهيد ڪيا ويا. قائدِ عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو، ڪامريڊ شهيد شاهنواز ڀٽو، شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو، شهيد جمهوريت امڙ نصرت ڀٽو، ڀٽو خاندان شهيد ٿي ويا "سوڀون سِر گهرن" قائدين حقيقي جمهوريت لاءِ پنهنجا سر ساهه صدقي ڪري سوڀون ماڻيون سنڌ ۾ ڀٽو خاندان ۽ عقيدتمندن جُون شهادتون تاريخ جو وڏو الميو آهي اڄ به پنهنجي شهيد رهنمائن لاءِ ڪروڙين اکيون آليون، روح اداس آهن!!

جناب چيئرمين! فاتح ٿيڻ لاءِ لوڀ ۽ لالچ کان پري رهندڙ ۽ شهيد قائدين سان محبت ڪندڙ دلير جيالن ۽ اڳواڻن جي ساٿ جي ضرورت آهي نظرياتي جيالن جو شهيدن جي قافلي جي پهرين صف ۾ هجڻ ضروري آهي اهي نظرياتي جيالا هئا، جن پنهنجي شهيدن سان وفائن جا ڀرم رکي ڦاسي گهاٽ ڏانهن ويندڙ رستن مٿان رقص عشق ۾ مُحوِ ٿي ڦاسي گهاٽ تي پهچي 'جيئي ڀٽو' جا نعرا هڻندي ڦاسيءَ جي ڦندن کي چميون ڏيئي شهادتون ماڻيون وفا ۽ عشق جي راند هئي، سُولي ۽ شهادت جي راند هئي! هر دور ۾ اها راند کيڏيا، اڳتي وڌي جيئن جو تيئن سفر جاري رکي منزل طرف وڌندا رهيا.

محترم چيئرمين صاحب! اڃان پنڌ پرانهون منزل ڏور آهي، اڳيان رڻ پٽ ۽ مخالفن جا لشڪر بيٺا آهن مستقبل جي سياسي حلقن کان اوهان پوريءَ ريت واقف آهيو. اوهان جي سياسي بصيرت، اعليٰ صلاحيتن کي دنيا مڃي ٿي، پنهنجي قوم کي اوهان تي ناز آهي. سنڌ حڪومت ڪافي بهتر ڪم ڪرڻ جي باوجود به سنڌ ۾ جنم وٺندڙ انتهائي پريشان ڪندڙ غير يقينيءَ وارين حالتن جو شهيدن جي پارٽيءَ مٿان ڏاڍو خراب اثر پئجي رهيو آهي ڪجهه اڳواڻن جي ناڪاري عملن، ناقص ڪارڪردگيءَ سبب عوامي بيزاري وڌندي پئي وڃي، تسلي بخش امن ناهي. بدامني گهٽجڻ بدران وڌندي پئي وڃي، ماڻهو پاڻ کي محفوظ نٿا سمجهن. بااثر طاقتور فردن پاران ڪمزور ۽ بي پهچ غريب ماڻهن سان ٿيندڙ ظلمن جا داستان ڪچهرين جو موضوع بڻجي رهيا آهن. جنم وٺندڙ اهڙين حالتن شهيدن جي عوامي پارٽيءَ لاءِ سٺو سنوڻ ناهي، جو ته طاقت جو سرچشمو عوام ۽ نوجوان هوندا آهن عوام ۽ نوجوان ڪلهجي اُٿندا آهن ته شهنشاهتون اک ڇنڀ ۾ ڊهي مٽيءَ جو ڍير ٿي وينديون آهن انقلابن جا سوڀارا بااثر فرد، سرمائيدار ۽ سرڪاري ڪامورا نه هوندا آهن پر عوام ۽ نوجوان هوندا آهن. هن وقت سنڌ ۾ اڪثريتي عوام ۽ نوجوان مايوسين، محرومين جو شڪار آهي. ان جو اهم سبب تعليمي مسئلا آهن ۽ خاص ڪري لکيل پڙهيل نوجوانن کي اهليت جي بنياد تي نوڪريون نه ملڻ وڌندڙ بيروزگاري آهي. نوجوان سخت احساسِ محروميءَ جو شڪار آهن نوڪريون هڪ ته سفارش ۽ ٻيو بااثر فردن، وڏو گريڊ رکندڙ ڪامورن جي اولاد کي لکين روپيا رشوت ڏيڻ جي عيوض ڏنيون پيون وڃن. سنڌ ۾ اهليت جو جنازو نڪري چڪو آهي. اهليت رکندڙ لکين ذهين اعليٰ تعليم يافته نوجوانن جو ڇا ٿيندو؟ سنڌ جو هاري، پورهيت، ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ مزدور ۽ هيٺين طبقي سان واسطو رکندڙ گهٽ پگهار کڻندڙ سرڪاري ۽ نجي ادارن ۾ ڪم ڪندڙ ملازم جيڪي انتهائي مفلسيءَ واري زندگي گذارين پيا. پاڻ پيٽ سان پٿر ٻڌي بکون ڪاٽي به پنهنجي اولاد جي روشن مستقبل ڪاڻ اولاد کي پڙهائين پيا. انهن سان ۽ سنڌ غريب اولاد سان اهڙيون ناانصافيون ڇو؟ هڪ هاري، پورهيت، مزدور، پرائمريءَ کان يونيورسٽيءَ تائين پنهنجي اولاد کي تعليم ڏيارڻ لاءِ ڪيڏيون نه مشڪل حالتن کي منهن ڏئي ٿو اعليٰ تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ انتهائي ذهين ۽ اهليت رکندڙ سنڌي اولاد کان اهليت جو حق کسي حڪومتي اهلڪار لکين روپين ۾ نوڪريون

غزه جي رت ۾ ٻڏل ڌرتي..!

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

غزه بورڊ آف پيس جي پهرئين اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻ واري فيصلي سان پاڪستان عالمي سفارتڪاري جي ڌيان جو مرڪز بڻجي ويو آهي. عالمي ميڊيا رپورٽن موجب آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي اڳواڻيءَ ۾ قائم هن بورڊ جي امڪاني اجلاس ۾ وچ اوڀر خاص طور تي غزه جي مسئلي بابت ڪا اهم اڳڀرائي ٿيڻ جا امڪان ظاهر ڪيا پيا وڃن. عالمي تجزيه نگارن جو چوڻ آهي ته ايندڙ ڪجهه مهينن اندر فلسطين واري تڪرار بابت ڪو اهڙو غير متوقع حل سامهون اچي سگهي ٿو جيڪو نه رڳو علائقي جي صورتحال تبديل ڪندو پر دنيا جي وڏين طاقتن وچ ۾ نون اتحادن ۽ نئين سياسي ترتيب جو به سبب بڻجي سگهي ٿو. گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قرارداد نمبر 2803 جي منظوري ڪانپوءِ ڊونلڊ ٽرمپ پاران قائم ڪيل 'بورڊ آف پيس' کي غزه امن منصوبي جي مختلف مرحلن جي نگراني ڪرڻ لاءِ عارضي ذميواري سان گڏ عالمي حمايت به حاصل ٿي وئي آهي. يعني هاڻي هي بورڊ غزه ۾ امن واري رٿا تي عمل ڪرائڻ ۽ ان جي اڳڀرائي ڏسڻ جو ڪم سنڀاليندو. بورڊ جي چارٽر موجب ٽرمپ کي اُن اعلائيل مدي لاءِ تاحيات چيئرمين رکيو ويو آهي ۽ کيس اهو خاص اختيار به ڏنو ويو آهي ته هو ٻين ملڪن کي شموليت جي دعوت ڏئي سگهي. هن وقت تائين لڳ ڀڳ سٺ ملڪن کي شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني وئي آهي، جڏهن ته سرڪاري اعلان مطابق پاڪستان کي هن بورڊ جو باني ميمبر قرار ڏنو ويو آهي. ان کان علاوه، هن قرارداد تحت بورڊ آف پيس کي فلسطيني علائقن ۾ عارضي امن فوج مقرر ڪرڻ جي به اجازت ملي وئي آهي ته جيئن علائقي ۾ امن امان کي يقيني بڻائي سگهجي. بورڊ آف پيس جي نگرانيءَ هيٺ غزه ۾ امن ۽ امان قائم رکڻ لاءِ ڪجهه اهم قدم رکيا ويا آهن؛ فلسطين ۾ نيشنل ڪاميٽي براءِ انتظام 'غزه' قائم ڪرڻ، هڪ بين الاقوامي استحڪام فوج جي تعيناتي ۽ جنگ سبب تباهه ٿيل علائقن جي ٻيهر تعمير لاءِ ورلڊ بئنڪ جي مدد سان هڪ ٽرسٽ فنڊ جو قيام. منصوبي موجب جڏهن بين الاقوامي امن فوجون مقرر ٿي وينديون، تڏهن اسرائيلي فوج کي غزه جي گهڻن علائقن مان نڪرڻو پوندو ان سان گڏ بورڊ آف پيس کي مقامي فلسطيني پوليس جي تربيت ۽ مدد ڪرڻ جو به اختيار حاصل آهي. هيٺئر تائين جي ڄاڻ موجب، ٽرمپ جي دعوت تي پاڪستان سان گڏ ارجنٽينا، بحرين، مصر، هنگري، انڊونيشيا، اردن، قطر، سعودي عرب، ترڪي، گڏيل عرب امارات، ازبڪستان ۽ ويٽنام به بورڊ جو حصو بڻجي چڪا آهن. جڏهن ته وڏن ملڪن جهڙوڪ فرانس، جرمني، روس، چين ۽ برطانيا کي شامل نه ڪيو ويو آهي. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته ورلڊ اڪنامڪ فورم دوران ڪينيڊا جي وزيراعظم مارڪ ڪارني جي تنقيدي تقرير کانپوءِ ٽرمپ ڪينيڊا کي ڏنل شموليت واري دعوت واپس وٺي ڇڏي.

تاريخي طور پاڪستان پنهنجي قيام کان اڳ فلسطين جي مظلوم عوام سان همدردي ظاهر ڪندو رهيو آهي. قائداعظم جي قيادت هيٺ 23 مارچ 1940ع جي جلسي ۾ فلسطينين جي حمايت ۾ قرارداد منظور ڪئي وئي هئي. آزادي کانپوءِ پاڪستان فلسطين واري مسئلي تي هميشه واضح ۽ اصولي موقف اختيار ڪيو آهي ته گڏيل قومن جي قرارداد مطابق ٻه رياستي حل (Two-State Solution) کي يقيني بڻايو وڃي. پاڪستان هميشه 1967ع واري سرحدن مطابق هڪ آزاد فلسطيني رياست جي حمايت ڪندو رهيو آهي. پاڪستان نه رڳو گڏيل قومن ۽ اسلامي تعاون تنظيم (او آءِ سي) جي اجلاس ۾ فلسطينين جي حقِ خوداراديت جي مسلسل حمايت ڪئي آهي پر عرب_اسرائيل جنگن دوران عملي طور مظلومن جي ساٿ ۾ به بيٺو آهي. پاڪستان لاءِ فلسطين جو مسئلو صرف زمين يا سياست جو معاملو ناهي، پر اهو عوامي جذبات، نظرياتي وابستگي ۽ انساني همدردي سان پڻ ڳنڍيل آهي. اهڙي پس منظر ۾ ڪنهن به نئين امن منصوبي ۾ شامل ٿيڻ هڪ حساس فيصلو آهي. پر منهنجي نظر ۾، بورڊ آف پيس ۾ پاڪستان جو اهم ڪردار ادا ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي. جيڪڏهن اهڙي نازڪ موقعي تي پاڪستان هٻڪ ڏيکاري ٿو ته ان جا منفي اثر ملڪ جي عالمي حيثيت تي پئجي سگهن ٿا. پر جيڪڏهن پاڪستان فلسطينين سان پنهنجي دوستي برقرار رکندي عملي قدم کڻي ٿو ته هو عالمي سطح تي هڪ ذميوار ۽ اهم ملڪ طور سامهون اچي سگهي ٿو ۽ جنگ کان متاثر غزه جي ٻيهر تعمير ۾ به اثرائتو حصو وٺي سگهي ٿو. ماضيءَ ۾ پاڪستان گڏيل قومن جي مختلف امن مشنن ۾ نمايان خدمتون انجام ڏئي چڪو آهي ۽ جتي به پاڪستاني امن دستا ويا آهن، اتي جي ماڻهن جو دل کٽي آيا آهن. هاڻي جيڪڏهن پاڪستان کي غزه ۾ بين الاقوامي استحڪام فورس ۾ شامل ٿيڻ جو موقعو ملي ٿو ته هو هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي پيشيوراڻه عسڪري صلاحيت، تنظيم ۽ انساني خدمت جو لوهو مڃرائي سگهي ٿو.

آئون سمجهان ٿو ته موجوده وچ اوڀر جي صورتحال اُن ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿي ته آمريڪي صدر هاڻي صرف عارضي جنگبندي تائين محدود نٿو رهڻ چاهي، پر ڊگهي مدي واري استحڪام ۽ امن طرف اڳتي وڌڻ جو ارادو رکي ٿو. ڊونلڊ ٽرمپ بابت عالمي سياست ۾ مختلف رايا موجود آهن، پر اها حقيقت نظرانداز نه ٿي ڪري سگهجي ته هن وچ اوڀر ۾ سالن کان هلندڙ سفارتي جمود کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس دورِ حڪومت ۾ 'ابراهيم معاهدي' ذريعي عرب ملڪن ۽ اسرائيل وچ ۾ سفارتي لاڳاپا قائم ٿيا. هاڻي بورڊ آف پيس ذريعي غزه ۾ عارضي امن ۽ ٻيهر تعمير جو منصوبو پيش ڪرڻ مان ظاهر ٿئي ٿو ته ٽرمپ فلسطين جي تڪرار کي صرف فوجي رُخ کان نه، پر انتظامي ۽ معاشي استحڪام جي نظر سان به ڏسي رهيو آهي. منهنجي خيال ۾ عالمي سياست ۾ اصل قيادت اها هوندي آهي جيڪا پيچيده تڪرارن ۾ به اڳتي وڌڻ جي همت رکي. هن وقت ٽرمپ جي اڳواڻي ۾ بورڊ آف پيس هڪ جرئت ڀريو سفارتي قدم طور ظاهر ٿيو آهي، جنهن جا اثر صرف غزه تائين محدود نه رهندا، پر عالمي امن تي به ڊگهي مُدي وارا اثر ڇڏيندا. پاڪستان هميشه ٻن رياستن واري حل جي حمايت ڪندو رهيو آهي ۽ هڪ آزاد فلسطيني رياست جي قيام کي لازمي سمجهي ٿو. منهنجي خيال ۾ اڄ هر قدم سوچ ويچار سان کڻڻ ضروري آهي ۽ پاڪستان کي اهڙو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي جيڪو فلسطينين جي اعتماد کي ڪنهن به صورت متاثر نه ڪري. جيڪي ماڻهو پاڪستان جي هن منصوبي ۾ شموليت تي تنقيد ڪري رهيا آهن، آئون انهن کي اِهو ئي چوڻ چاهيان ٿو ته پاڪستان جي ميدان ۾ موجودگي ئي مثبت ڪردار کي يقيني بڻائي سگهي ٿي. جيڪڏهن اسان پاڻ کي پري رکنداسين ته پيدا ٿيندڙ خالي جاءِ شايد اهڙي قوتون ڀرين، جيڪي فلسطين سان اسان جي جهڙي نظرياتي وابستگي نه رکنديون. هن وقت غزه جي رت ۾ ٻڏل ڌرتي پاڪستان جي بهادر سپوتن جي مدد جو انتظار ڪري رهي آهي، جيڪي ان علائقي کي سالن کان هلندڙ مظالم کان آزاد ڪرائي سگهن ٿا.

بدعنوانيءَ جي حوالي سان مُلڪي ساک ۾ هڪ درجو بهتري!

ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاران جاري ڪيل ڪرپشن پرسيپشن انڊيڪس 2025 (CPI) ۾ پاڪستان جي بدعنوانيءَ جي صورتحال ۾ ٿوري بهتريءَ جو اشارو مليو آهي. گذريل سال جي مقابلي ۾ پاڪستان جو مجموعي اسڪور هڪ درجو بهتر ٿي 28 تائين پهچي ويو آهي، جنهن سان ملڪ 136 هين پوزيشن حاصل ڪري ورتي آهي. رپورٽ موجب گذريل ڇهن سالن دوران پاڪستان ۾ سڀني حڪمرانيءَ ادارن ۽ سڌارن ۽ بدعنوانيءَ جي خاتمي لاءِ ڪيل مستقل قدمن سبب مجموعي اسڪور ۾ مسلسل بهتريءَ جو رجحان برقرار آهي. ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل رپورٽ ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته پاڪستان ۾ نه صرف پبلڪ سيڪٽر ۽ انتظامي شعبن ۾، پر قانون ساز ادارن ۽ عدليه ۾ پڻ بدعنوانيءَ ۾ نمايان گهٽتائي آئي آهي. خاص طور تي انتظامي بدعنوانيءَ ۽ عدالتي ڪرپشن ۾ انگن اکرن مطابق پنج پوائنٽن تائين بهتري نوٽ ڪئي وئي آهي. 2025 ۾ عالمي سطح تي 182 ملڪن جو جائزو ورتو ويو، جڏهن ته 2024 ۾ 180 ملڪن جو سروي ڪيو ويو هو. 2021 کان 2025 تائين پاڪستان جي پوزيشن ۾ چار درجا سڌارو آيو. جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته گذريل سالن ۾ بدعنوانيءَ جي خاتمي لاءِ ملڪ ڪيترائي اهم قدم کنيا آهن. ڊسمبر 2025 ۾ ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان پڻ پنهنجي ساليانو رپورٽ جاري ڪئي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته ٽن مان ٻه شهري ڪڏهن به سرڪاري ادارن ۾ بدعنوانيءَ يا بي ضابطگيءَ جو شڪار نه ٿيا. ان کان علاوه، گذريل هفتي ايف پي سي سي آءِ جي سهڪار سان IPSOS پاران جاري ڪيل رپورٽ ۾ چيو ويو ته 67 سيڪڙو پاڪستانين بدعنوانيءَ ۽ 76 سيڪڙو اقربا پروري کي ڪڏهن به منهن نه ڏنو. رپورٽ ۾ دنيا جي 182 ملڪن ۾ بدعنوانيءَ جي تاثر جو جائزو ورتو ويو. ريفارمز رپورٽ موجب گذريل سال پاڪستان جي 135 سرڪاري ادارن ۾ 600 کان وڌيڪ ڪامياب سڌارا عمل ۾ آيا. جيڪي بدعنوانيءَ جي خاتمي لاءِ اهم قدم سمجهيا وڃن ٿا. اهو رجحان ڏيکاري ٿو ته پاڪستان مسلسل اصلاحات، شفافيت ۽ بهتر انتظامي نظام طرف وڌي رهيو آهي. جيڪو نه صرف بين الاقوامي سطح تي ملڪ جي ساک مضبوط ڪندو، پر شهري اعتماد ۽ معاشرتي اعتماد پڻ وڌائيندو.

ايپسٽين اسڪينڊل: موساد جو مبينا ڪردار

اشتياق بيگ

بدنام زمانه جيفري ايپسٽين هاڻي هن دنيا ۾ موجود نه آهي، پر پنهنجي وفات کانپوءِ به هن اهڙو طوفان پيدا ڪيو آهي جيڪو گهٽجڻ جو نالو ئي نٿو وٺي. تازو منظرعام تي آيل 'ايپسٽين فائلز' ۾ لکين دستاويزن ذريعي اهڙا هولناڪ انڪشاف سامهون آيا آهن جن سڄي دنيا ۾ وڏي هلچل مچائي ڇڏي آهي. انهن فائلن ۾ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ، اڳوڻو صدر بل ڪلنٽن، برطانوي شهزادو اينڊريو، اڳوڻو وزيراعظم ٽوني بليئر، مائڪروسافٽ جو باني بل گيٽس، مشهور سائنسدان اسٽيفن هاڪنگ ۽ ڪيترائي ٻيون عالمي شخصيتون شامل آهن جن جا نالا اچڻ سان دنيا ۾ بحث ۽ سوالن جو سلسلو شروع ٿي چڪو آهي اهو سلسلو اڃا به جاري آهي ۽ هر ڏينهن نوان انڪشاف سامهون اچڻ سان عالمي سطح تي اهڙي طوفان جو نقشو تبديل ٿي رهيو آهي جيڪو سياسي، معاشرتي ۽ سماجي منظرنامي تي اثرانداز ٿي رهيو آهي تقريباً 30 لک صفحا، هڪ لک 80 هزار کان وڌيڪ تصويرون ۽ 2 هزار کان وڌيڪ وڊيوز ۾ اهڙا انڪشاف سامهون آيا آهن جن ۾ ڪيترين عالمي شخصيتن جا مڪروهه پهلو ۽ ڳجها ڪردار ظاهر ٿي ويا آهن جيفري ايپسٽين 1953ع ۾ نيويارڪ جي هڪ وچولي طبقي جي گهر ۾ پيدا ٿيو هو وڌيڪ تعليم يافته نه هو پر ماڻهن کي متاثر ڪرڻ ۽ اعتماد حاصل ڪرڻ ۾ پاڻ کي طاقتور حلقن سان ڳنڍيل ڏيکارڻ ۾ غير معمولي مهارت رکندو هو پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز هن هڪ اسڪول ٽيچر طور ڪيو بعد ۾ هڪ سيڙپڪاري فرم قائم ڪئي، جنهن وسيلي پاڻ کي مالي مشير طور پيش ڪندي دنيا جي اميرن ۽ طاقتور ماڻهن تائين رسائي حاصل ڪئي ۽ وڏي دولت ڪمائي ان دولت ۽ اثر رسوخ جي مدد سان هن پنهنجا پرائيويٽ جهاز، پرتعيش yacht ۽ ڪيريبين ۾ واقع جزيرو 'لٽل سينٽ جيمز' خريد ڪيو، جيڪو پوءِ ميڊيا ۾ بدنام زمانه 'ايپسٽين آئيلينڊ' جي نالي سان مشهور ٿيو پر ايپسٽين جي اصل طاقت صرف دولت ۾ نه هئي، پر عالمي سياستدانن، برطانوي شاهي خاندان جي ماڻهن ۽ ارب پتي سيڙپڪارن سان سندس ويجهن لاڳاپن ۾ به هئي، جيڪي هن کي هڪ خطرناڪ ۽ اثرائتي شخصيت بڻائيندا رهيا.

ايپسٽين هڪ ڏهاڪي کان وڌيڪ عرصي تائين ننڍڙين ڇوڪرين سان جنسي استحصال جو هڪ منظم بين الاقوامي نيٽورڪ هلائيندو رهيو هو انهن ڇوڪرين کي پئسن جو لالچ ڏئي پنهنجي جزيري تي آڻيندو هو ۽ دنيا جي طاقتور شخصيتن جي سامهون پيش ڪندو هو. هن خوفناڪ ڪم ۾ سندس ويجهي ساٿي گيسلين ميڪسويل اهم ڪردار ادا ڪندي رهي، جيڪا يهودي ناول نگار رابرٽ ميڪسويل جي ڌيءَ آهي ۽ هن وقت آمريڪي جيل ۾ سزا پوري ڪري رهي آهي. رابرٽ ميڪسويل اسرائيلي خفيه ايجنسي 'موساد' جو سينيئر ايجنٽ هو. جنهن جي جنازي ۾ اسرائيلي وزيراعظم ايهود بارڪ پڻ شرڪت ڪئي. ايپسٽين جا ڀيانڪ جرم 2005ع ۾ ظاهر ٿيا، جڏهن فلوريڊا پوليس کي هڪ 12 سالن جي ڇوڪري جي جنسي استحصال جي شڪايت ملي. هڪ متنازع قانوني معاهدي جي تحت کيس صرف 13 مهينن جي سزا ڏني وئي، پر ان جي باوجود هو پنهنجي ڏوهن کان باز نه آيو ۽ جيل مان آزاد ٿيڻ کانپوءِ سندس ڏوهه وڌي ويا. آخرڪار 2019ع جي شروعات ۾ کيس ننڍڙين ڇوڪرين سان جنسي استحصال جي الزام ۾ ٻيهر گرفتار ڪيو ويو، پر آگسٽ 2019ع ۾ هُو نيويارڪ جي جيل ۾ مئل مليو. جنهن کي اختيارين خودڪشي قرار ڏنو ايپسٽين فائلز جا انڪشاف مغرب جي اخلاقي پستيءَ کي ظاهر ڪن ٿا، جيڪي ٻڌائن ٿا ته انساني حقن جو علم بلند ڪندڙ ڪجهه مغربي ملڪن جا حڪمران ڪيتري حد تائين هيٺاهين ۾ ڦاٿل آهن. افسوس جوڳي ڳالهه اها آهي ته انهن دستاويزن ۾ ڪجهه اهڙيون شخصيتون به سامهون آيون، جن کي اسان پنهنجا هيرو سمجهندا هئاسين. جن ۾ سڀ کان اهم بل گيٽس آهي، جيڪو پاڪستان ۾ پوليو جي خاتمي لاءِ سرگرم عمل رهيو آهي. ايپسٽين فائلز ۾ پاڪستان جو به ذڪر آهي ۽ ايپسٽين پنهنجي هڪ اي ميل ۾ انهيءَ وقت جي وزيراعظم عمران خان کي روسي صدر ولاديمير پيوٽن، ايران جي سپريم ليڊر آيت الله خامنه اي ۽ ترڪي جي صدر طيب اردوان کان وڏو خطرو قرار ڏنو اي ميل ۾ هن عمران خان بابت وڌيڪ لکيو ته 'هن شخص منهنجي ارب پتي يهودي دوست جمي گولڊ اسمٿ جي ڌيءَ سان شادي ڪئي ۽ کيس مذهب تبديل ڪرڻ تي راضي ڪيو'

جيفري ايپسٽين جو عروج جيترو پراسرار هو، ان جو انجام به ايترو ئي عبرتناڪ رهيو. سندس موت سان جنسي استحصال جا اسڪينڊل وڌيڪ پراسرار بڻجي ويا. جيفري ايپسٽين هاڻي دنيا ۾ موجود نه آهي، پر موت کان پوءِ هو اڳ کان وڌيڪ خطرناڪ ظاهر ٿيو آهي ۽ سندس زندگي ۽ نيٽورڪ سان جڙيل جنسي استحصال جي اسڪينڊلن عالمي سياست، معيشت ۽ طاقت جي مرڪزن کي لوڏي ڇڏيو آهي. اسڪينڊل منظرعام تي اچڻ کانپوءِ اها ڳالهه واضح ٿي وئي آهي ته ايپسٽين اهو نيٽورڪ اڪيلو نه هلائيندو هو بلڪ کيس مبينا طور اسرائيلي خفيه ايجنسي 'موساد' جي سرپرستي حاصل هئي. اهڙي صورتحال ۾ جڏهن آمريڪا ايران تي حملو ڪرڻ ۾ هٻڪيل آهي. اسرائيل جي ڪوشش اها آهي ته آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ فوري طور ايران تي حملو ڪري ۽ اسرائيلي منصوبو 'رجيم چينج' ڪامياب بڻائي انهيءَ پس منظر ۾ ڊونلڊ ٽرمپ جا جيفري ايپسٽين سان تعلقات، ڪيترين تصويرن جو اوچتو منظرعام تي اچڻ ۽ ٽرمپ تي شديد تنقيد ۽ دٻاءُ جو سبب بڻجڻ رڳو اتفاق نه آهي پر ان جو تعلق موساد سان آهي. جيڪا 'ايپسٽين آئيلينڊ' تي ننڍڙين ڇوڪرين سان خفيه طور تي رڪارڊ ڪيل مواد کي بليڪ ميلنگ، سفارتي دٻاءُ ۽ پنهنجي ناپاڪ مقصد لاءِ استعمال ڪري سگهي ٿي جنهن سان ظاهر ٿئي ٿو ته مغربي طاقتون ۽ انهن جون خفيه ايجنسيون پنهنجي مقصدن جي حصول لاءِ ڪنهن حد تائين ڪري سگهن ٿيون.

لطيفي لات —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

وَهَ تِڪَ، واهُڙَ تِڪَ، جِت نِينهن، تِڪَ نِرالِي؛
جِن کي عِشقُ عَمِيقَ جو، خِلوَتَ خِيالِي؛
وارِئين سا، والِي! هِنئڙو جِن هَتِ ڪيو.

اڄوڪو ڏينهن - 12 فيبروري

ساز علي ساز شيخ

اڄ سنڌ جي مشهور شاعر ۽ استاد ساز علي ساز جو جنم ڏينهن آهي. هن نالي واري اديب 12 فيبروري 1916ع تي محمد بخش شيخ جي گهر ۾ شڪارپور ۾ اکيون کوليون. گريجوئيٽ ٿيڻ تائين شڪارپور جي مختلف تعليمي ادارن ۾ پڙهيو. ان بعد ڪراچيءَ مان ايل ايل بي جي سند ورتي سنڌ مدرسي ۾ استاد مقرر ٿيو ڪجهه وقت فوج ۾ ميجر جي عهدي تي ڪم ڪيائين. ان بعد ميرپورخاص ۾ وڪالت ڪيائين. هن ڪاليج ۾ پڙهڻ واري زماني کان شاعري شروع ڪئي. شاعريءَ ۾ آغا صوفيءَ کان اصلاح وٺندو هو ۽ بزم مشاعره ۾ شرڪت ڪندو هو شڪارپور جي سي اينڊ ايس ڪاليج مان شايع ٿيندڙ رسالي "اپرسنڌ" جو ايڊيٽر پڻ رهيو. سندس شاعري ۽ مضمون ماهوار رسالي سنڌوءَ ۾ شايع ٿيندا رهندا هئا. هن 7 مئي 1964ع ۾ وفات ڪئي.

مايا موهن ملڪ



اڄ سنڌي ٻوليءَ جي مشهور ليکڪا ۽ گلوڪاره مايا موهن ملڪا جي جنم جو ڏينهن آهي هن جو جنم 12 فيبروري 1937ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو. هن جو والد جيوترام شيامداس ملڪاڻي هڪ پيٽروليم ڪمپنيءَ ۾ آفيسر هو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پنهنجي ڪٽنب سان هندستان لڏي وئي. گهرڀلو جوابداريون سنڀالڻ سان گڏ هن ڪيترائي مضمون، ڪهاڻيون، يوڳ چرچاءِ گهرڀلو ٽوٽڪا مشهور هفتيوار اخبار هندواسيءَ ۾ ڇپرايا هن جي مضمونن جو هڪ ڪتاب "سوچن جا موتي" پڻ شايع ٿي چڪو آهي هوءَ هڪ سٺي راڳيندڙ هئي ۽ اڪثر مندرن ۽ گردوارن تي ڀڄن ۽ مذهبي گيت ڳائيندي هئي. نجي محفلن ۾ پراڻا فلمي گيت به جهونگاريندي هئي هن 7 آگسٽ 2020ع تي هن دنيا مان موڪلايو.

رضوان عمراڻي

اڄ سنڌ جي مشهور چترڪار ۽ آرٽسٽ رضوان عمراڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هن نالي واري مصور 12 فيبروري 1938ع تي لاڙڪاڻي شهر ۾ محمد شفيع عمراڻيءَ جي گهر ۾ اکيون کوليون مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ پائيليٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان 1958ع ۾ ۽ بي اي جو امتحان ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان 1962ع ۾ پاس ڪيائين. اڳتي هلي بي ايڊ جي سند به حاصل ڪيائين هن عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول جي استاد طور ڪئي ۽ 1995ع ۾ رٽائر ٿيو. هن لڳ ڀڳ 4 هزار پينٽنگس ناهيون. جن جي نمائش اسلام آباد، ڪراچي ۽ لاهور سميت ملڪ جي مختلف حصن ۾ ٿي چڪي آهي. هن لاڙڪاڻي ۾ مڊر آرٽس گيلري قائم ڪئي هئي، جيڪا هاڻي بند ٿي وئي آهي.

پروفيسر محمد اسماعيل ڪنڀر

سنڌ جي هن زرعي ماهر، محقق ۽ ڪالم نگار جو جنم 12 فيبروري 1968ع تي بدين جي ننڍڙي شهر پنگريءَ ۾ ٿيو. سندس والد محمد خان ڪنڀر جو ... ڪرڻ کان پوءِ سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿيو جتان 1979ع ۾ بي ايس سي جي سند حاصل ڪيائين. 1992ع ۾ هاءِ اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو پر ڏيڍ سال کان پوءِ استعيفا ڏئي ايم ايس سي ۾ داخلا ورتائين. 1995ع ۾ ايم ايس سي جي سند حاصل ڪري 1996ع ۾ سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. 2015ع ۾ ساڳي يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين. اڄڪلهه يونيورسٽيءَ جي ايڊيوڪيشن ايڪسٽينشن ۾ پروفيسر ۽ چيئرمين طور ڪم ڪري رهيو آهي. پروفيسر ڪنڀر سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب، اخبارن ۽ تحقيقي رسالن ۾ مقالا لکيا آهن اسين سنڌ جي هن معزز انسان کي سندس جنم ڏينهن تي مبارڪاد ڏيون ٿا.

وندانا نرنڪاري



اڄ هندستان جي مشهور سنڌي گلوڪاره وندانا نرنڪاريءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هوءَ گانڌي نگر ڪولهاپور ۾ 12 فيبروريءَ تي ڄائي ۽ جين ڪاليج بلگام مان تعليم حاصل ڪيائين. هن جو ڏاڏو پگهونداس ٽيڪچند نرنڪاري به هڪ سٺو راڳيندڙ هو. جيڪو اصل ۾ لاڙڪاڻي جي ڳوٺ ٿل وڏا جو رهواسي هو. هن جو والد امرت نرنڪاري ۽ ماءُ سنيتا به سُريلي آواز جا مالڪ آهن. سُر ۽ سُنگيت سان واسطو رکندڙ خاندان سان واسطو رکڻ سبب هن به ننڍي هوندي کان ئي ڳائڻ شروع ڪيو. شروع ۾ اسڪول جي تقريبن ۽ مقامي موسيقيءَ جي محفلن ۾ ڳائڻ شروع ڪيائين ۽ پنهنجي سُريلي ۽ مٺڙي آواز سان ٿورڙي ئي عرصي ۾ سڄي هندستان جي سنڌي گهراڻن ۾ سندس آواز سارا هجڻ لڳو. هن وقت سندس شمار هندستان جي ٽاپ ڪلاس سنڌي ڪلاڪارائن ۾ ٿئي ٿو. هوءَ ڀڄن، صوفي ڪلام، هندستاني فلمي گيت ۽ سنڌي لاڏا وغيره پنهنجي سريلي آواز ۾ ڳائيندي رهي آهي هن پراڻن سنڌي ڪلامن کي نئين انداز ۾ ڳائي ڪافي مقبوليت حاصل ڪئي آهي. هوئن ته هن جا ڳايل سمورا گيت مشهور ٿيا آهن پر خاص طور تي "سنڌي اباڻي ٻولي"، "لاڏجي چا ۾ راضي آ" ۽ "سڪ ۾" مقبوليت جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن. هوءَ هندستان کان علاوه دنيا جي ٻين به ڪيترن ئي ملڪن ۾ پنهنجي آواز جو جادو جڳائي چڪي آهي.

عثمان فقير سانگي

اڄ سنڌ جي مشهور صوفي شاعر ۽ بزرگ عثمان فقير جي وفات جو ڏينهن آهي. ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ مطابق عثمان فقير جي ولادت جي تاريخ 16 صفر 1193هه مطابق 24 نومبر 1778ع ۽ وفات جي تاريخ 21 رجب 1277هه مطابق 12 فيبروري 1860ع آهي سندس تعلق لاڙڪاڻي تعلقي جي ڳوٺ جامڙي سانگيءَ سان هو ابتدائي سبق پنهنجي والد خير محمد سانگيءَ وٽ پڙهيو. عربي ۽ فارسيءَ جي چڱي ڄاڻ هئس. هو سنڌي ۽ سرائيڪي ڪافين جو وڏو شاعر هو. سندس شاعريءَ جا ڪجهه ڳٽڪا شڪارپور جي منشي پوڪرداس 1906ع کان 1910ع واري دور ۾ ڇپرايا. ڊاڪٽر نواز علي شوق سندس شاعريءَ جو مجموعو "ڪلام عثمان فقير سانگي" جي نالي سان 2004ع ۾ ڇپرايو.

مختيار اثر

مطابق سنڌي، فارسي، عربي ۽ ديني تعليم خانگي طور حاصل ڪيائين. 1907ع ۾ پوليس کاتي ۾ ڪانسٽيبل مقرر ٿيو پر ٿوري ئي عرصي ۾ انهيءَ نوڪريءَ تان استعيفا ڏنائين. ڪجهه عرصو اسٽامپ وينڊر طور ڪم ڪيائين. 1909ع ۾ سرڪار وٽ گروي ٿيل اباڻي زمين کيس واپس ملي. 1914ع ۾ پهرين عالمگير جنگ ۾ انگريز سرڪار کي هڪ لک رپيا قرض ڏنائين. جنهن ڪري انگريز سرڪار کيس "خانبهادر" ۽ "آرڊر آف برٽش ايمپائر" جا خطاب ڏنا. هن لاڙ جي عوام ۾ تعليمي جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ لاثاني ڪارناما سرانجام ڏنا. 1918ع ۾ ٽنڊي باگي ويجهو سندس جاگير ۾ قائم ڳوٺ نبي بخش رستمانيءَ ۾ هڪ بورڊنگ هائوس تعمير ڪرايائين 1920ع ۾ ٽنڊي باگي ۾ هڪ انگريزي اسڪول قائم ڪيائين. جيڪو اڄ به مير غلام محمد ٽالپر هاءِ اسڪول جي نالي سان موجود آهي هن پري کان ايندڙ شاگردن لاءِ هڪ هاسٽل به تعمير ڪرائي. جتي کين مفت کاڌو ۽ رهائش ڏني ويندي هئي هن ٽنڊي باگي ۾ نياڻين جو اسڪول، ويم گهر ۽ خيراتي اسپتال پڻ ٺهرائي. هو ڪيترن ئي غريب شاگردن کي تعليم پرائڻ لاءِ ماهانه وظيفا به ڏيندو هو ۽ پرڏيه مان اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اسڪالرشپ ڏيندو هو. هن امله انسان 12 فيبروري 1932ع تي لاڏاڻو ڪيو.

امام الدين ضامن

امام الدين ضامن مشهور مزاحيه شاعر هو اڄ سندس ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن ميهڙ ويجهو ديهي ڳوٺ ۾ 16 مارچ 1909ع تي اکيون کوليون. اڃا ڇهن پنجن سالن جو مس هو جو سندس والد وفات ڪئي، ان ڪري فقط پرائمري تعليم حاصل ڪري قلندر شهباز جي مزار تي ملنگ ٿيو ۽ ڪيترائي سال اتي گذاريائين. ان بعد ٽپال کاتي ۾ ملازمت ڪيائين. مرحوم شمس الدين بلبل جي صحبت ۾ رهي شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين. هن 12 فيبروري 1959ع تي وفات ڪئي.

رحيمداد مولائي شيدائي



اڄ سنڌ جي نامور تاريخدان رحيمداد مولائي شيدائيءَ جي وفات جو ڏينهن آهي. سنڌ جي تاريخ جي هن وڏي مورخ جو جنم 1894ع ڌاري شير محمد خان بروهيءَ جي گهر ۾ سکر ۾ ٿيو. ان وقت جي دستور مطابق ابتدائي ديني تعليم سکر جي مدرسن مان حاصل ڪيائين. فارسيءَ جا ڪجهه ڪتاب به پڙهيائين. ان بعد سکر ميونسپل هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ ويٺو اڃا مئٽرڪ ۾ هو جو سندس والد ريلوي کاتي مان رٽائر ٿيو. ان ڪري پڙهائي ڇڏي سن ڪوٽا تي ريلوي ۾ ملازمت اختيار ڪيائين ۽ گارڊ طور 1939ع ۾ رٽائر ٿيو. کيس سنڌ جي تاريخ سان ننڍي هوندي کان ئي عشق هو هن جا ڪيترائي تاريخي مضمون ستاره سنڌ، توحيد، زميندار سميت ٻين اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا. هن روزاني اخبار آزاد ۾ نائب ايڊيٽر ۽ روزاني هلال پاڪستان جي چيف ايڊيٽر طور به ڪم ڪيو. 1950ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ فيلو طور ڪم ڪيائين. هن جي لکيل تاريخي ڪتابن ۾ جنت



هن نامور اديب ۽ سماج سڌارڪ جو جنم 3 جون 1903ع تي ڳوٺ طيب تعلقي رتيديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. هن جو پورو نالو امرتراءِ حشمتراءِ جٿسنگهاڻي هو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ان بعد شڪارپور هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو. اڃا پنجين ڪلاس جو شاگرد هو جو ملڪ ۾ انگريزن جي راڄ خلاف قطع تعلقات واري تحريڪ شروع ٿي وئي. هن پڙهائي ڇڏي انهيءَ تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو. انهن ئي ڏينهن ۾ هن جي ملاقات سادو واسواڻي ۽ فرانسيسي فلاسافر پال رچرڊ سان ٿي، جيڪا اڳتي هلي گهري دوستيءَ ۾ تبديل ٿي وئي. هن پال رچرڊ سان گڏ سڄي سنڌ ۽ هندستان جي مختلف علائقن جو سير ڪيو. اڳتي هلي هو پال رچرڊ سان گڏ يورپ هليو ويو جتي فرانس ۽ سئيٽزرلينڊ سميت مختلف يورپي ملڪن جو سير ڪيائين. هن مصر، فلسطين، شام ۽ اتر آفريڪا جا ملڪ به گهمي ڏٺا. انهيءَ سفر جي ڪري کيس يورپي ۽ اسلامي تهذيبن بابت بي بها ڄاڻ حاصل ٿي انهيءَ ڄاڻ جي بنياد تي هن ڪيترائي انگريزي ڪتاب لکيا. سندس لکڻين کي سڄاڻ حلقن ۾ ڪافي مان مليو. هن ڪراچيءَ مان "نيو ايج" نالي هڪ ماهوار رسالو پڻ جاري ڪيو. 1934ع ۾ پنهنجي ڳوٺ موٽي آيو جتي سماجي ڪمن ۾ مشغول ٿي ويو. امر جٿسنگهاڻي هڪ بهترين شاعر هو. هن سام تخلص سان سنڌي، هندي، سرائيڪي، فارسي، اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ شاعري ڪئي. سندس گهرواري سرلا ديويءَ کي لاڙڪاڻي ضلعي جي پهرين ڊاڪٽرياڻي مڃيو وڃي ٿو. جنهن پنهنجي گهرواري جي شخصيت تي "جيتامڙي جي ڊائري" نالي ڪتاب لکيو سام جٿسنگهاڻيءَ جي حياتيءَ جو سفر 12 فيبروري 1988ع تي پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتو.

يوسف هارون



سنڌ جي هن مشهور سياسي ۽ ڪاروباري شخصيت جو جنم 1872ع ڌاري ڪراچيءَ ۾ ٿيو. هو ڪراچيءَ جي مشهور شخصيت سيٺ حاجي عبدالله هارون جو وڏو پٽ هو. قائداعظم محمد علي جناح جو ويجهو ساٿي هو ۽ تحريڪِ آزاديءَ ۾ ڀرپور حصو ورتائين هو 10 مئي 1944ع کان 8 مئي 1945ع تائين ڪراچيءَ جو "ميئر" رهيو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ 18 فيبروري 1949ع کان 7 مئي 1950ع تائين وزيراعليٰ سنڌ طور ذميواريون سنڀاليائين. اڳتي هلي 20 مارچ 1969ع کان 25 مارچ 1969ع تائين فقط پنجن ڏينهن لاءِ اولهه پاڪستان جو گورنر رهيو. هن مشهور انگريزي اخبار ڊان جي ايڊيٽر ۽ آسٽريليا جي هاءِ ڪمشنر طور پڻ ڪم ڪيو هن 12 فيبروري 2011ع ۾ نيويارڪ ۾ وفات ڪئي.

حميد کهڙو



اڄ مشهور ليکڪا، تعليمي ماهر ۽ سياستدان ميڊم حميد کهڙو جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي وزيراعليٰ سنڌ جي هن نياڻيءَ جو جنم 13 آگسٽ 1936ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو هن جو ننڍپڻ لاڙڪاڻي جي ڳوٺ عاقل ۾ گذريو جتان ابتدائي تعليم حاصل ڪيائين ڪراچي يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪيائين اڳتي هلي يونيورسٽي آف لنڊن مان ڏکڻ ايشيا جي تاريخ تي پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين هن ڪجهه عرصو آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهايو وطن واپس ورڻ بعد

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

ABC CERTIFIED

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال

روزاني عبرت

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي

روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

خميس 12 فيبروري 2026ع

سون مهانگي ٿيڻ جا عام ماڻهوءَ تي اثر!

ملڪي معيشت ۾ سون جي قيمت ۾ واڌاري جا اثر هميشه عام ماڻهوءَ جي زندگي تي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. پر هاڻي صورتحال خاص ڪري غريب طبقي لاءِ تمام ڏکي ٿي وئي آهي. تازن ڏينهن ۾ بين الاقوامي مارڪيٽ ۾ سون جي قيمت هڪ ڀيرو ٻيهر وڌي وئي آهي، جنهن سبب سون عوام جي پهچ کان وڌيڪ پري ٿي ويو آهي. بين الاقوامي بلين مارڪيٽ ۾ سون جي قيمت في اونس 5 هزار 58 ڊالر تائين پهچي وئي آهي، جيڪا گذريل ڏينهن کان 23 ڊالر وڌيڪ آهي. هن واڌاري جو رجحان مقامي صرافه بازارن تي پڻ اثرانداز ٿيو آهي، جتي 24 قيراط واري سون جي قيمت في تولو 5 لک 28 هزار 562 روپين تائين پهچي وئي، جڏهن ته في 10 گرام سون جي قيمت 4 لک 53 هزار 156 روپين تي پهچي وئي آهي. اهو اضافو صرف عددي انگ نه آهي، بلڪ عام ماڻهن جي روزمره جي زندگي تي وڏو اثر ڇڏيندو آهي. پاڪستان ۾ سون خريد ڪرڻ نه صرف سرمائيداري جي علامت سمجهيو ويندو آهي، بلڪ اهو رواجي شادي، ڏاج ۽ خاص رسمن ۾ پڻ استعمال ٿئي ٿو. خاص طور تي غريب خاندانن لاءِ سون هڪ اهڙي شيءِ آهي، جيڪا نياڻين جي ڏاج ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿي. پر سون جي قيمت ۾ واڌاري سبب هاڻي اهي خاندان اهو ٿورو گهڻو سون جيڪو اڳ حاصل ڪري سگهيا ٿي، تنهن کان هاڻي قاصر آهن. اهو هڪ انتهائي نازڪ سماجي مسئلو بڻجي چڪو آهي. ملڪ ۾ غربت ۽ بي روزگاريءَ جا انگ اکر اڳ ۾ ئي بلند آهن ۽ سون جي مهانگي ٿيڻ سان غريب طبقي جي معاشي دٻاءَ ۾ اضافو ٿيو آهي. موجوده واري صورتحال ۾، معاشي استحڪام جا انتظام ۽ معيشت ۾ متوازن پاليسيون لازمي بڻجي وڃن ٿيون. جيتوڻيڪ سون جي قيمت ۾ واڌ جو تعلق بين الاقوامي مارڪيٽ سان آهي، جتي عالمي طلب ۽ سپلاءِ ڊالر جي تبديلي ۽ عالمي سياسي ۽ معاشي صورتحال سون جي قيمت کي متاثر ڪن ٿا. پاڪستان ۾ ان جي اثر کي گهٽائڻ لاءِ حڪومت کي صرافه بازارن ۾ ضابطي ۽ عوام لاءِ سرڪاري مدد فراهم ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن غريب طبقي کي اهڙين اهم رسمن ۾ پريشاني نه ٿيڻ ڏي.

اهو پڻ ياد رکڻ ضروري آهي ته سون صرف دولت جو ذريعو ناهي، بلڪ ثقافتي ۽ سماجي طور تي به اهم آهي. سنڌ ۽ ٻين صوبن ۾ نياڻين جي ڏاج ۾ سون ڏيڻ هڪ روايت آهي، جيڪا صديون پراڻي آهي. پر هاڻي جڏهن اهو رواجي تحفو به عام ماڻهن جي پهچ کان ٻاهر ٿي وڃي ٿو ته ان جو اثر خاندانن جي سماجي زندگيءَ تي پڻ پوي ٿو. غريب خاندانن کي پنهنجين روايتي رسمن کي نڀائڻ ۾ مشڪلات پيش اچي رهي آهي ۽ اهو هڪ اهڙو مسئلو آهي، جنهن کي صرف اقتصادي نه بلڪ سماجي نقطه نظر سان پڻ ڏسڻ جي ضرورت آهي. چڱي خبر اها آهي ته اهڙي صورتحال ۾ حڪومت ۽ سماجي تنظيمن طرفان شعوري قدم کنيا وڃن ٿا. مقامي سطح تي صرافه بازارن ۾ قيمتن کي متوازن رکڻ، عوام کي سون جي قيمت بابت آگاهي ڏيڻ ۽ ضرورتمند خاندانن لاءِ سبسڊي يا امدادي پروگرام ترتيب ڏيڻ اهم آهن. ان سان نه صرف غريب نياڻين کي سنڌن روايتي رسمن ۾ مدد ملندي پر سماج ۾ اقتصادي ۽ ثقافتي استحڪام پڻ برقرار رهندو.

بهرحال، سون جو مهانگو ٿيڻ هڪ عالمي معاشي رجحان جو حصو آهي پر ان جو اثر مقامي سطح تي سڀ کان وڌيڪ عام ماڻهوءَ تي پوي ٿو. جڏهن سون جي قيمت وڌي وڃي ٿي ته اها رڳو دولت جي علامت نه ٿي رهي، بلڪ غريب طبقن جي روزمره جي زندگي ۽ ثقافتي رواجن تي به اثرانداز ٿئي ٿي. اسان کي گهرجي ته اهڙي صورتحال ۾ شعوري ۽ عملي قدم کنيا وڃن، جيئن معاشي دٻاءَ کي گهٽائي سگهجي ۽ هر خاندان کي پنهنجي رواجي رسمن ۽ ضرورتن کي پورو

غزه جي رت ۾ ٻڏل ڏرتي..!

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

غزه بورڊ آف پيس جي پهرئين اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻ واري فيصلي سان پاڪستان عالمي سفارتڪاري جي ڌيان جو مرڪز بڻجي ويو آهي. عالمي ميڊيا رپورٽن موجب امريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي اڳواڻي ۾ قائم هن بورڊ جي امڪاني اجلاس ۾ وچ اوڀر خاص طور تي غزه جي مسئلي بابت ڪا اهم اڳڀرائي ٿيڻ جا امڪان ظاهر ڪيا پيا وڃن. عالمي تجزيه نگارن جو چوڻ آهي ته ايندڙ ڪجهه مهينن اندر فلسطين واري تڪرار بابت ڪو اهڙو غير متوقع حل سامهون اچي سگهي ٿو جيڪو نه رڳو علائقي جي صورتحال تبديل ڪندو پر دنيا جي وڏين طاقتن وچ ۾ نون اتحادن ۽ نئين سياسي ترتيب جو به سبب بڻجي سگهي ٿو. گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قرارداد نمبر 2803 جي منظوري ڪانپوءِ ڊونلڊ ٽرمپ پاران قائم ڪيل 'بورڊ آف پيس' کي غزه امن منصوبي جي مختلف مرحلن جي نگراني ڪرڻ لاءِ عارضي ذميواري سان گڏ عالمي حمايت به حاصل ٿي وئي آهي. يعني هاڻي هي بورڊ غزه ۾ امن واري رٿا تي عمل ڪرائڻ ۽ ان جي اڳڀرائي ڏسڻ جو ڪم سنڀاليندو. بورڊ جي چارٽر موجب ٽرمپ کي اڻ اعلانيل مدي لاءِ تاحيات چيئرمين رکيو ويو آهي ۽ کيس اهو خاص اختيار به ڏنو ويو آهي ته هو ٻين ملڪن کي شموليت جي دعوت ڏئي سگهي. هن وقت تائين لڳ ڀڳ سٺ ملڪن کي شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني وئي آهي، جڏهن ته سرڪاري اعلان مطابق پاڪستان کي هن بورڊ جو باني ميمبر قرار ڏنو ويو آهي. ان کان علاوه، هن قرارداد تحت بورڊ آف پيس کي فلسطيني علائقن ۾ عارضي امن فوج مقرر ڪرڻ جي به اجازت ملي وئي آهي ته جيئن علائقي ۾ امن امان کي يقيني بڻائي سگهجي. بورڊ آف پيس جي نگرانيءَ هيٺ غزه ۾ امن ۽ امان قائم رکڻ لاءِ ڪجهه اهم قدم رکيا ويا آهن: فلسطين ۾ نيشنل ڪاميٽي براءِ انتظام 'غزه' قائم ڪرڻ، هڪ بين الاقوامي استحڪام فوج جي تعيناتي ۽ جنگ سبب تباهه ٿيل علائقن جي ٻيهر تعمير لاءِ ورلڊ بينڪ جي مدد سان هڪ ٽرسٽ فنڊ جو قيام. منصوبي موجب جڏهن بين الاقوامي امن فوجون مقرر ٿي وينديون، تڏهن اسرائيلي فوج کي غزه جي گهڻن علائقن مان نڪرڻو پوندو. ان سان گڏ بورڊ آف پيس کي مقامي فلسطيني پوليس جي تربيت ۽ مدد ڪرڻ جو به اختيار حاصل آهي. هينئر تائين جي ڄاڻ موجب، ٽرمپ جي دعوت تي پاڪستان سان گڏ ارجنٽينا، بحرين، مصر، هنگري، انڊونيشيا، اردن، قطر، سعودي عرب، ترڪي، گڏيل عرب امارات، ازبڪستان ۽ ويٽنام به بورڊ جو حصو بڻجي چڪا آهن. جڏهن ته وڏن ملڪن جهڙوڪ فرانس، جرمني، روس، چين ۽ برطانيا کي شامل نه ڪيو ويو آهي. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته ورلڊ اڪنامڪ فورم دوران ڪينيڊا جي وزيراعظم مارڪ ڪارني جي تنقيدي تقرير ڪانپوءِ ٽرمپ ڪينيڊا کي ڏنل شموليت واري دعوت واپس وٺي ڇڏي.

تاريخي طور پاڪستان پنهنجي قيام کان اڳ فلسطين جي مظلوم عوام سان همدردي ظاهر ڪندو رهيو آهي. قائداعظم جي قيادت هيٺ 23 مارچ 1940ع جي جلسي ۾ فلسطينين جي حمايت ۾ قرارداد منظور ڪئي وئي هئي. آزادي ڪانپوءِ پاڪستان فلسطين واري مسئلي تي هميشه واضح ۽ اصولي موقف اختيار ڪيو آهي ته گڏيل قومن جي قرارداد مطابق ٻه رياستي حل (Two-State Solution) کي يقيني بڻايو وڃي. پاڪستان هميشه 1967ع واري سرحدن مطابق هڪ آزاد فلسطيني رياست جي حمايت ڪندو رهيو آهي. پاڪستان نه رڳو گڏيل قومن ۽ اسلامي تعاون تنظيم (او آءِ سي) جي اجلاس ۾ فلسطينين جي حق خودارادي جي مسلسل حمايت ڪئي آهي پر عرب- اسرائيل جنگن دوران عملي طور مظلومن جي ساٿ ۾ به بيٺو آهي. پاڪستان لاءِ فلسطين جو مسئلو صرف زمين يا سياست جو معاملو ناهي، پر اهو عوامي جذبات، نظرياتي وابستگي ۽ انساني همدردي سان پڻ ڳنڍيل آهي. اهڙي پس منظر ۾ ڪنهن به نئين امن منصوبي ۾ شامل ٿيڻ هڪ حساس فيصلو آهي، پر منهنجي نظر ۾، بورڊ آف پيس ۾ پاڪستان جو اهم ڪردار ادا ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي. جيڪڏهن اهڙي نازڪ موقعي تي پاڪستان هيڪ ڏيکاري ٿو ته ان جا منفي اثر ملڪ جي عالمي حيثيت تي پئجي سگهن ٿا. پر جيڪڏهن پاڪستان فلسطينين سان پنهنجي دوستي برقرار رکندي عملي قدم کڻي ٿو ته هو عالمي سطح تي هڪ ذميوار ۽ اهم ملڪ طور سامهون اچي سگهي ٿو ۽ جنگ کان متاثر غزه جي ٻيهر تعمير ۾ به اثرائتو حصو وٺي سگهي ٿو. ماضيءَ ۾ پاڪستان گڏيل قومن جي مختلف امن مشنن ۾ نمايان خدمتون انجام ڏئي چڪو آهي ۽ جتي به پاڪستاني امن دستا ويا آهن، اتي جي ماڻهن جو دل کٽي آيا آهن. هاڻي جيڪڏهن پاڪستان کي غزه ۾ بين الاقوامي استحڪام فورس ۾ شامل ٿيڻ جو موقعو ملي ٿو ته هو هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي پيشيوارانه عسڪري صلاحيت، تنظيم ۽ انساني خدمت جو لوهو مڃرائي سگهي ٿو.

آئون سمجهان ٿو ته موجوده وچ اوڀر جي صورتحال ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿي ته امريڪي صدر هاڻي صرف عارضي جنگبندي تائين محدود نه ٿو رهڻ چاهي، پر ڊگهي مدي واري استحڪام ۽ امن طرف اڳتي وڌڻ جو ارادو رکي ٿو. ڊونلڊ ٽرمپ بابت عالمي سياست ۾ مختلف رايا موجود آهن، پر اها حقيقت نظرانداز نه ٿي ڪري سگهجي ته هن وچ اوڀر ۾ سالن کان هلندڙ سفارتي جمود کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس دور حڪومت ۾ 'ابراهيم معاهدي' ذريعي عرب ملڪن ۽ اسرائيل وچ ۾ سفارتي لاڳاپا قائم ٿيا. هاڻي بورڊ آف پيس ذريعي غزه ۾ عارضي امن ۽ ٻيهر تعمير جو منصوبو پيش ڪرڻ مان ظاهر ٿئي ٿو ته ٽرمپ فلسطين جي تڪرار کي صرف فوجي رخ کان نه، پر انتظامي ۽ معاشي استحڪام جي نظر سان به ڏسي رهيو آهي. منهنجي خيال ۾ عالمي سياست ۾ اصل قيادت اها هوندي آهي جيڪا پيچيده تڪرارن ۾ به اڳتي وڌڻ جي همت رکي. هن وقت ٽرمپ جي اڳواڻي ۾ بورڊ آف پيس هڪ جرئت ڀريو سفارتي قدم طور ظاهر ٿيو آهي، جنهن جا اثر صرف غزه تائين محدود نه رهندا، پر عالمي امن تي به ڊگهي مدي وارا اثر ڇڏيندا. پاڪستان هميشه ٻن رياستن واري حل جي حمايت ڪندو رهيو آهي ۽ هڪ آزاد فلسطيني رياست جي قيام کي لازمي سمجهي ٿو. منهنجي خيال ۾ اڄ هر قدم سوچ ويچار سان کڻڻ ضروري آهي ۽ پاڪستان کي اهڙو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي جيڪو فلسطينين جي اعتماد کي ڪنهن به صورت متاثر نه ڪري. جيڪي ماڻهو پاڪستان جي هن منصوبي ۾ شموليت تي تنقيد ڪري رهيا آهن، آئون انهن کي اِهو ٿي چوڻ چاهيان ٿو ته پاڪستان جي ميدان ۾ موجودگي ئي مثبت ڪردار کي يقيني بڻائي سگهي ٿي. جيڪڏهن اسان پاڻ کي پري رکنداسين ته پيدا ٿيندڙ خالي جاءِ شايد اهي قوتون پرين، جيڪي فلسطين سان اسان جي جهڙي نظرياتي وابستگي نه رکنديون. هن وقت غزه جي رت ۾ ٻڏل ڌرتي پاڪستان جي بهادر سپوتن جي مدد جو انتظار ڪري رهي آهي، جيڪي ان علائقي کي سالن کان هلندڙ مظالم کان آزاد ڪرائي سگهن ٿا.

ايپسٽين اسڪينڊل: موساد جو مبينا ڪردار

اشتياق بيگ

بدنام زمانه جيفري ايپسٽين هاڻي هن دنيا ۾ موجود نه آهي، پر پنهنجي وفات ڪانپوءِ به هن اهڙو طوفان پيدا ڪيو آهي، جيڪو گهٽجڻ جو نالو ئي نٿو وٺي. تازو منظرعام تي آيل 'ايپسٽين فائلز' ۾ لکين دستاويزن ذريعي اهڙا هولناڪ انڪشاف سامهون آيا آهن جن سڄي دنيا ۾ وڏي هلچل مچائي ڇڏيو آهي. انهن فائلن ۾ امريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ، اڳوڻو صدر بل ڪلنٽن، برطانوي شهزادو اينڊريو، اڳوڻو وزيراعظم ٽوني بليئر، مائڪروسافٽ جو باني بل گيٽس، مشهور سائنسدان اسٽيفن هاڪنگ ۽ ڪيترائي ٻيون عالمي شخصيتون شامل آهن جن جا نالا ڪسي دنيا ۾ بحث ۽ سوالن جو سلسلو شروع ٿي چڪو آهي. اهو سلسلو اڃا به جاري آهي ۽ هر ڏينهن نوان انڪشاف سامهون اچڻ سان عالمي سطح تي اهڙي طوفان جو نقشو تبديل ٿي رهيو آهي، جيڪو سياسي، معاشرتي ۽ سماجي منظرنامي تي اثرانداز ٿي رهيو آهي. تقريباً 30 لک صفحا، هڪ لک 80 هزار کان وڌيڪ تصويرون ۽ 2 هزار کان وڌيڪ وڊيوز ۾ اهڙا انڪشاف سامهون آيا آهن جن ۾ ڪيترين عالمي شخصيتن جا مڪروه پهلو ۽ ڳجها ڪردار بظاهر ٿي ويا آهن. جيفري ايپسٽين 1953ع ۾ نيويارڪ جي هڪ وچولي طبقي جي گهر ۾ پيدا ٿيو هو. وڌيڪ تعليم يافته نه هو، پر ماڻهن کي متاثر ڪرڻ ۽ پاڻ کي طاقتور حلقن سان ڳنڍيل ڏيکارڻ ۾ غير معمولي مهارت رکندو هو. پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز هن هڪ اسڪول ٽيچر طور ڪيو، بعد ۾ هڪ سيڙپڪاري فرم قائم ڪئي، جنهن وسيلي پاڻ کي ملي مشير طور پيش ڪندي دنيا جي اميرءِ طاقتور ماڻهن تائين رسائي حاصل ڪئي ۽ وڏي دولت ڪمائي. ان دولت ۽ اثر رسوخ جي مدد سان هن پنهنجا پرائيويٽ جهاز، پرتعيش yacht ۽ ڪيريبين ۾ واقع جزيرو لٽل سينٽ جيمز خريد ڪيو، جيڪو پوءِ ميڊيا ۾ بدنام زمانه 'ايپسٽين آئيلينڊ' جي نالي سان مشهور ٿيو. پر ايپسٽين جي اصل طاقت صرف دولت ۾ نه هئي، پر عالمي سياستدانن، برطانوي شاهي خاندان جي ماڻهن ۽ ارب پتي سيڙپڪارن سان سندس ويجهن لاڳاپن ۾ به هئي، جيڪي هن کي هڪ خطرناڪ ۽ اثرائتي شخصيت بڻائيندا رهيا.

ايپسٽين هڪ ڏهاڪي کان وڌيڪ عرصي تائين ننڍڙين ڇوڪرين سان جنسي استحصال جو هڪ منظم بين الاقوامي نيٽورڪ هلائيندو رهيو هو. انهن ڇوڪرين کي پئسن جو لالچ ڏئي پنهنجي جزيري تي آڻيندو هو ۽ دنيا جي طاقتور شخصيتن جي سامهون پيش ڪندو هو. هن خوفناڪ ڪم ۾ سندس ويجهي ساٿي گيسلين ميڪسويل اهم ڪردار ادا ڪندي رهي، جيڪا يهودي ناول نگار رابرٽ ميڪسويل جي ڌيءُ آهي ۽ هن وقت امريڪي جيل ۾ سزا پوري ڪري رهي آهي. رابرٽ ميڪسويل اسرائيلي خفيه ايجنسي 'موساد' جو سينيئر ايجنٽ هو، جنهن جي جنازي ۾ اسرائيلي وزيراعظم ايهود بارڪ پڻ شرڪت ڪئي. ايپسٽين جا ڀڃڪڙيون جرائم 2005ع ۾ ظاهر ٿيا، جڏهن فلوريڊا پوليس کي هڪ 12 سالن جي ڇوڪري جي جنسي استحصال جي شڪايت ملي. هڪ متنازع قانوني معاهدي جي تحت کيس صرف 13 مهينن جي سزا ڏني وئي، پر ان جي باوجود هو پنهنجي ڏوهن کان باز نه آيو ۽ جيل مان آزاد ٿيڻ کانپوءِ سندس ڏوهه وڌي ويا. آخرڪار 2019ع جي شروعات ۾ ڪيس ننڍڙين ڇوڪرين سان جنسي استحصال جي الزام ۾ ٻيهر گرفتار ڪيو ويو، پر آگسٽ 2019ع ۾ هو نيويارڪ جي جيل ۾ مئل مليو. جنهن کي اختيارين خودڪشي قرار ڏنو. ايپسٽين فائلز جا انڪشاف مغرب جي اخلاقي پستيءَ کي ظاهر ڪن ٿا، جيڪي ٻڌائن ٿا ته انساني حقن جو علم بلند ڪندڙ ڪجهه مغربي ملڪن جا حڪمران ڪيتري حد تائين هيٺاهين ۾ قائل آهن. افسوس جوڳي ڳالهه اها آهي ته انهن دستاويزن ۾ ڪجهه اهڙيون شخصيتون به سامهون آيون، جن کي اسان پنهنجا هيرو سمجهندا هئاسين. جن ۾ سڀ کان اهم بل گيٽس آهي، جيڪو پاڪستان ۾ پوليو جي خاتمي لاءِ سرگرم عمل رهيو آهي. ايپسٽين فائلز ۾ پاڪستان جو به ذڪر آهي ۽ ايپسٽين پنهنجي هڪ اي ميل ۾ انهيءَ وقت جي وزيراعظم عمران خان کي روسي صدر ولاديمير پيوٽن، ايران جي سپريم ليڊر آيت الله خامنه اي ۽ ترڪي جي صدر طيب اردوان کان وڌو خطرو قرار ڏنو. اي ميل ۾ هن عمران خان بابت وڌيڪ لکيو ته ”هن شخص منهنجي ارب پتي يهودي دوست جمي گولڊ اسمٿ جي ڌيءَ سان شادي ڪئي ۽ کيس مذهب تبديل ڪرڻ تي راضي ڪيو.“

جيفري ايپسٽين جو عروج جيترو پراسرار هو، ان جو انجام به ايترو ئي عبرتناڪ رهيو. سندس موت سان جنسي استحصال جا اسڪينڊل وڌيڪ پراسرار بڻجي ويا. جيفري ايپسٽين هاڻي دنيا ۾ موجود نه آهي، پر موت کان پوءِ هو اڳ کان وڌيڪ خطرناڪ ظاهر ٿيو آهي ۽ سندس زندگي ۽ نيٽورڪ سان جڙيل جنسي استحصال جي اسڪينڊلن عالمي سياست، معيشت ۽ طاقت جي مرڪزن کي لوڏي ڇڏيو آهي. اسڪينڊل منظرعام تي اچڻ ڪانپوءِ اها ڳالهه واضح ٿي وئي آهي ته ايپسٽين اهو نيٽورڪ اڪيلو نه هلائيندو هو، بلڪ کيس مبينا طور اسرائيلي خفيه ايجنسي 'موساد' جي سرپرستي حاصل هئي. اهڙي صورتحال ۾ جڏهن امريڪا ايران تي حملو ڪرڻ ۾ هٻڪيل آهي، اسرائيل جي ڪوشش اها آهي ته امريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ فوري طور ايران تي حملو ڪري ۽ اسرائيلي منصوبو 'رجيم چينج' ڪامياب بڻائي. انهيءَ پس منظر ۾ ڊونلڊ ٽرمپ جا جيفري ايپسٽين سان تعلقات، ڪيترين تصويرن جو اچڻ ۽ منظرعام تي اچڻ ۽ ٽرمپ تي شديد تنقيد ۽ دٻاءُ جو سبب بڻجڻ رڳو اتفاق نه آهي. پر ان جو تعلق موساد سان آهي، جيڪا 'ايپسٽين آئيلينڊ' تي ننڍڙين ڇوڪرين سان خفيه طور تي رڪارڊ ڪيل مواد کي بليڪ ميلنگ، سفارتي دٻاءُ ۽ پنهنجي ناپاڪ مقصد لاءِ استعمال ڪري سگهي ٿي. جنهن سان ظاهر ٿئي ٿو ته مغربي طاقتون ۽ انهن جون خفيه ايجنسيون پنهنجي مقصدن جي حصول لاءِ ڪنهن حد تائين ڪري سگهن ٿيون.

لطيفي لاٽ ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

وَهَ تِڪَ، واھُڙَ تِڪَ، جِت نِينهن، تِڪَ نِرالِي؛
جِن کي عِشقُ عَمِيقُ جو، خِلوَتَ خِيالِي؛
وارِئين سا، والِي! هِنئڙو جِن هَٽِ ڪيو.

بدعنوانيءَ جي حوالي سان مُلڪي ساک ۾ هڪ درجو بهتري!

ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاران جاري ڪيل ڪرپشن پرسيپشن انڊيڪس 2025 (CPI) ۾ پاڪستان جي بدعنواني جي صورتحال ۾ ٿوري بهتريءَ جو اشارو مليو آهي. گذريل سال جي مقابلي ۾ پاڪستان جو مجموعي اسڪور هڪ درجو بهتر ٿي 28 تائين پهچي ويو آهي، جنهن سان ملڪ 136هين پوزيشن حاصل ڪري ورتي آهي. رپورٽ موجب گذريل ڇهن سالن دوران پاڪستان ۾ سڀني حڪمرانن، ادارن ۽ سڌارن ۽ بدعنوانيءَ جي خاتمي لاءِ ڪيل مستقل قدمن سبب مجموعي اسڪور ۾ مسلسل بهتريءَ جو رجحان برقرار آهي. ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل رپورٽ ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته پاڪستان ۾ نه صرف پبلڪ سيڪٽر ۽ انتظامي شعبن ۾، پر قانون ساز ادارن ۽ عدليه ۾ پڻ بدعنوانيءَ ۾ نمايان گهٽتائي آئي آهي. خاص طور تي انتظامي بدعنوانيءَ ۽ عدالتي ڪرپشن ۾ انگن اکرن مطابق پنج پوائنٽن تائين بهتري نوٽ ڪئي وئي آهي. 2025 ۾ عالمي سطح تي 182 ملڪن جو جائزو ورتو ويو، جڏهن ته 2024 ۾ 180 ملڪن جو سروي ڪيو ويو هو. 2021 کان 2025 تائين پاڪستان جي پوزيشن ۾ چار درجا سڌارو آيو جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته گذريل سالن ۾ بدعنوانيءَ جي خاتمي لاءِ ملڪ ڪيترائي اهم قدم کنيا آهن. ڊسمبر 2025 ۾ ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان پڻ پنهنجي سالياني رپورٽ جاري ڪئي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته ٽن مان ٻه شهري ڪڏهن به سرڪاري ادارن ۾ بدعنوانيءَ يا بي ضابطگيءَ جو شڪار نه ٿيا. ان کان علاوه، گذريل هفتي ايف پي سي سي آءِ جي سهڪار سان IPSOS پاران جاري ڪيل رپورٽ ۾ جيئو ويو ته 67 سيڪڙو پاڪستانين بدعنوانيءَ ۽ 76 سيڪڙو اقربا پروري کي ڪڏهن به منهن نه ڏنو. رپورٽ ۾ دنيا جي 182 ملڪن ۾ بدعنوانيءَ جي تاثر جو جائزو ورتو ويو. ريفارمز رپورٽ موجب گذريل سال پاڪستان جي 135 سرڪاري ادارن ۾ 600 کان وڌيڪ ڪامياب سڌارا عمل ۾ آيا، جيڪي بدعنوانيءَ جي خاتمي لاءِ اهم قدم سمجهيا وڃن ٿا. اهو رجحان ڏيکاري ٿو ته پاڪستان مسلسل اصلاحات، شفافيت ۽ بهتر انتظامي نظام طرف وڌي رهيو آهي، جيڪو نه صرف بين الاقوامي سطح تي ملڪ جي ساک مضبوط ڪندو، پر شهري اعتماد ۽ معاشرتي اعتماد پڻ وڌائيندو.

اڄوڪو ڏينهن ـ 12 فيبروري

ساز علي ساز شيخ

اڄ سنڌ جي مشهور شاعر ۽ استاد ساز علي ساز جو جنم ڏينهن آهي. هن ناليواري اديب 12 فيبروري 1916ع تي محمد بخش شيخ جي گهر ۾ شڪارپور ۾ اکيون کوليون. گريجوئيٽ ٿيڻ تائين شڪارپور جي مختلف تعليمي ادارن ۾ پڙهيو. ان بعد ڪراچيءَ مان ايل ايل بي جي سند وٺي سنڌ مدرسي ۾ استاد مقرر ٿيو ڪجهه وقت فوج ۾ ميجر جي عهدي تي ڪم ڪيائين. ان بعد ميرپورخاص ۾ وڪالت ڪيائين. هن ڪاليج ۾ پڙهڻ واري زماني کان شاعري شروع ڪئي. شاعريءَ ۾ آغا صوفيءَ کان اصلاح وٺندو هو ۽ بزم مشاعره ۾ شرڪت ڪندو هو. شڪارپور جي سي اينڊ ايس ڪاليج مان شايع ٿيندڙ رسالي ”ايرسنڊ“ جو ايڊيٽر پڻ رهيو. سندس شاعري ۽ مضمون ماهوار رسالي سنڌوءَ ۾ شايع ٿيندا رهندا هئا. هن 7 مئي 1964ع ۾ وفات ڪئي.

مايا موهن ملڪ



اڄ سنڌي بوليءَ جي مشهور ليکڪا ۽ گلوڪاره مايا موهن ملڪا جي جنم جو ڏينهن آهي. هن جو جنم 12 فيبروري 1937ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو. هن جو والد جيوترام شيامداس ملڪاڻي هڪ پيٽروليم ڪمپنيءَ ۾ آفيسر هو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پنهنجي ڪٽنب سان هندستان لڏي وئي. گهر ٻولو جو ابداريون سنڀالڻ سان گڏ هن ڪيترائي مضمون، ڪهاڻيون، پوڳ جرچا ۽ گهرٻولو ٽوٽڪا مشهور هفتيوار اخبار هندواسيءَ ۾ ڇپرايا. هن جي مضمونن جو هڪ ڪتاب ”سوچن جا موتي“ پڻ شايع ٿي چڪو آهي. هوءَ هڪ سٺي راڳيندڙ هئي ۽ اڪثر مندرن ۽ گردوارن تي ڀڄن ۽ مذهبي گيت ڳائيندي هئي. نجي محفلن ۾ پراڻا فلمي گيت به جهونگاريندي هئي. هن 7 آگسٽ 2020ع تي هن دنيا مان موڪلايو.

رضوان عمراڻي



اڄ سنڌ جي مشهور چترڪار ۽ آرٽسٽ رضوان عمراڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هن ناليواري مصور 12 فيبروري 1938ع تي لاڙڪاڻي شهر ۾ محمد شفيع عمراڻيءَ جي گهر ۾ اکيون کوليون. مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ پائيليٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان 1958ع ۾ ۽ بي اي جو امتحان ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان 1962ع ۾ پاس ڪيائين. اڳتي هلي بي ايڊ جي سند به حاصل ڪيائين. هن عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول جي استاد طور ڪئي ۽ 1995ع ۾ رٽائر ٿيو. هن لڳ ڀڳ 4 هزار پينٽنگس ناهيون. جن جي نمائش اسلام آباد، ڪراچيءَ ۽ لاهور سميت ملڪ جي مختلف حصن ۾ ٿي چڪي آهي. هن لاڙڪاڻي ۾ مڊر آرٽس گئلري قائم ڪئي هئي، جيڪا هاڻي بند ٿي وئي آهي.

پروفيسر محمد اسماعيل ڪنير

سنڌ جي هن زرعي ماهر محقق ۽ ڪالم نگار جو جنم 12 فيبروري 1968ع تي بدين جي ننڍڙي شهر پنگريءَ ۾ ٿيو. سندس والد محمد خان ڪنير جو

ڪرڻ کان پوءِ سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿيو. جتان 1979ع ۾ بي ايس سي جي سند حاصل ڪيائين. 1992ع ۾ هاءِ اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو. پر ڏيڍ سال کان پوءِ استعيفا ڏئي ايم ايس سي ۾ داخلا ورتائين. 1995ع ۾ ايم ايس سي جي سند حاصل ڪري 1996ع ۾ سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. 2015ع ۾ ساڳي يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين. اڄڪلهه يونيورسٽيءَ جي ايڊيوڪيشن ايڪسٽينشن ۾ پروفيسر ۽ چيئرمين طور ڪم ڪري رهيو آهي. پروفيسر ڪنير سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب، اخبارن ۽ تحقيقي رسالن ۾ مقالا لکيا آهن. اسين سنڌ جي هن معزز انسان کي سندس جنم ڏينهن تي مبارڪباد ڏيون ٿا.

وندانا نرنڪاري



اڄ هندستان جي مشهور سنڌي گلوڪاره وندانا نرنڪاريءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هوءَ گانڌي نگر ڪولهاپور ۾ 12 فيبروريءَ تي ڄائي ۽ جين ڪاليج بلگام مان تعليم حاصل ڪيائين. هن جو ڏاڏو پگهوانداس ٽيڪچند نرنڪاري به هڪ سٺو راڳيندڙ هو. جيڪو اصل ۾ لاڙڪاڻي جي ڳوٺ ڦل وڏا جو رهواسي هو. هن جو والد امرت نرنڪاري ۽ ماءُ سنيتا به سُريلي آواز جا مالڪ آهن. سُر ۽ سنگيت سان واسطو رکندڙ خاندان سان واسطو رکڻ سبب هن به ننڍي هوندي کان ئي ڳائڻ شروع ڪيو. شروع ۾ اسڪول جي تقريبن ۽ مقامي موسيقيءَ جي محفلن ۾ ڳائڻ شروع ڪيائين ۽ پنهنجي سُريلي ۽ مٺڙي آواز سان ٿوري ئي عرصي ۾ سڄي هندستان جي سنڌي گهراڻن ۾ سندس آواز سارا هجڻ لڳو. هن وقت سندس شمار هندستان جي ٽاپ ڪلاس سنڌي ڪلاڪارائن ۾ ٿئي ٿو. هوءَ ڀڄن، صوفي ڪلام، هندستاني فلمي گيت ۽ سنڌي لاڏا وغيره پنهنجي سريلي آواز ۾ ڳائيندي رهي آهي. هن پراڻن سنڌي ڪلامن کي نئين انداز ۾ ڳائي ڪافي مقبوليت حاصل ڪئي آهي. هوئن ته هن جا ڳايل سمورا گيت مشهور ٿيا آهن پر خاص طور تي ”سنڌي اباڻي ٻولي“، ”لاٽجي چا ۾ راضي آ“ ۽ ”سڪ ۾“ مقبوليت جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن. هوءَ هندستان کان علاوه دنيا جي ٻين به ڪيترن ئي ملڪن ۾ پنهنجي آواز جو جادو جاڳائي چڪي آهي.

عثمان فقير سانگي

اڄ سنڌ جي مشهور صوفي شاعر ۽ بزرگ عثمان فقير جي وفات جو ڏينهن آهي. ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ مطابق عثمان فقير جي ولادت جي تاريخ 16 صفر 1193هه مطابق 24 نومبر 1778ع ۽ وفات جي تاريخ 21 رجب 1277هه مطابق 12 فيبروري 1860ع آهي. سندس تعلق لاڙڪاڻي تعلقي جي ڳوٺ جامڙي سانگيءَ سان هو. ابتدائي سبق پنهنجي والد خير محمد سانگيءَ وٽ پڙهيو. عربي ۽ فارسيءَ جي چڱي ڄاڻ هئس. هو سنڌي ۽ سرائيڪي ڪافين جو وڏو شاعر هو. سندس شاعريءَ جا ڪجهه ڇڪا شڪارپور جي منشي پوڪر داس 1906ع کان 1910ع واري دور ۾ ڇپرايا. ڊاڪٽر نواز علي شوق سندس شاعريءَ جو مجموعو ”ڪلام عثمان فقير سانگي“ جي نالي سان 2004ع ۾ ڇپرايو.

مختيار اٽو

مطابق سنڌي، فارسي، عربي ۽ ديني تعليم خانگي طور حاصل ڪيائين. 1907ع ۾ پوليس کاتي ۾ ڪانسٽيبل مقرر ٿيو پر ٿوري ئي عرصي ۾ انهيءَ نوڪريءَ تان استعيفا ڏنائين. ڪجهه عرصو اسٽامپ وينڊر طور ڪم ڪيائين. 1909ع ۾ سرڪار وٽ گروي ٿيل اباڻي زمين ڪيس واپس ملي. 1914ع ۾ پهرين عالمگير جنگ ۾ انگريز سرڪار کي هڪ لک رپيا قرض ڏنائين، جنهن ڪري انگريز سرڪار کيس ”خانبهادر“ ۽ ”آرڊر آف برٽش ايمپائر“ جا خطاب ڏنا. هن لاڙ جي عوام ۾ تعليمي جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ لاثاني ڪارناما سرانجام ڏنا. 1918ع ۾ ٽنڊي باگي ويجهو سندس جاگير ۾ قائم ڳوٺ نبي بخش رستماڻيءَ ۾ هڪ بورڊنگ هائوس تعمير ڪرايائين 1920ع ۾ ٽنڊي باگي ۾ هڪ انگريزي اسڪول قائم ڪيائين، جيڪو اڄ به مير غلام محمد ٽالپر هاءِ اسڪول جي نالي سان موجود آهي هن پري کان ايندڙ شاگردن لاءِ هڪ هاسٽل به تعمير ڪرائي، جتي کين مفت کاڌو ۽ رهائش ڏني ويندي هئي. هن ٽنڊي باگي ۾ نياڻين جو اسڪول، ويم گهر ۽ خيراتي اسپتال پڻ ٺهرائي. هو ڪيترن ئي غريب شاگردن کي تعليم پرائڻ لاءِ ماهانه وظيفا به ڏيندو هو ۽ پرڏيهه مان اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اسڪالرشپ ڏيندو هو. هن امداد انسان 12 فيبروري 1932ع تي لاڏاڻو ڪيو.

امام الدين ضامن

امام الدين ضامن مشهور مزاحيه شاعر هو اڄ سندس ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن ميهڙ ويجهو ديهي ڳوٺ ۾ 16 مارچ 1909ع تي اکيون کوليون. اڃا ڇهن پنجن سالن جو مس هو جو سندس والد وفات ڪئي. ان ڪري فقط پرائمري تعليم حاصل ڪري قلندر شهباز جي مزار تي ملنگ ٿيو ۽ ڪيترائي سال اتي گذاريائين. ان بعد ٽپال کاتي ۾ ملازمت ڪيائين. مرحوم شمس الدين بلبل جي صحبت ۾ رهي شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين. هن 12 فيبروري 1959ع تي وفات ڪئي.

رحيمداد مولائي شيدائي

اڄ سنڌ جي نامور تاريخدان رحيمداد مولائي شيدائيءَ جي وفات جو ڏينهن آهي. سنڌ جي تاريخ جي هن وڏي مورخ جو جنم 1894ع ڌاري شير محمد خان بروهيءَ جي گهر ۾ سکر ۾ ٿيو. ان وقت جي دستور مطابق ابتدائي ديني تعليم سکر جي مدرسن مان حاصل ڪيائين. فارسيءَ جا ڪجهه ڪتاب به پڙهيائين. ان بعد سکر ميونسپل هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ ويٺو. اڃا مئٽرڪ ۾ هو جو سندس والد ريلوي کاتي مان رٽائر ٿيو. ان ڪري پڙهائي ڇڏي سن ڪوٽا تي ريلوي ۾ ملازمت اختيار ڪيائين ۽ گارڊ طور 1939ع ۾ رٽائر ٿيو. کيس سنڌ جي تاريخ سان ننڍي هوندي کان ئي عشق هو. هن جا ڪيترائي تاريخي مضمون ستاره سنڌ، توحيد، زميندار سميت ٻين اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا. هن روزاني اخبار آزاد ۾ نائب ايڊيٽر ۽ روزاني هلال پاڪستان جي چيف ايڊيٽر طور به ڪم ڪيو. 1950ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ فيلو طور ڪم ڪيائين. هن جي لکيل تاريخي ڪتابن ۾ جنت



هن نامور اديب ۽ سماج سڌارڪ جو جنم 3 جون 1903ع تي ڳوٺ طيب تعلقي رتيديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. هن جو پورو نالو امرتراءِ حشمتراءِ جٽسنگهاڻي هو هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ان بعد شڪارپور هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو اڃا پنجين ڪلاس جو شاگرد هو جو ملڪ ۾ انگريزن جي راڄ خلاف قطع تعلقات واري تحريڪ شروع ٿي وئي هن پڙهائي ڇڏي انهيءَ تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو انهن ئي ڏينهن ۾ هن جي ملاقات سادو واسواڻي ۽ فرانسيسي فلاسافر پال رچرڊ سان ٿي، جيڪا اڳتي هلي گهري دوستيءَ ۾ تبديل ٿي وئي هن پال رچرڊ سان گڏ سڄي سنڌ ۽ هندستان جي مختلف علائقن جو سير ڪيو اڳتي هلي هو پال رچرڊ سان گڏ يورپ هليو ويو، جتي فرانس ۽ سئٽزرلينڊ سميت مختلف يورپي ملڪن جو سير ڪيائين هن مصر، فلسطين، شام ۽ اتر آفريڪا جا ملڪ به گهمي ڏٺا. انهيءَ سفر جي ڪري کيس يورپي ۽ اسلامي تهذيبن بابت بي بها ڄاڻ حاصل ٿي انهيءَ ڄاڻ جي بنياد تي هن ڪيترائي انگريزي ڪتاب لکيا. سندس لکڻين کي سڄاڻ حلقن ۾ ڪافي مانُ مليو هن ڪراچيءَ مان ”ٽيوابچ“ نالي هڪ ماهوار رسالو پڻ جاري ڪيو 1934ع ۾ پنهنجي ڳوٺ موٽي آيو جتي سماجي ڪمن ۾ مشغول ٿي ويو اڄ جٽسنگهاڻي هڪ بهترين شاعر هو هن سام تخلص سان سنڌي، هندي، سرائيڪي، فارسي، اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ شاعري ڪئي سندس گهرواري سرلا ديويءَ کي لاڙڪاڻي ضلعي جي پهرين ڊاڪٽرياڻي ٿيڻ جو اعزاز حاصل ٿيو جنهن پنهنجي گهرواري جي شخصيت تي ”جيتامڙي جي ڊائري“ نالي ڪتاب لکيو سام جٽسنگهاڻيءَ جي حياتيءَ جو سفر 12 فيبروري 1988ع تي پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتو.

يوسف هارون



سنڌ جي هن مشهور سياسي ۽ ڪاروباري شخصيت جو جنم 1872ع ڌاري ڪراچيءَ ۾ ٿيو. هو ڪراچيءَ جي مشهور شخصيت سيٺ حاجي عبدالله هارون جو وڏو پٽ هو. قائداعظم محمد علي جناح جو ويجهو ساٿي هو ۽ تحريڪ آزاديءَ ۾ ڀرپور حصو ورتائين هو 10 مئي 1944ع کان 8 مئي 1945ع تائين ڪراچيءَ جو ”ميئر“ رهيو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ 18 فيبروري 1949ع کان 7 مئي 1950ع تائين وزيراعليٰ سنڌ طور ذميواريون سنڀاليائين. اڳتي هلي 20 مارچ 1969ع کان 25 مارچ 1969ع تائين فقط پنجن ڏينهن لاءِ اولهه پاڪستان جو گورنر رهيو. هن مشهور انگريزي اخبار ڊان جي ايڊيٽر ۽ آسٽريليا جي هاءِ ڪمشنر طور پڻ ڪم ڪيو هن 12 فيبروري 2011ع ۾ نيويارڪ ۾ وفات ڪئي.

حميد کهڙو

اڄ مشهور ليکڪا، تعليمي ماهر ۽ سياستدان ميڊم حميده کهڙو جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي وزيراعليٰ سنڌ جي هن نياڻيءَ جو جنم 13 آگسٽ 1936ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو هن جو ننڍپڻ لاڙڪاڻي جي ڳوٺ عاقل ۾ گذريو جتان ابتدائي تعليم حاصل ڪيائين ڪراچي يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪيائين اڳتي هلي يونيورسٽي آف لنڊن مان ڏکڻ ايشيا جي تاريخ تي پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين هن ڪجهه عرصو آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهايو وطن واپس ورڻ بعد

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ جي نالي کليل خط



عبدالمجيد مغيري

چيئرمين پيپلز پارٽي جناب بلاول ڀٽو زرداري صاحب! اوهان جنهن پارٽيءَ جا چيئرمين آهيو، اُن پارٽيءَ کي دنيا شهيدن جي پارٽيءَ جي نالي سان سڃاڻي ٿي. دنيا وارا اهو به ڄاڻن ٿا ته شهيدن جي پارٽي، پاڪستان جي وجود جي بقا، ترقي، عوام جي خوشين ۽ خوشحاليءَ جي ضمانت ڏي ٿي. جنهن جو ثبوت تاريخ جو وڏو عظيم ڪارنامو پاڪستان کي ملڪ ايٽمي سگهه آهي، جنهن جي بدولت اڄ پاڪستان دنيا جي ايٽمي طاقت رکندڙ ملڪن جي پهرين صف ۾ فخر سان نروار بيٺل آهي. وڏيون طاقتون پڻ پاڪستان جي سلامي پيا ڀرين.

چيئرمين صاحب! دنيا وارا اهو به ڄاڻن ٿا ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي تاريخ دردناڪ المين سان ڀري پئي آهي. پارٽيءَ جي وجود کي ختم ڪرڻ لاءِ هر دؤر ۾ ملڪ ۽ عوام دشمن قوتن رستا روڪ ڪئي، وڏا حملا ڪيا، ظلمن جا پهاڙ ڪيرايا. پر هر ڀيري پنهنجي ليڊرن جي اڳواڻيءَ ۾ عوام ۽ نظرياتي جيالا هر دؤر جي دشمن اڳيان شيهي جي ديوار بڻجي بيهي رهيا ۽ سياسي، اخلاقي ويڙهه وڙهندا رهيا. پنهنجي قائدين ۽ پارٽيءَ سان بي پناهه محبت ڪندڙن جا اِن سفر ۾ پير پٿون، روح رتوڇاڻ ٿيندا رهيا، پنهنجن جو پڳهر وهيو، رت وهيو، جيلن پنهنجن فراخ سينن مٿان زهر سان ڀريل سنگينون ڪپنديون ڏٺيون، رت ريلا ڪندي وهندي ڏٺو. اکهاڙن لگن مٿان برسات جيئن وسندڙ ڦٽڪن جو درد سٺو، آمرن جابرن جي ڪال ڪوٺڙين ۾ قيدي بڻجي دردناڪ اذيتون برداشت ڪيون. ڦاسيءَ جي ڦندن کي چُميون ڏيئي 'جيئي ڀٽو' جا نعرا اُپ تائين پهچائيندي وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندي، خوشيءَ سان پنهنجا سرساهه صدقي ڪري امر ٿي ويا ۽ قافلو پنهنجي منزل طرف هلندو رهيو ۽ ظالم انسان طرفان ظلم ڪرڻ جو تسلسل جيئن جو تيئن جاري رهيو. حملن مٿان حملا ٿيندا رهيا. انهيءَ ئي تاريخي جدوجهد جي سفر ۾ وڏا قهر ٿيا، عظيم رهنما رهبر بنا ڪنهن ڏوهه جي شهيد ڪيا ويا. قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد راڻي محترما بينظير ڀٽو، ڪامريڊ شهيد شاهنواز ڀٽو، شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو، شهيد جمهوريت امڙ نصرت ڀٽو، پورو خاندان شهيد ٿي ويو ”سوڀون سِر گهرن“ قائدين حقيقي جمهوريت لاءِ پنهنجا سرساهه صدقي ڪري سوڀون ماڻيون. سنڌ ۾ ڀٽو خاندان ۽ عقيدتمندن جُون شهادتون تاريخ جو وڏو الميو آهي اڄ به پنهنجي شهيد رهنمائن لاءِ ڪروڙين اکيون آليون، روح اُداس آهن!!

جناب چيئرمين! فاتح ٿيڻ لاءِ لوڀ ۽ لالچ کان پري رهندڙ ۽ شهيد قائدين سان محبت ڪندڙ دلير جيالن ۽ اڳواڻن جي ساٿ جي ضرورت آهي نظرياتي جيالن جو شهيدن جي قافلي جي پهرين صف ۾ هجڻ ضروري آهي اهي نظرياتي جيالا هئا، جن پنهنجي شهيدن سان وفائن جا پرم رکي ڦاسي گهاٽ ڏانهن ويندڙ رستن مٿان رقصِ عشق ۾ مَحُوتي، ڦاسي گهاٽ تي پهچي 'جيئي ڀٽو' جا نعرا هڻندي ڦاسيءَ جي ڦندن کي چميون ڏيئي شهادتون ماڻيون وفاءَ ۽ عشق جي راند هئي، سُولي ۽ شهادت جي راند هئي ۽ هر دؤر ۾ اها راند کيڏيا، اڳتي وڌي جيئن جو تيئن سفر جاري رکي منزل طرف وڌندا رهيا.

محترم چيئرمين صاحب! اڃان پنڌ پراهون منزل ڏور آهي، اڳيان رڻ پٽ ۽ مخالفن جا لشڪر بيٺا آهن مستقبل جي سياسي حلقن کان اوهان پوريءَ ريت واقف آهيو. اوهان جي سياسي بسيرت، اعليٰ صلاحيتن کي دنيا مڃي ٿي، پنهنجي قوم کي اوهان تي ناز آهي. سنڌ حڪومت ڪافي بهتر ڪم ڪرڻ جي باوجود به سنڌ ۾ جنم وٺندڙ انتهائي پريشان ڪندڙ غير يقينيءَ وارين حالتن جو شهيدن جي پارٽيءَ مٿان ڏاڍو خراب اثر پئجي رهيو آهي. ڪجهه اڳواڻن جي ناڪاري عملن، ناقص ڪارڪردگيءَ سبب عوامي بيزاري وڌندي پئي وڃي، تسلي بخش اَمن ناهي، بدامني گهٽجڻ بدران وڌندي پئي وڃي، ماڻهو پاڻ کي محفوظ نٿا سمجهن. بااثر طاقتور فردن پاران ڪمزور ۽ بي پهچ غريب ماڻهن سان ٿيندڙ ظلمن جا داستان ڪچهرين جو موضوع بڻجي رهيا آهن. جنم وٺندڙ اهڙيون حالتون شهيدن جي عوامي پارٽيءَ لاءِ سٺو سنوڻ ناهي، جو ته طاقت جو سرچشمو عوام ۽ نوجوان هوندا آهن. عوام ۽ نوجوان گڏجي اٿندا آهن ته شهنشاهيتون اک ڇنڀ ۾ ڍهي مٽيءَ جو ڍير ٿي وينديون آهن. انقلابن جا سوڀارا بااثر فرد، سرمائيدار ۽ سرڪاري ڪامورا نه هوندا آهن پر عوام ۽ نوجوان هوندا آهن. هن وقت سنڌ ۾ اڪثريتي عوام ۽ نوجوان مايوسين، محرومين جو شڪار آهي، ان جو اهم سبب تعليمي مسئلا آهن ۽ خاص ڪري لکيل پڙهيل نوجوانن کي اهليت جي بنياد تي نوڪريون نه ملڻ وڌندڙ بيروزگاري آهي. نوجوان سخت احساس محروميءَ جو شڪار آهن نوڪريون هڪ ته سفارش ۽ ٻيو بااثر فردن، وڏو گريڊ رکندڙ ڪامورن جي اولاد کي لکين روپيا رشوت ڏيڻ جي عيوض ڏنيون پيون وڃن. سنڌ ۾ اهليت جو جنازو نڪري چڪو آهي. اهليت رکندڙ لکين ذهين اعليٰ تعليم يافته نوجوانن جو ڇا ٿيندو؟ سنڌ جو هاري، پورهيت، ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ مزدور ۽ هيٺئين طبقي سان واسطو رکندڙ گهٽ پگهار کڻندڙ سرڪاري ۽ نجي ادارن ۾ ڪم ڪندڙ ملازم جيڪي انتهائي مفلسيءَ واري زندگي گذارين پيا. پاڻ پيٽ سان پٿر ٻڌي بُکون ڪاٽي به پنهنجي اولاد جي روشن مستقبل ڪاڻ، اولاد کي پڙهائن پيا. انهن سان ۽ سنڌ جي غريب اولاد سان اهڙيون ناانصافيون ڇو؟ هڪ هاري، پورهيت، مزدور، پرائمريءَ کان يونيورسٽيءَ تائين پنهنجي اولاد کي تعليم ڏيارڻ لاءِ ڪيڏيون نه مشڪل حالتن کي منهن ڏي ٿو اعليٰ تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ انتهائي ذهين ۽ اهليت رکندڙ سنڌ جي اولاد کان اهليت جو حق کسي حڪومتي اهلڪار لکين روپين ۾ نوڪريون